


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واڪا ڪرڻ مون وس

(ڪالم ۽ ڪهاڻيون)

حاڪم علي ڪٽوهر

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر 61

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: واڪا ڪرڻ مون وس

موضوع: ڪالم ۽ ڪهاڻيون

ليکڪ: حاڪم علي ڪتوهر

ڇاپو پهريون: جولاءِ 2017ع

ڪمپوزنگ: حاڪم علي جمالي

ٽائيٽل: حاڪم علي جمالي/نئل

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

**WAKA KARAN MON WAS**

(Coloum & Storys)

By: Hakim Ali Katohar

Sambara Publication Hyderabad

03003513966


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

هي ڪتاب ارپيان ٿو.

سنڌ جي عظيم رهنما فخر ايشيا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو، شهيد بشير خان قريشي ۽ سنڌ جي انهن سيني شهيدن کي جن پنهنجو رت ڏئي سنڌ جي سينڌ سنواري ويا.

حاڪم علي ڪتوهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿو تہ رات کي چيري ڦاڙي هلون
اوندهہ جا لنگهہ سپ لتاڙي هلون
اجهو ٿو ايري سج اوڀر کان هو ڏسو
ٻتي کي قدم ير سلهاڙي هلون
(وفا پرڙو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اداري پاران:

سنڌ ۾ رهندڙ هر ذات ذٽي جي پنهنجي الڳ ڪٿا آهي، هر ذات ذٽي پنهنجي وت آهر معاشرتي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ سميت پنهنجي اندر ۾ تيندڙ پيچ ڏاهه کي لفظن جو روپ ڏئي تخليقون سرجي ٿو، حاڪم علي ڪتوهر جون تحريرون خاص طور مظمون ۽ ڪالم گذريل ڪيتري عرصي کان وقت بوقت مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻبا رهيا آهن، جنهن ۾ پڻ سندس داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جي اپٽار ججهي انداز ۾ ملي ٿي. حاڪم علي ڪتوهر جو تعلق سنڌ جي پٺتي پيل اهڙي علائقي سان آهي، جتي جبر ۽ انياءَ جا داستان هين علائقن جي پيٽ ۾ وڏيڪ رونما ٿين ٿا. اهڙي ماحول ۾ جتي جاگيرداري ۽ وڏيري نظام محڪوم ۽ مظلوم ماڻهن کي پنهنجي غلام طور تصور ڪري ٿو، اهڙي ماحول ۾ حاڪم علي ڪتوهر جهڙن ليکڪن جو قلم جنبش ۾ اچي بنا ڪنهن ڊپ ڏاهه جي حق ۽ سچ جي راهه تي هلندي دنيا آڏو حقيقتن تان پردو کڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

نوجوان ليکڪ حاڪم علي ڪتوهر جي ڪالم ۽ ڪهاڻين تي مشتمل هن پهرئين ڪتاب "واڪا ڪرڻ مون وس" ۾ پڻ اهڙن انيڪ داستانن جا اولڙا پسڻ لاءِ ملندا، جن ۾ نه فقط ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڀرپور احساس حساس دلين جو سينو چيرڻ لاءِ ڪافي آهن، پر هن ڪتاب ۾ سنڌ جي املهه ڪردارن کي پڻ پيٽا پيش ڪئي وئي آهي، جيڪا سندس ذات ۽ ڏانءَ جي جوهر کي ظاهر ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو حاڪم علي ڪتوهر جو نانءُ پڙهندڙن لاءِ اوپرو نه رهيو آهي. يقينن هن ڪتاب جي اچڻ بعد سندس شخصيت ۽ فن جو چڱي طرح ڇيد ڪري سگهجي ٿو. اميد ته سمبارا پبليڪيشن پاران شايع ڪرايل هن ڪتاب "واڪا ڪرڻ مون وس" کي پڻ ساڳي ڀرپور موٽ ملندي.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست:


| | |
|---|---|
| اي خدا اسان کي ساڃاهہ ڏي | 20 |
| هي جهيڙا ڇا معنيٰ | 22 |
| مادري جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو | 25 |
| علمي ادارن جو قدر ڪريو | 27 |
| سڪي ويا سيج تي گلڙا | 29 |
| واڪا ڪرڻ مون وس | 31 |
| قربانين کي پيٽا ڪيئن ڏجي | 33 |
| زندگي ۾ هزار مسئلا ۽ خودڪشي | 36 |
| ڦاسي تي هن کي ننڊ اچي وئي | 39 |
| هلي آءُ هاٺي دوم تو وجي | 41 |
| سنڌ جي تعليمي ماحول کي سڌراڻ | 44 |
| سڄڻن کي ساريوم | 46 |
| نواب اڪبر بگٽي جو موت | 48 |
| توکي وسارڻ منهنجي وس ۾ ناهي | 50 |
| سراج صدين تائين گوجندڙ آواز | 53 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت لڏي وئي ملڪ مان 55
هو سڀ ڏوهاري آهن 58
ٿل شهر سان ايڏي ويڌن ڇو 60
وري يادگيرين ورايو اسان کي 62
انائن جي ٿياس تي ٽنگيل محبتون 64
ويساهه گهاتي 66
رشتا ناتا پنهنجائپ 68
روڳ ٻٽيا سپنا 70
اسلام ۾ عورت جو مقام 72
برسات متاثرين جي ڪا ته واهر ڪريو 75
دعائن ۾ ياد ڪجان 77
بدامني جي باهه ۾ جلندڙ سنڌ 78
سنڌ جو شاعر زخمي چانڊيو 80
فيصلو 83
غربت جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ زندگيون 85
وري سنڌ سڏڪي پئي 88
ارمان 93
ڌرتي جو سپاهي وفا ٻرڙو 95
ڪيبل ڪلچر ۽ اڄ جو معاشرو 98
ٻه وکريل وجود 100

ڌرتي خاطر سرتي سان جهيڙو 103
سنڌ جو دادلو شاعر اردو ارترادي 106
حسرتون ۽ خواب 109
نجومين ۾ واڌ مايوس طبقو 111
درد جي ڪٿا 114
اڄ پڻ اڪثرين سڄڻ پنهنجا ساريا 117
غربت جي سزا 120
جيون سارو سور 124
انصاف ڪٿي آهي 126
ڪرپشن جي ڪيئڻ پاڙ پٽجي 129
جيئڻ ڪارڻ جيڏيون مون وڏا وس ڪيا 131
ماءُ 133
عيد تي مان ٻه خريديان ها پر 135
استاد بخاري هر دور جو شاعر 138
جڙتو پوليس مقابلا 141
تاريخ جو هڪ باغي ڪردار 143
تر جي سونهن مور پکي 145
او پريتم ڪٿي آهين 147
سنڌ تي سر ڏيندڙ شهيد محمد نواز 149
معصوم ٻارڙن جي اغوا 152

بلوچ عوام کي باهه ۾ نه پڙڪايو 155
جرڳا ۽ انسانيت جو تقدس 157
سنڌ جي مهمان نوازي 159
جهالت تي ٻڌل رسمون 161
وقت پيو گذرندو 163
بيروزگاري لاءِ دعوائون ڪافي نه آهن 165
عورت جيڪا وک وک تي پيڙا پوکي ٿي 167
بس حس حڪمران ۽ غريب عوام 169
ڪي ڪي ماڻهون ڏاڍا پيارا 171
هن جون يادون ۽ اسان 174
چٽي ۾ ڏنل نياڻيون ۽ ٻي جوڙ شاديون 176
سنڌ جو شهيد الله بخش سومرو 179
سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه نه ڪر 181
عشق نه پڇي ذات 183
شڪارپور جو شرميلو شاعر حاڪم گل 190

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو فلسفي انداز ۾ استعارا تشبيهون تارن ڪان وڌ تاري رکندو لکندو وڃان.خير.....!

هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون.ڪهاڻيون ۽ ڊائريءَ جا ورق جنهن فڪر فهم خيال جي آڌار تي تحرير ڪيا ويا آهن. هنن سان مصنف ڪيترو نياءُ ڪيو آهي تن ۾ ڪيتري سچائي صفائي ۽ صداقت آهي ان تي لکڻ کان اڳ ۾ مصنف جي باري ۾ ويچار ونديان تہ بهتر آهي هن ڪتاب کان اڳ حاڪم ڪنوهر جو ڪتاب ”سڏڪا سارون ۽ حاڪم“ مارڪيٽ ۾ موجود آهي. هيءُ مصنف ادبي دنيا ۾ نئون پير پاتل نہ آهي. هن ڪتاب جا مٿيان مضمون ۽ ڪهاڻيون بہ وقت بوقت اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن.

هن ڪتاب جو مصنف حاڪم ڪنوهر ان علائقي ۽ ماحول ۾ بانبڙا پائي پلي. پڙهي وڏي وڏو ٿيو آهي. اهو علائقو اهو ضلعو اڳ ۾ اپر سنڌ. سرحد سنڌ. خانگڙهہ ۽ بعد ۾ هاڻي گوري سامراج جي جنرل جان جيڪب جي نالي پنيان جيڪب آباد سڏجي ٿو. هي علائقو خط استوا جي لحاظ کان سخت گرم رهي ٿو. ان ڪري هتان جي ماڻهن جو مزاج پڻ سخت آهي حاڪم ڪنوهر ان ضلعي جي تعلقي ٺل جو رهواسي هڪ شاعر، اديب، سماجي ورڪر ۽ اعزازي صحافي آهي. هن تي اتر سنڌ جا ڪهڙا خارجي ۽ داخلي اثر پون ٿا. ان لاءِ هتان جي جاگرافيائي. تاريخ ۽ سماجياتي ماحول معلوم ڪرڻ سان موضوع چٽا ۽ واضع نظر ايندا.

1. هي اهو تاريخي علائقو آهي جنهن ۾ سنڌ جا سمورا سپوت بيباڪ بهادر دريا خان جکراڻي، دلمراد خان کوسو ۽ سيد عنايت الله شاهہ جهڙا جوڌا جوان پيدا ٿيا. جن سان انگريز سامراج بہ مهاڏو اٽڪائي نہ سگهيو ۽ مفاهمت تي لهي اچي هن علائقي جي ماڻهن لاءِ جاگيرون وقف ڪري پروانا ڏياري موڪليا. مگر پوءِ بہ هي انمول اڏول انسان نہ مڙيا. بقول شاهہ سائين جي تہ

”اڃا ڏمري ڏاڍ تيءَ آڻ نہ مڃي مور“

2. هن ضلعي بلڪ هن ئي تعلقي جو جناب محمد امين خان کوسو جيڪو سر شاهنواز ڀٽو، سائين جي ايم سيد جو ساٿي ۽ حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ پير آف ڀرچونڊي جن جو شيدائي مريد هو. جنهن جي اصولي سياست سچائي ۽ بهادري هتان جي عوام ۾ مهاڏي اٽڪائڻ جو اتساهہ پيدا ڪيو. 1938ع ڌاران خانبهادر سردار مير شير محمد خان بجاراڻي جنهن کي سنڌ جي سردارن کان بہ وڌي سرداري. جاگيردار ۽ اٿاهہ دولت هئي. ان جي مقابلي لاءِ جناب محمد

گدائي صاحب نه صرف پنهنجي شاعري اسٽيجن تي بيهي ٻڌائي پرهو هاري حقدار تنظيم سان جهر جهنگ وستي واهڻ هارين کي هوشيار ڪرڻ لاءِ هلڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ هلندو رهيو. خاص هي اهو وقت به هو جڏهن جناب محمد امين کوسي جي اليڪشن ورڪ ۾ محترم سائين جي ايم سيد. پير علي محمد راشدي پسگردائي عوام ۽ ڪامريڊ برڪت علي آزاد سان گڏ ضلعي جي هر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۾ سائين عبدالڪريم گدائي پنهنجي شاعري وسيلي گونجندو رهيو وڏيرن جي مخالفت ۾ شعر لکيائين.

خبردار هاري جي سردار آيا
پراڻا شڪاري ڪٽي چار آيا
نه اڇا نه وچا سي لاچار آيا
پري جيپ پاڙن جا پوتار آيا

گدائي صاحب جي ان لازوال شاعري هتان جي پيڙيل ڏتڙيل اڪثر اڻ پڙهيل عوام ۾ پنهنجو روح ڦوڪي جناب محمد امين کوسو جن کي ڪامياب ڪرائي هي نعرا ڏنا جيڪي هن ڌرتي تي ٻڙجي وڻ وانگر اجا تائين دائم آهن.

هينئر جيڪا حق سچ ۽ ترقي پسند شاعري پٺي سر جي يا ان رنگ ڍنگ ۾ ڪهاڻيون مضمون ۽ ڪالم پيا لکجن. اهو ايوارڊ اهو اعزاز اها ميڃتا هتان جي ليکڪن کي سائين عبدالڪريم گدائي صاحب جن ڪري پٺي مليا بقول هن جي ته

”لاٽ ٻرندي رهي ساٿ هلندو رهي“

هي هيو هن علائقي جو سياسي، سماجي ادبي، ماحول جو مختصر احوال ـ نهن حالتن هن ڪتاب جي مصنف تي گهرا اثر ڇڏيا.

هتان جي اديبن شاعرن جي اندر ۾ اتساهه پيدا ڪري انهن جي دل دماغ ۾ بهادري جا پاور پيدا ڪيا. انهن داخلي ۽ خارجي اثراتن مصنف کي قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو.

هن ڪتاب ۾ جيڪي ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڊائريءَ جا ورق آهن اهي روزانه يا هفتيوار اخبارن ۾ ڇپيا آهن. انهن ايڊيٽرن کي جس هجي جن هي ليک ڇپيا آهن. هنن حقيقتن جي ڇيڇڻ بعد هتان جا پوتار ڪوڙن تائين ڇڪجي ويا. هن گرم علائقي جي گرم ماڻهن سخت مزاج

ماحول جا ڏوهي ڪاروڪاري جي ليڪ تي ڪيترا نه چڙيل ۽ مچريل رهيا. چوري ڌاڙن ۽ اغوائن تي اخبارن ۾ لکڻ ۽ واويلا ڪرڻ تي پراڻا پاپي پاتاريدار ۽ قبيلائي جهيڳڙن کي وڌائڻ وارن ڳجهن هٿن کي ظاهر ڪرڻ ان کان علاوه ٽاٽن تان بدي چڙي ۾ ساز باز تي جن پيجارا ۽ پرادو ورتا سي ڪيترا نه ڪاوڙيل هوندا. اهو سچو جهاد جو ڪم ڪو سولو ۽ سترو ڪم ڪونهي. آءُ هڪ ڀيرو وري ڪاوش، ڪوشش، پاڪ سنڌ، سڪار، خبرون، خبر ۽ ڪنڌڪوٽ ٽائيم جي سموري سٽ کي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ مون سان گڏ سنڌي قوم جا خير خواهه ۽ روشن خيال هي ڪتاب پڙهي انهن ڇپيل ليکن تي ضرور خوش ٿيندا.

ڏسجي ته حاڪم ڪنوهر جون سڀ ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڊائريءَ جا ورق وقت جي مناسب ۽ گهرج سان بهترين آهن. پورو ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي. پر ڪجهه ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڊائريءَ جا ورق دل ۾ سانڍڻ جهڙا آهن جن ۾ ماءُ ويساهه گهاتي، عاشق زهر پياڪ ساماپس ته سڪ ويا. فيصلو ڌرتي ڪاڻ سرتيءَ سان جهيڙو کي ٽائيٽل ڪهاڻي واڪا ڪرڻ مون وس، محبت لڏي وئي ملڪ مان ،قربانين کي پيٽا ڪئين ڏجي..

هي ذڪر ڪيل ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڊائريءَ جا ورق ٽوٽل هاري ناري مزدور، ۽ ڏاڍ جي ڳهاٽي ۾ پڙهيل ماڻهن جا ترجمان آهن، دعا آهي ته حاڪم ڪنوهر جو هي سفر روان دوان رهي، پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي پهچ لاءِ جاڪوڙيندڙ رهي ”آمين“

ارڏو اترادي ڪنڌڪوٽ
23/04/2016

# ڌرتي جو درد رکندڙ

## آدا حاڪم علي ڪنوهر

سنڌ ڌرتي جي مٽي هميشہ زرخيز رهي آهي جنهن مان وقت بوقت مختلف ڪردارن جنم ورتو آهي جن هر ڏکي موڙ تي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي شاعري بہ هڪ هٿيار آهي عظيم آهن اهي شاعر جن پنهنجي قلم ذريعي عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي انهن شاعرن جي ڊگهي لسٽ ۾ ادا حاڪم علي ڪنوهر بہ واضع بيٺل نظر ٿو اچي. سندس ڪتاب (واڪا ڪرڻ مون وس) ۾ هن معاشري ۾ ٿيندڙ حالتن جي چٽي طرح عڪاسي ڪئي آهي. هو زماني جي لاهن چاڙهن کان چڱي طرح واقف آهي جو تہ هن زماني ۾ هن ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن، مان سندس لکڻين ۽ شخصيت مان چڱي طرح متاثر آهيان ادا حاڪم جون لکڻيون سندس شخصيت جيان نج ساديون ۽ کير جيان پاڪ ۽ صاف لفظن جون پويل گلاب جي گل جون ڪنڍيون آهن سندس لکڻين ۾ ڌرتي جو درد ۽ حالتون چٽي طرح عڪس ٿيل آهن ادا جڏهن بہ پنهنجي تخليق ٻڌائيندو آهي تہ مان ائين محسوس ڪندي آهيان ڄڻ هن منهنجي اندر جي عڪاسي ڪئي هجي، ادا حاڪم منهنجي سياسي سفر ۾ ادبي سفر ۾ هڪ گهر جي ڀاتي جيان، وڏي ڀاءُ جي حيثيت ۾ اصلاح ڪئي آهي ۽ ڪندو پيو اچي اڄ هن جو ڇپيو ڪتاب پڙهي مون کي الاهي خوشي ٿي رهي آهي دعا ٿي ڪيان تہ ادا حاڪم ڪنوهر سدائين ائين ڌرتي ۽ سرتي تي لکندو رهي.

محموده سڪندر ٻرڙو ٿل

# ليکڪ پاران:

ذرتيءَ جا ڏک منهنجي وجود جو حصو آهن

هيءَ دنيا تمام گهڻي خوبصورت آهي اهو هر انسان تي ڇڏيل آهي ته هو هن کي ڪهڙي نگاهه سان ڏسي ٿو. ائين ئي هر ماڻهو حسين و جميل خوبصورت نظارن جو مشاهدو پنهنجي انداز سان ڪري تصوراتي جيون جي البم ۾ اٽي بيهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انهيءَ مشاهداتي منظر نگاري جي ڪٺن رستن تي هلندي تمام گهڻيون تڪليفون پلئه پونديون آهن، ڏک ڏولاوا، پورپنڌ، سور ۽ سختيون، هجر ۽ فڪر، دردالم، غم ۽ غضو هر ڪهڙي نڪري سامهون نروار ٿيندو آهي. انهن ڪيفتن مان نڪري ڪري پنهنجي ذاتي زندگي سان گڏ ماحول جو مشاهدو ڪري حق ۽ سچ جي تلقين ڪرڻ ڪنهن جهاد کان گهٽ نه آهي.

جيستائين پرين جي يادن جا پاڇا مون مٿان ڇانو ڪيون بيٺا هوندا، يارن جون يادون ۽ ذرتي جا ڏک منهنجي وجود جو حصو آهن تيستائين منهنجو قلم سونهن سچ ۽ امن جي ڳالهه ڪندو رهندو. ميجان ٿو ته پيار جا پيچرا ڏاڍا ڏکيا آهن انهن پيچرن تي هلندي پير پٿون ٿي ٿوندا آهن پر سچ جي راهه تي هلندي پير پوئتي هٽائڻ به بزدلي آهي..! پلي ڪيڏيون به سور سختيون صدمان ملن پر حوصلو هارٽو ناهي ڇو ته ان پرين جون يادون ئي آهن ۽ حضرت سنڌ جو عشق ئي آهي جيڪي مون کان جي سڀ ڪجهه لکرائن پيا "سڏڪا سارون ۽ حاڪم" کان وٺي "واڪا ڪرڻ مون وس" تائين يادون جوئي ڪمال آهي، ها اهي ئي يادون جيڪي هر وقت مونسان ساهه جي اشد رڳ جيان گڏ آهن. ها مونکي پنهنجي خلقٺهار تي پڪ آهي ته منهنجو هن ڪتاب کي اهي هٿ ضرور ڇهندا جن جي يادن ۾ مون راتين جون راتيون جاڳي ڪري لکيو آهي هي ڪتاب به ان جي ئي نانءُ آهي.

هر لکيڪ وقت جي حالتن، سياست ۽ ڏاڍ تي گهري نظر رکندو آهي جن جي اندر ۾ انسانيت آهي ۽ آدريشي جذبو رکن ٿا ۽ مون جيان

قلم جو سهارو وٺي پنهنجي اندر جا اوڀارا ليک جي صورت ۾ عوام تائين حال جون حالتون بيان ڪرڻ ۾ ليکڪ جنهن پيڙائن مان گذري ٿو سي پروردگار ئي ڄاڻي ٿو. اڪثر ايئن ٿيندو آهي جڏهن منهنجي ڪهاڻي يا ڪالم ڊائري جو ورق، اخبار يا ڪنهن رسالي ۾ ڇپجندو آهي ته منهنجا دوست مون کي فون ڪري پڇندا آهن ته يار حاڪم! ڇا هي تو سچ لکيو آهي يا عام ڪالم ڪهاڻي آهي! ڇو ته منهنجي اڪثر لکڻين ۾ هن معاشري ۾ ٿيندڙ حالتن جي عڪاسي ۽ پيار محبت، وڇوڙو انتظار جو درد سمايل هوندو آهي، مڃان ٿو ته منهنجون سڀ ڪالم ڪهاڻيون ڊائري جا ورق صحيح لکيل نه به آهن انهن ۾ ڪيتريون ئي ڪچايون ۽ ڊائلاگن جي کوٽ به آهي اوهان کي بغير ڊائلاگن جي بسيون به لڳن، پر يار مان پروفيشنل ليک ناهيان هڪ ٻهراڙي جو سادو ڳوٺاڻو آهيان ان ڪري مونسان مونث مذڪر جو حساب نه ڪجو ڇو ته ادب هڪ سمنڊ آهي مون پارا ڪڏهن ٻڏندا ته ڪڏهن ترندا آهن. تڏهن ته مون خارجي ۽ داخلي احساس جيئن جوتيئن قلم بند ڪيا آهن انهي مان ڪي مختلف اخبان جي زينت بڻياڪي حالتن جي ڪري نه ڇپجي سگهيا.

جن رسالن، اخبارن ۽ ميگزينن ۾ قلم جو پورهيو منظر عام به ٿيو پر اهو سمورو مواد ٽڙيل پکڙيل رهيو ڪجهه ڪٻٽن ۾ قيد رهيا انهن سيني کي گڏ ڪري ڇپائڻ لاءِ سوچي انهن مختلف اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽرن سب ايڊيٽرن جا ٿورا مڃيندي دل جي آس ۽ اميد کي پوري ڪرڻ ۽ ڪتابي سوڪڙي طور ڇپائڻ جو سوچي پنهنجي ذرتي امڙ جي اولاد حوالي ڪرڻ چاهيندي هي ڪتاب ”واڪا ڪرڻ مون وس“ جي صورت ۾ بيهر اهل علم جي حوالي ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجي هن ڪتاب ۾ ڪهڙا ڪهڙا رنگ سمايل آهن اهي پڙهندڙ پاڻ ئي پڙهي پنهنجي لاءِ ڪان هن ناچيز کي ضرور آگاهه ڪندا ڇو ته اوهان جي راءِ مون لاءِ تمام وڏو حوصلو هوندي. آءٌ هر ان اصلاحي تنقيد کي اکين تي رکندس جنهن سان منهنجي ادبي دنيا ۾ واڌ ويجهه ٿئي.

آخر ۾ مان انهن دوستن عزيزن جو ٿورائتو آهيان جن جو منهنجي زندگي کي سنوارڻ ۾ هٿ رهيو آهي انهن مان منهنجو مرشد سيد عبدالنبي شاهه جيلاني، ارڏو اترادي، وفا ٻرڙو، پروفيسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالرزاق بروهي، اصغر سجاڳ، حافظ بجاراڻي، حافظ چلگري شاڪر آرائين سرفهرست آهن. وساري تہ مان بهادرپور جي استاد هدايت الله سومرو ۽ استاد شير محمد چانديو کي بہ وساري نٿو سگهان جن مونکي ڇهين ڪلاس کان وٺي ڏهين ڪلاس تائين پڙهائي هن معاشري ۾ پنهنجي پرائي جي پرک جي لائق بڻايو. منهنجي زندگي جا قيمتي اثاثا منهنجا دوست ساگر مهر حفيظ سومرو عيدن پرڙو، اختر سنڌي، شهيد شيخ، سيد عبدالقدوس شاهہ بجار بهار ڏول، مدثر دايو، عبدالرحيم ڪوسو، ڏٽي بخش بليدي ۽ وڪيل جعفري بہ آهن جن يارن جي ٽهڪن ۾ زندگي جا حسين لمحہ گذرندا آهن جن سان ملندي ئي پنهنجو مزو آهي.

مان بي حد ٿورائتو سيد شاهزيب شاهہ جيلاني سيد شهباز علي شاهہ جيلاني پنهنجي وڏي ڀاءُ مير برڪت علي خان ڪٽوهر، جان جعفري، ڪوڙو خان ڪٽوهر، مير نظيرخان ڪٽوهر، مير محمد مراد، لياقت علي خان، اميرزادا فائق خان جو آهيان جن هي ڪتاب "واڪا ڪرڻ مون وس" جي ڇپائڻ ۾ پنهنجو مانائتو ڪردار ادا ڪيو ٿورا تہ ان پياري پرين جاني جا بہ آهن جنهن پنهنجي پيار جي حصي مان ڪجهہ گهڙيون لکڻ لاءِ ڏئي اتساهہ بخشيو هڪ ڀيرو ڀيهر آءُ ٿورائتو آهيان وفا برڙي جو جنهن ڪتاب جا پروف ڪري سنواري سينگاري اوهان دوستن جي هٿن تائين پهچايو آهي.

| | |
|---|---|
| ڪٽوهر هائوس | سات سلامت سنڌ سلامت |
| سيد محلا ٽل | اوهانجو پنهنجو حاڪم علي ڪٽوهر |
| | 0306-3183101 |

# اي خدا اسان کي ساجاهه ڏي.........!

هيءَ ڪائنات جيڪا محبت جو مظهر آهي ۽ چئن ڏينهن جي حياتي آهي الائي چو انسان هن مختصر حياتي ۾ نفرتون پيو پالي، محبت ڪرڻ لاءِ ته صديون به ناڪافي هونديون آهن پر هر ڪو سياري جي باهه پيو پاڻ ڏي سوري، انسان جي حوس ختم ئي ڪونه ٿي ٿئي، اها ته ڪنهن کي به خبر ڪونهي ته ايندڙ گهڙيءَ لاءِ سڀ جو سڪون فنائي رکو پاڻ لاءِ ئي خوشون پيو ميڙي، جڏهن ته اها سڀ ڪنهن کي ڄاڻ آهي ته هن دنيا مان هٿين خالي ئي وڃڻو آهي.

جب سڪندر ڪي هاٿ ڪفن سي نڪالي گئي تو دونون هاٿ خالي تهي وارو مثال سڀ سان لاڳو آهي ڪنهن کي به هتان سواءِ اعمالن جي ڪجهه به ڪٽي ناهي وڃڻو.

اُٺي آڏيءَ رات جو ڪاڏي ٿو ڪاهين
هن جڳ جو جيئڙا چا اسين تون ناهين

سدا تو ساهين پرڙا پراهين پنڌ تي، نيٺ نئين ست تي ڪٽي وڃڻو آهي هڪ ڏينهن سڀ جي روح جو پکئيڙو پڙڪو ڏيئي اُڏامي وڃڻو آهي." ڪل نفسن ذائقت الموت" پل پوءِ اهو چو نه ولي هجي، تونگر هجي، سردار هجي پوتار هجي يا ڪو پهلوان هجي سڀ کي مٽيءَ سان مٽي ٿيڻو آهي. پوءِ انسان چو نٿو سوچي، انسان جي ذهن تي سدائين منافقيءَ جو پوت چو سوار آهي چو شيطان جو پوئلڳ ٿي پيو آهي سندس شاگرديءَ مان چا ملندو..! سواءِ جهيڙي حسد، ساڙ، نفرت ۽ براين جي،اي خدا! اڄ جي انسان کي ڇا ٿي ويو آهي جو تنهنجا حڪم وساري دنيا تي امر ٿي هلڻ ٿو گهري جتي لالچ حسد، برايون ئي سندن مقدر ٿين ٿيون مٽيءَ جي ماڻهو کي اهو نٿو ڄڃائي ته هو ٻئي ڪنهن کي حياتي جي حق کان محروم ڪري پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ ٻين جا گهر ڍاهي ڪوڙي شان ۽ شوڪت لاءِ ڪنهن جي سپنن سوچن تي پهرا هڻي.

اي پالڻهار! انسان ايترو خود غرض ٿي ويو آهي جو ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن بڻجي ويو آهي ۽ انسان جي دلين تي حسد ۽ فريب جي ڪٽ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنگ چڙهي ويو آهي ۽ اسان ڪوڙن عيش عشرتن ۾ سڪون وٺڻ لڳاسين، اسان کي صحيح رستي طرف گامزن ڪر، بارود جي ڌپ بجاءِ گلن ڦلن جي خوشبو واسيندا وتون، بندوق جي ٺڪاءُ بجاءِ ڪوئل جون ڪوڪون پسند ڪريون ڪوڙ ۽ نفرت جي اڱڻ تي محبت ۽ سچ جا گونج ساوا ٿي فٽن ته پوءِ هي دنيا رنگين ٿي ويندي.

اي مالڪ! اها سڀ تنهنجي ئي قدرت آهي ۽ توکي ئي سڀ ڪجهه سونهين ٿو، انسان جي اوقات ايتري ڪٿي آهي جو غيب جو عمل جاڻي ته ڌرتي ۽ آسمان ۾ ڇا پيو ٿئي جنهن تنهنجي برابري ڪئي سو تنهنجي قهر کان بچي ڪونه سگهيو تو فرعون سان ڪهڙو حشر ڪيو ڪوبه اُن کان اڻڄاڻ ناهي.

اي خدا! اسان کي ساڃاهه ڏي ته اسان صحيح رستي تي هلون بي زوق روستو ڇڏي محبت جو رستو ماڻيون جنگ ڇڏي انسانيت جو علم بلند ڪريون ۽ تنهنجا ٿي ڪري تو وٽ اچون.........................................!

# هي جهيڙا ڇا معنيٰ[1]...............؟

اخبار پڙهڻ منهنجي روز جو معمول آهي ۽ اخبار وارن بہ جڻ تہ قسم کڻي ڇڏيو هجي تہ ماڻهن کي خوشيءَ جي خبر ڏيڻي ئي ڪونهي، پر عادتن مون بہ ڪڏهن اخبار پڙهڻ ناهي ڇڏي، پاڪستاني سياست جو الله حافظ، سياسي جنڊا پٽ ڪان ويندي، مين سرخين ڪان وٺي مختصر خبرن تائين اخبار جو پڙهڻ منهنجي روز جي معمول ۾ شامل آهي.

جڏهن ڪان وٺي مون شعوري دنيا ۾ پير پاتو ۽ اخبارون پڙهڻ ۽ ڪجهہ لکڻ، پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو تڏهن ڪان وٺي اڄ تائين ڪا خوشي جي خبر پڙهڻ لاءِ ناهي ملي، رڳو قتل. ڦر لٽ چوريون،ڌاڙا، اغوا، زنا، قبيلائي جهيڙا ئي اخبارن جي زينت بڻيل آهن. سچ پڇو تہ اهڙيون خبرون پڙهندي ئي اندر ٻهہ اڌ تي پوندو آهي، ڪچان تہ ڪافر ٿيان“ واري مهر هر زبان تي لڳل آهي چو تہ سچ وڏو ڏوهاري آهي تنهنڪري اهو ڪم قلم ڪان ورتو اٿم.

سنڌ جيڪا اوليائن، درويشن پيرن فقيرن جي ڌرتي آهي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مهمان نوازي دنيا ۾ مثال بڻيل آهي جتي اوطاقن ۾ ڪچهريون ڪندي ڏور بيت ڏيندي وڻندي باک ڦٽي ويندي هئي اهڙيون محفلون اوطاقن جو شان هونديون هيون جئين ڪنهن شاعر چيو تہ

ڪنهن تہ نياڳي نظر ماري ٽٽ ڳئي تيڏي ميڏي ياري.
ڪو وقت هو جڏهن پنهنجا ئي، يا اوڙي پاڙي ۾
ڪو جهيڙو يا ڪنهن ٻن ڌرين جي وچ ۾ تلخ ڪلامي ٿيندي

هئي تہ چڱا مڙس ميڙ جي صورت ۾ وٽس لنگهي ويندا هئا ۽ ٻنهي ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪري پوءِ واپس موٽندا هئا اڄوڪي دور جي خبر ئي نٿي پوي مٽي مائٽي جو سچ لهي ويو آهي. اوڙي پاڙي کي تہ ڇڏيو اڄ ڀاءُ ڀاءُ جو ويري ٿي پيو آهي سڀ ڪو سوا سير لڳو پيو آهي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي انا کي آڏو رکي هڪ ٻئي جي رت جا پياسا ٿي پيا آهن ماڻهو.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ هر ڳوٺ وستي واهڻ مان رت جي بوءِ پئي اچي جنهن ننگريءَ ۾ محبت جا ميلا مچندا هئا ان لطيف سرڪار جي امن ۽ شانتي واري ننگريءَ ۾ قبيلائي جهيڙن جي رتو ڇاڻ آهي.

اڳ ۾ سنڌ جيڪا دنيا ۾ مهمان نوازي طور سڃاتي ويندي هئي سا هاڻي قبيلائي تڪرارن جي ڪري پوري ايشيا کنڊ ۾ مشهور آهي جنهن جي ڪري سنڌ جي پوري معيشيت تباهه ٿي رهيو آهي هزارين خاندان دربدري واري زندگي گهاري رهيا آهن ۽ ڪيئي خاندان موت جي خوف سبب هٿيارن جي ڇانو ۾ راتيون جاڳي زندگي گهارن پيا. ڏنو وڃي ته سنڌ ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان لڙجي پئي. پر خاص طور تي سکر، گهوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ايٽ ڪشمور، لاڙڪاڻو سڀ کان اڳيرا آهن. جتي هڪ سروي مطابق سال 2014 ۾ 4153 مرد 745 عورتون قتل ٿيون ۽ 332 ٻارڙا اجل جو شڪار ٿيا جڏهن ته سڄي سنڌ ۾ قبيلائي تڪرارن ۾ شڪارپور ضلعو سڀ کان گوءِ کڻي ويو جتي قبيلائي تڪرارن سوين حياتيون ڳهي ڇڏيون ڪيترن مائرن جون جهوليون خالي ٿيون، ڪيتريون ئي ونيون بيواهه ٿيون ڪيترائي ٻار يتيم ٿيا ۽ ڪيتريون ئي ڀينرون پائرن ڪي موڙ ٻڌڻ کان پهرين ماتم ڪري رنيون ۽ ڪيئي هزار سنڌ جي آباد زمين غير آباد ٿي، سون جي تعداد ۾ ڪيس داخل ٿيا ٻي ڏوهي جيل حوالي ڏوهي آزاد گهمندا وتن، سڪن جي آوهه ۾ ساوا به سڙيا، وڏيرن ۽ سردارن جون اوطاقون برسيل رهيون پوليس جي پڪڙ جي ڊپ کان ماڻهن راتو واهه ڪري پنهنجا پريا ترپا گهر ڇڏيا پوءِ پوليس جا وارا ئي نيارا ٿي پيا جهڙوڪ سندن گهر ۾ ڇڏيل مال متاع ۽ رهيل سڀ ڪجهه کڻي وئي.

اڄ تائين قبيلائي جهيڙن جيترو انسانيت ڪي نقصان ڏنو آهي ان کان وڌيڪ ڏوهن ڪي جنم ڏنو آهي پر سردارن پوتارن وڏيرن جي مٽي تي جونءِ به ڪونه چري. چڱن جو ڪم آهي چڱايون ڪرڻ، مندن جو ڪم آهي منڌايون ڪرڻ پر جيڪڏن چڱان به منڌايون ڪن ته پوءِ ڪنهن جي در دانهجي، سندن جهيڙي ۾ پنهنجي اولاد مري ته خبر پوي. انهن جهيڙن ۾ ته رڳو غريب طبقوئي پيڙهيو آهي وڏيرن ۽ سردارن جهيڙن جي آڙ ۾ وڏا وڏا چندا ڪرائي 20-20 گارڊ رکي ايئرڪنڊيشن ۾ پناهه ورتي آهي پراڄ تائين پريشان ٿيو آهي ته غريب عوام ئي ٿيو آهي ڏٺو وڃي ته ڪڏهن به ڪنهن سنجيدگيءَ سان جهيڙن جي خاتمي لاءِ سوچيو ئي ناهي جيڪڏهن سرڪار چاهي ته جهيڙا ختم ڪرائڻ سرڪار لاءِ ڪو وڏو مسئلو ناهي. هاڻي سرڪار ڪي هڪ حڪمت عملي جوڙڻ ڪپي. جتي به ۽ جنهن به قبيلن ۾ جهيڙو آهي يا جهيڙو ٿئي ته پهريان ئي ان قبيلي جي سردارن

ﭘوتارن ۽ ﭘٽ ﭘرائي ڪندڙ هٿن ڪي گرفت ۾ آندو وڃي. آءُ يقين سان چوان ٿو ته جيڪڏهن سرڪار اهڙي حڪمت عملي جوڙي ته يقينن قبيلائي جهيڙن جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي ويندو.

*(نوٽ: هي مضمون روزاني پاڪ سنڌ اخبار ۾ شايع ٿيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جو وڇوڙو

بيگم نصرت ڀٽو پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ اهڙو نالو آهي جيڪو سراپا قرباني جو نالو آهي سندس قرباني بي مثال آهي هن پنهنجي مڙس سميت ٻن نوجوان پٽن ۽ هڪ نياڻي کي جمهوريت جي راهه ۾ قربان ڪري ڇڏيو هي اڏول ارادن واري عورت هئي جنهن آمريت جي هر تشدد کي برداشت ڪري به همت نه هاري ۽ پنهنجي شهيد ورجي مشن کي جاري رکيو. بيگم نصرت ڀٽو هڪ جدوجهد جو نالو آهي هڪ عظيم ماءُ جو نالو آهي جمهوريت جيٰ سرواڻ جو هڪ ڊڪٽيٽر سان جنهن انداز ۾ ٽڪر کاڌو ۽ ان جي ارادن کي ناڪام بڻايو ان جو مثال ٻئي هنڌ نٿو ملي.

پاڪستان جي سياست ۾ بيگم نصرت ڀٽو سندس خاندان جي نرالي ۽ شاندار سڃاڻپ آهي جن سر جهڪائڻ بدران سر قربان ڪرڻ کي اهميت ڏني اڄ جڏهن ته ذوالفقار علي ڀٽو نصرت ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو، شاهنواز ڀٽو، بينظير ڀٽو، سواءِ غنويٰ ڀٽو، ذوالفقار جونيئر، فاطمه ڀٽو، صنم ڀٽو، سسئي ڀٽو پورو خاندان ڳڙهي خدا بخش ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي جهول ۾ ستل آهي. جيڪي پنهنجو وارو وڃائي ويا.

بيگم نصرت ڀٽو جي لاڏاڻي کان پوءِ رکو ڳڙهي خدا بخش جي شهيدن جي قبرستان ۾ هڪ نئين قبر جو اضافو نه ٿيو آهي پر سچ پچ سياست جي هڪ دور جي پڄاڻي ٿي آهي جيتوڻيڪ مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت کان پوءِ بيگم نصرت ڀٽو جي زندگي گمنامي واري گذري، بهر حال سندس زندهه هجڻ، هن جي خاندان ۾ ورڪرن لاءِ هڪ وڏي آٿت هو، هن عظيم عورت جنهن کي حڪومت پاڪستان پاران مادر جمهوريت جو لقب ڏنو ويو آهي ان جو ڪردار پاڪستان جي سيني عورتن کان مختلف رهيو.

آمر ضياءَ ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪرائي ائين سمجهيو هو ته هاڻي ڀٽو خاندان جو باب هميشه لاءِ بند ٿي ويو پر بيگم نصرت ڀٽو سندس ان سوچ کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. بيگم نصرت ڀٽو کي بي انتها

ڌمڪيون مليون. ڪيس نظر بند ڪيو ويو پر ان باوجود هن جي همت ۾ گهٽتائي نہ آئي ۽ هن وقت جي ڊڪٽيٽر جي سمورن سازشن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت ڪانپوءِ پارٽي ۽ ڀٽي خاندان جي عوام جي دل ۾ محبت اڃان وڌي ۽ محبت وارو اهو سلسلو اڃان هلندڙ آهي جيتوڻيڪ هن سفر ۾ ڀٽي جو پورو خاندان قربان ٿي ويو آهي پر بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي زندگي جنهن انداز ۾ گذاري اهو سياست جي دنيا جو هڪ انوکو مثال آهي سچ پچ اهڙيون شخصيتون قومن جو وڏو سرمايو هونديون آهن ۽ ان جو وڇوڙو هڪ وڏو نقصان هوندو آهي اڄ جڏهن هو اسان جي وچ ۾ نہ آهي تہ هڪ وڏي ڪوٽ محسوس ٿي رهي آهي بيگم نصرت ڀٽو جو ادا ڪيل ڪردار هميشہ ياد رکيو ويندو ۽ هو سياست کي خدمت سمجهندڙ ماڻهن لاءِ هڪ مشعل راهہ مثل هوندي نيٺ 23 آڪٽوبر 2011 تي هن عظيم ماءُ دم ڏٺي حوالي ڪيو موت جي خبر پهچائڻ سڄو ملڪ سوڳ ۾ مبتلا ٿي چڪو هو ۽ هر اک آلي هئي.

*(26 آڪٽوبر 2011ع تي روزاني پاڪ سنڌ ۾ ڇپيو)*

# علمي ادارن جو قدر ڪريو

سنڌ يونيورسٽي جيڪا علم جي ماءُ آهي جيڪا گذريل ڪجهه مهينن کان احتجاج جو مرڪز بڻيل آهي هڪ اهڙو احتجاج جنهن ڪي فل اسٽاپ اچڻ جي ڪا به خبر ناهي، اهو احتجاج لڳاتار جاري آهي جنهن ڪري يقينن سنڌ يونيورسٽي جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي اهو چوڻ غلط ٿيندو ته استادن جا مطالبا ناجائز آهن يا اهي ناحق تي آهن پر جيڪڏهن انهن احتجاجن کي سو سيڪڙو صحيح قرار ڏجي ته ان ڳالهه کي به درست چئي نٿو سگهجي هن معاملي تي ڪا حتمي راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ اسان کي واپس جنوري 2012ع ڏانهن موٽ ڪاٽڻي پوندي جنهن دوران سنڌ يونيورسٽي جي ڊاريڪٽر اسٽوڊنٽس افيئرس پروفيسر بشير احمد چنڙ کي علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار وٽ گولين هڻي قتل ڪيو ويو يقينن سنڌ يونيورسٽي اندر اهو هڪ وڏو واقعو هو جنهن ڪانپوءِ لڳاتار سنڌ يونيورسٽي جون حالتون خراب رهنديون آيون پروفيسر بشير چنڙ قتل کان پوءِ 28 شاگردن کي ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو جن تي يونيورسٽي جو ماحول خراب ڪرڻ، قانون هٿ ۾ کڻڻ ۽ استادن سان بد تميزي توڙي انهن تي تشدد ڪرڻ جهڙا سنگين الزام هئا، جيڪڏهن ائين چئجي ته موجوده وائيس چانسلر جي مقرري ڪانپوءِ يونيورسٽي جو ماحول خراب ٿيڻ شروع ٿيو ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو، هاڻوڪي وائيس چانسلر اڳ ۾ به سنڌ يونيورسٽي جو وي سي رهي چڪو آهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ائسويشن طرفان اچو چئو پڙهو ٽيل آهي اهو پڙهڻ کان پوءِ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن شخص جون سنڌ يونيورسٽي سان ڪيتريون همدرديون آهن ۽ هن شخص جو تعليم جي فروغ لاءِ ڪهڙو ڪردار رهيو آهي...؟ بس! سنڌ جو عوام ان ڳالهه کي سمجهڻ کان قاصر آهي ته آخر اهڙن ماڻهن کي تعليمي ادارن جو سربراهه ڇو مقرر ڪيو وڃي ٿو جن جي تعليم سان ڪا به دلچسپي نه هجي ۽ جن جا مفادات ڪجهه ٻيا هجن ٿا. اسان انهن مبهم مفادن تي آخر ڇا ڳالهايون. هي هڪ وڏو معاملو آهي جنهن کي کولڻ سان نئون بحث ڇڙي پوندو. چوڻ جو مقصد صرف ايترو آهي ته پروفيسر جي قتل ڪانپوءِ استادن احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي جيڪا ان وقت تمام وقتائتي محسوس ٿي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي ڪري استادن به تعليم دشمن رويو اختيار ڪيو يعني ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ شروع ڪيو ته ان تحريڪ پنهنجي اصلي اهميت، افاديت ختم ڪري ڇڏي حقيقت اها آهي ته اسان اڄ به استادن جي مطالبن کي جائز سمجهون ٿا، پر اڳتي هلي ڪري استاد به استعمال ٿيڻ لڳا.

استادن اها جدوجهد 4 نقاتي بنيادن تي شروع ڪئي هئي سڀ کان پهرين مطالبو پروفيسر بشير جا قاتل گرفتار ڪرڻ ۽ ان معاملي جي عدالتي جاچ ڪرائڻ، ٻيو مطالبو سنڌ يونيورسٽي مان رينجرس ۽ پوليس هٽائي پنهنجو فورس مقرر ڪرڻ، استادن جو ٽيون مطالبو هو شاگردن جي بحالي، چوٿون مطالبو هو وي سي مغل کي هٽائڻ جو. جيڪڏهن ايمانداري سان جائزو ورتو وڃي ته استادن جو هنيئر تائين هڪ مطالبو پوروڻ ڪيو ويو آهي احتجاجي تحريڪ کي 7 مهينا گذري چڪا آهن ان وچ ۾ به مهينا مشڪل سان يونيورسٽي هلي سگهي آهي باقي بحران جاري رهيو مطلب ته هڪ طرف وي سي جا مخالف احتجاج ڪندا رهيا ته ٻئي طرف وي سي جا حامي احتجاجن خلاف احتجاج ڪندا رهيا عجيب تماشو آهي سنڌ يونيورسٽي جيڪو علم جو شهر آهي ان کي احتجاجن جو آکاڙو بڻايو ويو. شاگردن جي تعليم تباهه ڪئي وئي استادن ۽ ملازمن کي هڪ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته حڪومت جا حربا ۽ طريقا پنهنجا هوندا آهن خاص طور تي اسان جهڙن غريب ملڪن ۾ امير حڪمرانن جو رعيت ڏانهن رويو ۽ تعليم ڏانهن نظر ڪا چڱي نه هوندي آهي ان جو ثبوت اهو آهي ته وي سي مغل خلاف 7 مهينن کان هلندڙ تحريڪ باوجود هن کي هٽايو نٿو وڃي. ڪجهه ڏينهن موڪل تي موڪلڻ جو ڊرامون رچائي ساڳي ماڻهو کي وري مادر علمي جي مٿي ۾ هنيو ويو حڪمرانن جو ان سان ڪو به سروڪار نٿو هجي ته قوم جا ٻار پڙهي پون ۽ قوم حقيقي ترقي ڪري سگهي ان ڪري مان انهن کي هٿ ٻڌي عرض ٿو ڪريان ته خدارا! اوهان انهن جي هٿن ۾ نه کيڏو اوهان هڪ اهڙي تحريڪ جو حصو نه بڻجو جيڪا سنڌ يونيورسٽي کي هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏي اپيل رڳو ايتري آهي ته خدارا يونيورسٽي تي رحم ڪريو جئين شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو ته واڪا ڪرڻ مون وس ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو هاڻي مون به نماڻي التجا ڪئي آهي ته پنهنجي ٻارن جي مستقبل سان کيڏڻ بند ڪريو سياڻي ائين نه ٿئي جو پاڻ کي ان تي پڇتائڻو پوي

# سڪي ويا سيج تي گلڙا.........

انسان نہ چاهيندي بہ ڪڏهن ڪڏهن محبت جي پيچرن تي هلي پوندو آهي ان پيچرن تي هلندي هلندي ڪڏهن همسفر بہ وڇڙي ويندا آهن جن جي ساٿ لاءِ اسان هٿ کڻي دعائون گهرندا آهيون پر پوءِ بہ اها دعا ڏٺي در قبول ناهي ٿيندي اهي اسان کان وڇڙي ايترو تہ پري هليا ويندا آهن ۽ وري سي ئي ڪڏهن زندگي جا همسفر بڻجي ويندا آهن تڏهن الائي ڇو اسان کي خوش ٿيڻ بدران ڏک ٿيندو آهي شايدان ڪري جو اهي اڳ وانگر مڪمل ناهن هوندا ڇو جو اسان جون اکيون انهن پرين پيارن کي ائين ڏسڻ چاهينديون آهن جيئن هو وڇڙڻ کان اڳ هئا.

سڪي ويا سيج تي گلڙا اڃان نہ آئين تون
رنم آپ ڏي ڪٽي هٿڙا، اڃان نہ آئين تون

زندگي خدا طرفان مليل هڪ تحفو آهي اهڙو تحفو جنهن جا رنگ ۽ سواد بيوقتائتا مٺا رهن ٿا ۽ ڪو اڪين ٿار سواد جي سُرڪي لاءِ پڻڪي پڻڪي اندر ئي اندر ۾ رولاڪ مسافر بڻجي پوي ٿو. يعني ڪن ماڻهن کي زندگي ۾ ايترا تہ سک ملندا آهن جو انهن کي اها بہ خبر نہ پوندي آهي تہ ڏک ڇا آهن.....؟ تہ ڪٿي وري ڏک ماڻهن کي ايترو تہ وڪوڙي ويندا آهن جو هو سک کان بي خبر رهندا آهن ڪٿي ٿاٻا تہ ڪٿي ڌڪا تہ ڪٿي وري انهن کي رسوايون ملنديون آهن اهو ڏکن جو ڏاج ستمگر زماني جي قيد ۾ قاتل مظلوم لمحن سان گڏ نشان مقتل گاهہ بڻجي ٿو. جنهن کي عام طور تي مقدر ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ اهڙو مقدر ڪنهن معصوم زندگي سان منسوب ٿيڻ لڳي تہ پوءِ ڇا ڪجي ...؟ ۽ ڪنهن طرف نهارجي.......؟

حقيقت هن حالي جي ظاهر ڪيان جي ذري
تہ لڳي ماٺ مرن ڪيرِ ڏونگر پون ڏري
وڃن وڻ ٻري اوپر اُپري ڪين ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ئي هڪ ماٺهو سان منهنجي بہ محبت آهي جنهن سان ڪڏهن بہ سامهون نہ ڳالهائي سگهيو آهيان شايدان ڪري جو مون کي پڪ تہ ظالم زمانو اسان ٻنهي جي محبت کي برداشت نہ ڪندو ان ڪري اندر جي اڌمن کي بيان ڪرڻ لاءِ قلم ۽ ڪاغذ جو سهارو ورتو اٿم ۽ اڄ بہ هن کي قلم ۽ ڪاغذ ذريعي ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو.

اي پرين منهنجي خواهشن خوابن جي ساپيان صرف تون آهين منهنجي دل صرف تنهنجي عشق جي ميخاني مان پاٺي پيتو آهي مونکي پنهنجي محبت جي خمارن ۾ مگن رهڻ ڏجانءِ مون کي در نہ پٽڪائجان.! مون کي ان چار مان ڪڏهن بہ آزاد نہ ڪجانءِ جنهن چار ۾ تو ڪنهن چالاڪ شڪاري جئيان نادان پکي سمجهي ڦاسايو هو.

زندگي جي نازڪ موڙ تي اڪيلو ڇڏي مون کي جدائي جي باهہ ۾ جلائي ڪافر جئيان نہ مارجان آئون تہ تنهنجي نيٽن جي تيرن سان مسلمان ٿي مرڻ چاهيان ٿو. مون کي ٽٽهڻ اس ۾ اڪيلو نہ ڇڏجان چو تہ تنهنجو ساٿ مون لاءِ زندگي آهي، منهنجي هر خوشي آهي تون رڳو منهنجي خوابن جو حسين نگر ناهين، پر تون منهنجو اقرار آهين.

آئون جيسن زندهہ آهيان تيستائين تون منهنجي دل جي ڌڙڪن آهين تون مونسان گڏ آهين تہ آئون آهيان نہ تہ زندگي ۾ سوا سڄ ۽ رڄ جي ڪجهہ بہ ڪونهي تون منهنجي ڪائنات جو سڄ آهين مون کي تقدير جون رسوايون قبول آهن پر آئون تنهنجو وڇوڙو برداشت نہ ڪري سگهندس...

پروفيسر صاحب چند مارڪن عيوض نوجوان ڪي دوستي لاءِ بليڪ ميل ڪندا ٿا وتن. ڇوڪرين تان انهن جي پنهنجي پاڻ ۾ ڄندڙا پٽ لڳي پئي هوندي آهي. اسين ڪٿي پهچي ويا آهيون ڪا خبر ئي نٿي پوي موبائل ۽ موٽر سائيڪل، موٽر ڪار وٺي اسين پنهنجو پاڻ کي سرخرو محسوس ڪندا آهيون. ها اسين اهڙي معاشري ۾ جيئون پيا جنهن ۾ بي ضميري بي حسي جي پريڪٽس ڪري رهيا آهن، اهڙيون حالتون ڏسون ٿا. پوءِ به اسان جو ضمير اسان کي ملامت نٿو ڪري ۽ اسان جي اندر ۾ ڇهنڊڙي نٿي لڳي اسان جي اک ۾ ڳوڙهو نٿو اچي پر ها! جيڪڏهن ايندو به ته ڇا ٿيندو اسان انهن شين جا عادي ٿي ويا آهيون. محبت ڪوهين ڏور هلي وئي آهي. امن بي امن ٿي ويو آهي. چمن اجڙي ويو آهي. گلابن ٽڙڻ ڇڏي ڏنو آهي، مست جواني ڪان ڇلڙو ڦلڙي وسري ويا آهن ڳوڙها ڳاڙي ڳاڙي اکين جو پاڻي ختم ٿي ويو آهي هر روز نوان سور اسان جا منتظر آهن نوجوان نسل ذرا سوچيو اٿئو ائين نه ٿئي اسان سياٽي پنجاهه سال پوئنا هليا وڃون اچو متحد ٿي حالتن جو مقابلو ڪريون جيئن اسان جو ايندڙ نسل ته سک سان زندگي بسر ڪري سگهي.

# قربانين ڪي پيٽا ڪيئن ڏجي.......؟

سنڌ جي مٽي ۾ جنت جو هڳاءُ آهي ته هتي جي درياءَ سنڌو ندي جو پاڻي آب حيات کان ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي، سنڌو ماتري جي موجن ۾ سنڌ جي هر جاندار جو جياپو آهي ته هتي جي ڌرتيءَ مان ڦٽندڙ هڪ سنگ جي سلي جان زندگي پوشيده آهي، اهڙي طرح ذاتي زندگي ۾ ته هر انسان پنهنجي پاڻ سان محبت ڪري ٿو پر جيڪي ماڻهو پنهنجي ڌرتي ماتا جي محبت کان غافل رهندا آهن اهڙن ماڻهن ڪي تاريخ يا ايندڙ نسل ڪڏهن به سٺن لفظن ۾ ياد نه ڪندو آهي پر ان برعڪس جيڪي ماڻهو ڌرتيءَ خاطر جان جي قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائيندا آهن، اهڙن ماڻهن جو ذڪر تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو وڃي ٿو اهڙن سرفروشن تي تاريخ خود فخر ڪندي آهي، ايشيا جي عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پڳدار پٽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو به اهڙن سرفروشن مان هڪ هو، جنهن ڌرتي مٿان قرباني ڏيئي سنڌ سان محبت جو ثبوت ڏنو، سنڌ ڌرتي جي ارڏن انسانن جي شهادت جو هڪ اٽڪڻ سلسلو آهي جيڪو تاريخ جي صفن تي سدائين جرڪندو رهندو ۽ اهو سلسلو صدين کان شروع آهي جيڪو اڄان هلندڙ آهي.....................

چاڪاڻ ته سچ وارو جهنڊو سدائين بلند رکڻ لاءِ هڪ طويل جٽو آهي جيڪو حق جي لڙائي لاءِ سينو ساهي روان دوان آهي. سنڌ جو پٽ سورهه بادشاهه پنهنجي زمين جي آجپي لاءِ سوري جو سينگار ٿي ويو ۽ سندس قاتلن ڪي سڃي دنيا سڃاڻي ٿي. ليڪن انصاف اڄ تائين نه مليو..........! اسان سنڌين جي شهادت جون ڪهاڻيون به لاتعداد آهن ۽ هڪ جهڙائي به اهائي آهي ته سندس قاتلن جي چهري تان نقاب لهڻ باوجود ماٺ جا تالا جٽين جو تئين موجود آهن، اسان تمام گهٽو پوئتي نه وڃون ته شهيد شاهنواز ڀٽي (جونئير) کان تاريخ جا ورق ورايون پوءِ به اڻ ڏٺل موت جا ڊراما نظر ايندا ۽ اهڙا حادثا سنڌ واسين ڪي ڪجهه عرصي لاءِ ٻنڌ

پهڻ ڪري ٿا ڇڏن، جنهن جو فائدو اهڙيون ڌريون ٿيون وٺن، جيڪي اهڙن معاملن ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح ملوث هونديون آهن ۽ آخر ۾ سنڌ سان ٿيل هاجن کي سوين بهانا بڻائي وقت جي ڌوڙ ۾ هوريان هوريان ميسارڻ وارا ڪرتب ڏيکاريندئيون آهن! سنڌ ڄاڻون منجهان جنهن به عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي يا سچ کي سچ چيو ۽ ننگن جي نڱين ڪان عوام کي واقف ڪيو ته انهن جو انجام وڃي اهو نڪرندو ته شاهنواز ڀٽو جونئير کي پرڏيهه ۾ زهر ڏيئي ماريو وڃي ٿو ۽ سنڌ جي ارڏي پٽ مير مرتضيٰ ڀٽو کي پنهنجي ساٿين سميت پنهنجي پوليس اهلڪارن هٿان شهيد ڪرائي هڪ نئين ڪهاڻي تحرير ڪئي وئي ٿي جو هڪ وزير اعظم ڀيڻ هوندي سندس پاءُ گهر آڏو قتل ٿئي ۽ قاتل آزاد گهمندا وتن انهي صورتحال ۾ سوين سوال جنم وٺندا..

مير مرتضيٰ ڀٽو جو قتل هڪ شخص، هڪ ليڊر، هڪ قائد جو قتل نه پر سڄي ملڪ ۽ قوم جو قتل آهي، جواني ۾ پير پائيندڙ نوجوان نسل جو قتل آهي انصاف لاءِ واجهائيندڙن جو قتل آهي مير مرتضيٰ ڀٽو جي قتل ۾ نه رڳو هن ملڪ ۽ قوم جون دشمن ڏيهي قوتون مجرم آهن پر پرڏيهي قوتون به هن عوام دوست ليڊر جي قتل ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن جيڪي نٿيون چاهن ته هي ملڪ ۽ قوم دنيا ۾ پنهنجو جائز مقام ماڻي سگهي جن ذوالفقار علي ڀٽو کي ان جرم ۾ قتل ڪيو ۽ ساڳئي ئي عوام ۽ ملڪ سان محبت جي جرم ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو کي شهيد ڪرايو.....

مير مرتضيٰ ڀٽو کي ان جرم تحت شهيد ڪرايو ويو ته هن ڌرتي تي انقلاب جا سپنا ڏٺا هئا هن جدوجهد ۾ پنهنجو وجود ولوڙيو هو ۽ هن اونده راتين ۾ روشن صبح جا سندر گيت جهونگاريا يا ها مير مرتضيٰ ڀٽو ته ايندڙ خوشحالي جي ڏينهن جو تصور اکڙين ۾ سمائي ڏڪاريل جسمن ۾ اتساهه پيدا ڪيو هو، هن ٽارچر سيلن کان وٺي زندان جي تاريخ کولين تائين جو سفر اڪ چنبي ۾ ختم ٿيندي ڏٺو هو......مير بابا خود رڻن ۾ روپوشي دوران سرسبز ۽ شاداب ڌرتي جا خواب ڏٺا هئا، غريب جي جهوپڙين ۾ خوشحالي جا سندر سپنا ڏٺا هئا هڪ اهڙي صبح جا خواب ان وقت پور پور ٿي ويا جڏهن 20 سيپٽمبر 1996ع ۾ اسان کان جسماني طرح الڳ ڪيو ويو ان ويل سنڌ ڌرتي جي ڳلن تان ڳوڙها ڳڙيا هوندا....! شاهه عنايت شهيد ۽ شاهه لطيف جا روح زخمي ٿيا هوندا، جنهن ڏينهن مير بابا کي شهيد ڪيو ويو ان وقت سنڌ امڙ ويران ۽ ريگستان جو ڏيک ڏنو ۽ سموري سنڌ سڪتي ۾ ونجي چڪي هئي هر طرف ماتم نظر ٿي آيو پر قدرت جي لکئي کي ڪير ٿو موڙي سگهي.

پنهنجي گهر ڀاتين جي مسئلن کي سمجهڻ گهرجي ۽ ٻاڙي وارن جو ڀرجهلو ٿيڻ گهرجي ۽ پنهنجن روين کي سڌارڻ کپي ۽ ڪنهن ٻي مٿان ٺٺول ڪرڻ کان پاسو ڪجي جيئن ڪنهن جي دل آزادي نہ ٿئي ڪنهن جي محرومي وائکي نہ ٿئي ۽ کو احساس محرومي ڏانهن نہ ڌڪجي روزگار هجي محبت پيار پريت هجي تہ ڪير خودڪشيون ڪندو. اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن ملڪ مان بيروزگاري ۽ مهانگائي ختم ٿيندي.

# ڦاسيءَ تي هن ڪي ننڍ اچي وئي

هي اهو ماڻهو آهي جنهن ڪي سڄي دنيا ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان سڃاڻي ٿي. هي اهو ڀٽو هو جنهن سڄي زندگي ۾ ڪنهن جي ڪاڻ ڪيڻ نه سکيو هن ڪي پنهنجي ضرورت بجاءِ ٻين جي ضرورت هئي اڄ جيڪڏهن ڀٽو زنده هجي ها ته شايد ملڪي قيادت ايتري ويچاري نه هجي ها. ڪنهن جي رحم ڪرم تي بيوس نه هجي ها پر هن شخص وٽ ته ملڪ جي خوشحالي پلائي ۽ اسلامي دنيا کي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جا خواب ها جيڪو ساپيان ٽيندي ٽوڙيا ويا. هن شخص ۾ ايتري صلاحيت هئي جوڪنهن اڳيان ڪيس اڪيون جهڪائڻ جي ضرورت نه پوندي هئي هن وٽ ڳالهائڻ جو هڪ لازوال فن موجود هو ۽ هو ٻڌندڙ کي منٽن ۾ لاجواب ڪري ڇڏيندو هو.

شهيد ڀٽي جي ڪوشش هئي ته پوري اسلامي دنيا کي هڪ هنڌ گڏ ڪجي هن جو خيال هو ته اسلامي دنيا ايتري ته مالا مال ٿئي جو اهي هڪٻئي سان سهڪار ڪن ته ڪنهن غير اسلامي ملڪن جي ڪاڻ ڪيڻي نه پوي. ها هن چاهيو پئي ته غير اسلامي ملڪ اسلامي دنيا جا محتاج هجن. ان سلسلي ۾ هن پڻ اسلامي ڪانفرنسون ڪوٺايون ايتري حد تائين جو اسلامي ملڪن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ ڪامياب ويو پر آمريڪا جي شروع ڪان وني اها ڪوشش رهي ته هو اسلامي دنيا کي تابع ڪري پر ڀٽي صاحب جو ڪردار اک جو ڪندو ٻڻجي ويو نيٺ آمريڪا ڀٽي صاحب کي مارائڻ ۾ ڪامياب ويو پر سندس ڪردار کي ختم نه ڪري سگهيو ڀٽو اڄ به عوام جي ڏڙڪن سان گڏ ڌڙڪي ٿو ڀٽو شهيد تي امر ٿي ويو ۽ ڪيس شهيد ڪندڙ هميشه لاءِ خوار ٿي ويا. شهيد ڀٽو جنهن جي صلاحيت جو دشمن سندس به اعتراف ڪرڻ تي مجبور هوندا هئا هو اسلامي دنيا جو هڪ اهڙو شينهن هو جنهن جي اڳيان شيهن به گدڙ ٻڻجي ويندا هئا ۽ ڪنهن کي به اجايون اونايون ڪرڻ جرئت نه ٿيندي هئي اڄ هي ملڪ ۽ عوام جنهن حالتن مان گذري رهيو آهي اهو سڀ جي اڳيان آهي پاڻ جيڪڏهن ڪجهه پل موجوده حالتن جي ڀيٽ ان دور سان ڪنداسين جڏهن شهيد ڀٽو ملڪي حڪمران هو ته حيرت وچان اسان جون اکيون کلي وينديون هيون ڇو ته اسان کي زمين آسمان جيترو فرق

محسوس ٿيندو هو اهو دور اسان ڪي هڪ قسم جي غنيمت محسوس ٿيندو. هن عوام کي هڪ اهڙو ماحول ڏيڻ پئي چاهيو جنهن سان جان مال عزت مڪمل طور تي محفوظ هجي جنهن ۾ اهڙو ڪو به گهر نه هجي جنهن جي چلهه ٿڌي رهي جنهن ۾ ڪو اهڙو نوجوان نه هجي جيڪو زورگار لاءِ پريشان هجي جڏهن ته ڪو به آبادگار پاڻي يا ٻئي مسئلي جو شڪار نه هجي جڏهن ته هر هاري وٽ پنهنجي ٻني هجي جنهن ۾ ڪو به ماڻهو بک ۽ بد حالي جو شڪار نه هجي ڪو به ٻار تعليم جي زيور کان محروم نه هجي انتظاميه پاڻ کي عوام جو خادم سمجهي پئي صاحب هڪ اهڙي معاشري جي جوڙجڪ ڪئي جنهن ۾ ڪير ڪنهن جو محتاج نه رهي هر ڪو عزت ڀري زندگي گذاري هن هڪڙي قسم جو انقلابي معاشرو چاهيو پئي هي اهو ماڻهو هو جنهن جي رات جي رهزنن هٿان مارجي وڃڻ تي شام جي "سربراهه حافظ الاسد چيو هو ته پاڪستاني جنرل هڪ فرد کي ڦاهي نه ڏني آهي پر هن پاڪستان جي قسمت کي ڦاهي ڏيئي ڇڏي آهي" هو واقعي به هن ملڪ جي قسمت هو هن ٿورڙي عرصي ۾ اهو سڀ ڪجهه حقيقت جي روپ ۾ آڻڻ پئي چاهيو اڄ هي جيڪي ڪروڙين ماڻهو ڀٽي کي ياد ڪري اوچنگارون ڏئي روئن ٿا اهي سڀ چريا ناهن. انهن ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڏٺو هو پر افسوس جو عوام جي خوشحالي ۽ ملڪ جي ترقي جي دشمنن کان اهو ڀٽو هضم نه ٿي سگهيو ۽ 4 اپريل هن عوام جي اکين ۾ ڀٽي جي صورت ۾ ناڪيل خواب کي چني ڇڏيو ۽ خواب جي ڇڄڻ سان جڻ سڀ ڪجهه ڇڄي ويو هاڻي ته عوام جو مستقبل هڪ خواب ئي رهجي ويو آهي ڀٽو اهڙو ماڻهو هو جيڪو اڄ جيڪڏهن زنده هجي ها ته پوري امن پسند دنيا پنهنجي حوالي ڪري ڇڏي ها ايتري صلاحيت هن ۾ موجود هئي جو هن جو ڪردار آمريڪا اڳيان اسپيڊ بريڪر ضرور ثابت ٿئي ها. سڄي دنيا ۾ مڃيل هي شخص آمريڪا کي ضرور مجبور ڪري ها ته هو گولي جو ٻولي بجاءِ ماڻهپي واري ٻولي ڳالهائي هن ڪائنات جي گولي تي ٻن قسمن جا ماڻهو ٿين ٿا هڪڙا اهي جيڪي پنهنجي لاءِ جيئندا آهن ۽ ٻيا اهي جيڪي ٻين لاءِ جيئندا ۽ مرندا آهن اهڙن ماڻهن کي ڪو به موت ماري ناهي سگهندو اهي سدائين زنده هوندا آهن اهي مسلسل جاڳ ڪان پوءِ بس اکيون ٻوٽي ماڻهن جي دلين جي بستر تي آ هلي پوندا آهن جيڪڏهن ڪنهن کي ڀٽي سان ملڻو آهي ته هو غريب عوام جي دلين تي مرڪندو نظر ايندو.

دهشت، ڌماڪا، ديس ۾ بند بازارون
ڳوڙهن قطارون، درد لٿو آ ديس تي!

# هلي آءُ هاڻي دم ٿو وڃي.....!

خبر ناهي تہ مان الائي ڪڏهن کان ڏکن جو ڪشڪول کنيون پنڌ ڪيل مسافر جيئان زندگي جي شاهراهن تي پنڌ ڪي رهيو آهيان، ڪا خبر ناهي تہ منهنجي زندگي ڇا هي ۽ منهنجي زندگي جا ڪهڙا مقصد آهن، ڇو تہ هن وقت منهنجي حالت هڪ گداگر جيان آهي، هاڻي اوهان جي مرضي آهي مون گداگر جي ڪشڪول کي محبت جي خيرات سان ڀريندو تہ هن گداگر فقير جي زندگي جا باقي ڏينهن شاهراهن تي پنڌ ڪڻ بجاءِ سڪون سان ڪٽجي ويندا ۽ تنهنجي ملڻ کان پوءِ جئيڻ جو مقصد ملي پوندو. ڇو تہ مان تو کان سواءِ اڌورو آهيان ۽ ها هن دور ۾ سٺا دوست ۽ سچيون محبتون اڻلڀ آهن. پر مان تہ ازل کان وٺي ڏکن جي ديس ۾ پليو آهيان ۽ ڏکن سان پنهنجي پراڻي دوستي آهي. ايتري پراڻي آهي جيتري انسان جي ارتقا جي تاريخ پراڻي آهي. اوتري پيار ڪرڻ جي ريت پراڻي آهي پر اڪين کي اها خبر ناهي تہ اسان تتل ڏينهن ۾ پيرين اگهاڙا هلندڙ پانڌيئڙا آهيون.

درد جون ڪهاڻيون اکين جي ريشمي تاڪين تي لکيل هونديون آهن. جن کي پڙهڻ لاءِ سالڪ جهڙيون اکيون گهرجن نہ تہ ٻين جي اکين سان موهن جي دڙي جي لکتي وانگي ڪو بہ پڙهي نٿو سگهي. جيئن منهنجي اکين جي خمارن کي تون نٿي سمجهي سگهين. پر هڪ ڳالهہ ياد رکي ڇڏ تہ تون مون کان ڪيئن ٿي وسري سگهين. تون تہ منهنجي دل جي راڻي آهين. اڄ بہ منهنجي دل تي راڄ ڪرين ٿي تون جدائي ڪري مون کي ويتر ڏکن ۾ وجهي منهنجي مرڪن جهڙي خوبصورت زندگي

اجاڙي مون کي اڪيلو ڪري وئينءَ تون تہ پنهنجي سونهن سان چانڊوڪي رات ۾ سمهي ٿي پوين، پرمون کي ڪٿي ٿي ننڊ اچي مون کي تہ تو دلبر مان اها اميد ڪو نہ هئي تو تہ چيو هو تہ تو کي ڇڏي ٻئي سان ملان تہ ڪافر چئجان، سنڌوءَ جي سينڌ جو قسم ڪنيو هيئي تہ مرڻ گهڙي تائين مان تنهنجي آهيان پوءِ آهي وچن وساري مون کي وڇوڙي جي هيلپ تي چاڙهيئي لک شابس هجئي هاڻي تہ آءٌ نہ مران ٿو نہ جيئان ٿو وڇوڙي سدائين ماس ڪوري ختم ڪري ڇڏيو. هاڻي هلي آءٌ منهنجو دم ٿو نڪري..........!

پر نہ دم ٿو ٿئي نہ دردن مان جند ٿي ڇٽي. هر انسان جي حياتي سان ڏک سک ٿڪ ۽ سڏڪا ننهن ۽ ماس جيئان فطرتي طور تي لاڳاپيل آهن جيڪڏهن انسان کي زندگي ۾ سک خوشي ملي ٿي تہ ان تي ڪيس ايترو نازان نہ ٿيڻ گهرجي ڪيس اهو ياد ۽ خبر هجيس ۽ سياڻي ڏک ۽ غم بہ ملي سگهي ٿو ڇو تہ انسان مٽي جو پتلو آهي. ڪڏهن بہ پري سگهي ٿو جهڙي طرح اڄ آءٌ تنهنجي جدائي ۾ پري پيو آهيان ڪنهن شاعر جو شعر آهي تہ:

مون تو سان ڪئي وفا ايڏي نہ ڪر بي واجبي
تو رهين جاني جدا ايڏي نہ ڪر بي واجبي
سونهن پنهنجي تي پلا جو نازنخرا تو ڪرين
جنهن کي ناهي ڪا بقا ايڏي نہ ڪر بي واجبي

يقين ڪر مون کي تنهنجي وڇوڙي ايڏو تہ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي جو آءٌ هاڻي دوستن سان محبت جي موضوع تي بہ نٿو ڳالهائي سگهان. ڇو تہ جڏهن انسان کان دل گهريو دوست جدا ٿي ويندو آهي تہ ان کي دنيا جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي وڻندي اهو پريشان رهندو آهي. جيئن مان تو کان سواءِ سدائين تڙپ ۾ رهندو آهيان منهنجا جاني ان ڳالهہ جي مون کي اڃان تائين خبر نٿي پوي تہ آخر مون کي ڪهڙي قصور عيوض ايڏي وڏي سزا ڏنئي مان توکي ڇا چوان نہ بيوفا چئي سگهان ٿو نہ وري با وفا. اڄ بہ اهي خط مان پڙهي روئندو آهيان. پر تو تہ هڪڙي خط ۾ هي شعر بہ لکيو هو تہ:

ساهہ ساهہ سان توکي نہ ساريان تہ ڪافر چئجان
جي اوهان کي وساريان تہ ڪافر چئجان
هي نيڻ ٻئي نالي اوهان جي
ٻئي ڪنهن ڏي نهاريان تہ ڪانہ چئجان

ڇا اهي لکيل جملا سڀ ڪوڙا هئا، يا تو مون کي بيوقوف ڪرڻ لاءِ اهڙا لفظ استعمال ڪندين هئينءَ، اي منهنجا پرين ڪاوڙ رنج رساما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي هڪ پيرو ٻيهر مونکي پنهنجو ڪر، آءُ تو ڪان سواءِ رلي ويو آهيان پرين، ڇاڻ تو ڪان سوا آءُ ائين ٿو ڦٿڪان جيئن مڇي پاڻي بنا تڙپي آءُ تو ڪان سواءِ اڌورو آهيان. مون ۾ هاڻي ايڏي جدائي سهڻ جي سهپ ناهي رهي وري آ جاني وري آءُ ساهه جي آخري پساهه تائين تنهنجو انتظار ڪندس.

*(هي مضمون 19 آڪٽوبر 2011 تي روزاني پاڪ سنڌ سکر ۾ ڇپيو)*

# سنڌ جي تعليمي ماحول کي سڌارڻ جي ضرورت

سنڌ قديم زماني کان وٺي علم جو مرڪز رهي آهي اڄ کان هزارين سال اڳ جڏهن مصريون نان ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ نوان طريقا اختيار ڪيا ويا هئا ته ان وقت به سنڌ تعليمي ميدان ۾ انهن کان پوئتي نه هئي. جنهن جو ذڪر تاريخ پڻ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ان دور جي تحرير اڃان تائين ڪنهن کي سمجهه ۾ اچي نه سگهي آهي تنهن هوندي به ماهرن جو خيال آهي ته ان دور ۾ سنڌ تعليمي ميدان ۾ وڏي ترقي ڪري چڪي هئي. اسلام اچڻ ڪانپوءِ سنڌ تعليم جو باقاعده مرڪز بڻجي وئي. ٺٽو بکر ۽ سيوهڻ جا مدرسا يونيورسٽين جا درجا رکندا هئا اتان پڙهي نڪرندڙ شاگردن جهڙوڪ مخدوم معين الدين ٺٽوي. مخدوم ضاءَ الدين، مخدوم ابوالحسن سنڌي ۽ محمد هاشم ٺٽوي وغيره جهڙن عالمن جي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ وڏي هاڪ هئي. جيڪي مديني جهڙي شهر ۾ استاد جي حيثيت ۾ پڙهائڻ ويا ۽ مخدوم محمد هاشم جا ڪتاب اڄ به مصر جي جامع الزهرىٰ يونيورسٽي ۾ پڙهايا وڃن ٿا. پوءِ اڄ ڪهڙا سبب آهن اسان جي سنڌ جي تعليم ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندي وڃي ٿي جيڪڏهن غور ڪري ڏسجي ته ان بااهلي جا ڪيترائي ڪارڻ آهن جن سنڌ کي تعليم جي حوالي سان ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي اچو ته اهي ڪارڻ معلوم ڪريون.

بهتر تعليم جو دارو مدار هڪ هوشيار استاد هوشيار استاد جي نشاني اها آهي ته پنهنجن شاگردن کي اولاد وانگي سمجهي ۽ پاڻ کي انهن جو پيءُ تصور ڪري. ليڪن موجوده دور ۾ قصو ئي ٻيو لڳو پيو آهي اڄڪلهه جيڪي ماڻهو استادي پيشي سان لاڳاپيل آهن تن کي استاد ۽ شاگرد جي رشتي جي ڪا به خبر ناهي جيڪي رشوت ڀري انهن عظيم عهدن تي فائز ٿين ٿا تن کي ڪهڙي خبر رشتن ۽ ناتن جي جنهن ڪري ڪين پڙهائڻ جو ڪو به ڏانءُ نه هوندو آهي پوءِ اهي جان ڇڏائڻ لاءِ شاگردن کي نقل ڪرڻ جي ترتيب ڏيندا آهن تنهن ڪري موجوده ڪرندڙ تعليم جي معيار جو مکيه سبب غير ترتيب يافته استاد آهي.

تعليم واري دور ۾ ٻار جي عمر ئي ڪجهه اهڙي ٿئي ٿي جنهن ۾ هو هر هڪ ڪان لنوائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي سندس دل چوندي آهي تہ سڄو ڏينهن راند ۽ آرام هجي هاڻي اسڪول ۾ بہ ڪين اهڙا استاد مِلي وڃن جيڪي ڪين امتحان ڏيڻ ۾ نقل ڪرڻ جي تربيت ڏئي تہ ٻار ڪي وڏيڪ چا گهرجي ليڪن ائين ڪرڻ وقت پنهنجو مستقبل بلڪل وساري ويهندا آهن تہ جيڪڏهن اڄ اسين نقل ڪري پاس ٿياسون تہ اڳي هلي اسان ڪي ڇا ايندو. جيڪڏهن اسان جي ڪا ذميواري وڏي وئي تہ اها ڪيئن نڀائيندا سون هن وقت تہ وڃي اها حالت رهي آهي جو بي اي ۽ ايم اي جي نوجوان کي سنڌي درخواست بہ مشڪل سان لکڻ ٿي اچي. ۽ ميٽرڪ جا شاگرد ونڊ ۽ ضرب جا حساب بہ نٿا ڪري سگهن. ڪرندڙ تعليمي معيار ۾ والدين بہ استادن جيترا قصوروار آهن پنهنجي ٻار کي پاس ڪرائڻ بلڪ اي گريڊ ڏيارڻ جي چڪر ۾ هوندا آهن سفارش ۽ نقل ذريعي پاس ٿيندڙ اڳتي هلي ڪنهن جي بدنامي جو باعث تہ نہ ٿيندو.ڇا جنهن کي لکڻ پڙهڻ ئي نہ اچي ان کي نوڪري ملي سگهي ٿي؟ پر والدين جي ذهن ۾ اڃ تائين اها سوچ نہ آئي آهي نہ وري پنهنجي ٻارن کي تعليم سڌارڻ لاءِ متن ڪا سختي ڪئي هوندئون ۽ استادن جي ڪارڪردگي ڏسڻ لاءِ اسڪول بہ نہ ويندا! باقي امتحانن جي موقعن تي ڪاپي ڪرائڻ ائين ايندا جيئن (ڪري اچي سگر تي) اهڙن حالتن ۾ تعليم ڪيئن سڌري سگهي ٿي. وقت اچا بہ ويو ناهي جيڪڏهن هيٺين ڳالهين تي عمل ڪيو وڃي. تہ سنڌ ۾ تعليمي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي.

استادن کي ڀرتي ڪرڻ شرط ( پي ٽي سي) ۽ (سي ٽي سي) ٽرينگ تي موڪليو وڃي ان دوران ڪين پوري پگهار ملڻ کپي. ڪوشش ڪجي تہ استاد کي پنهنجي گهرن ڪان پري ٻئي اسڪول ۾ نہ موڪليو وڃي. جو تہ انهن جي ٿڪاوٽ پريشاني ڪري پڙهائڻ ۾ سندن دل ئي نہ لڳندي.

جيڪڏهن استاد گهر ويجهو هجڻ باوجود پڙهائڻ ۾ ڪوتاهي ڪري تہ ان کي سزا ڏني وڃي.

والدين تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ اهي هر هفتي ٻارن جي سارسنڀال لهن جيڪڏهن استاد خاطر خواهہ جواب نہ ڏين تہ بالا آفيسر کي ليٽر لکن.

نقل ڪرڻ لاءِ سخت قانون جوڙيا وڃن جيئن انهن مان ٻيا بہ سبق سکن مٿين ڳالهين تي عمل ڪرائڻ سان سنڌ جو تعليمي ماحول بهتر ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڄڻ کي ساريوم..........!

منهنجي محبت کي نڪرائڻ وارا اڄ مون کي اهو ٻڌاء ته تون چو پريشان آهين....؟ مون ڪان اڄ به تنهنجي پريشاني سٺي نه ٿي ٿئي، آئون تو کي اڄ به ڏکيو نه ٿو ڏسي سگهان، مون ته تو کي هميشه سرمد سنڌي جي هن لولي جيئان دعائون ڏنيون ته.....!

جتي هجو سکيا هجو اسان جي آ دعا اها
ڪڏهن ڪڏهن ملي وجو آ درد جي دوا اها

شال خوش هجين آباد هجينن، سدائين خوشحال هجين، ڪڏهن به ڏک تنهنجي ويجهو نه اچن، سک تو کي پنهنجو ٻڌائن سک تنهنجا ساٿي ٿين هر گهڙي هر وقت کلندو رهين. مسڪرائيندو رهين هر لمحي هر پل تنهنجي ٽهڪن جا آواز گونجندا رهن اجا به آئون ٻئي هٿڙا کڻي ڏٺي در اهائي دعا گهرندس ته منهنجي حصي جون جيڪي خوشيون آهن اهي به تنهنجي حصي ۾ اچن، تنهنجو دامن هميشه خوشين سان ڀريل هجي تنهنجو اڱڻ چمڪندو ۽ مهڪندو رهي ۽ تنهنجو چهرو هميشه گلاب جي گل جيئان نکريل رهي رب سائين تو کي اها خوشي ڏئي جنهن جو تون طلبگار آهين.

پريار! اڄ مون کي اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته تون هميشه خوش رهڻ وارو هئين ۽ تنهنجي جوڀن جي ندي هر وقت سمنڊ جي ڇولين وانگر چلندڙ هئي ۽ اڄ تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها ترسيل آهن، وار کريل آهن، مرڪ تنهنجي چپن تي ناهي، تون هيسايل مرجهايل ان گل جيئان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳين ٿي، جنهن جي نفيس پنکڙين کي پيرن هيٺيان لتاڙيو ويو هجي پر تون...! اداس ڇو آهين؟

تو چيو هو تہ منهنجو تو سان سچو پيار آهي جنهن ڏينهن تو کي نہ ڏسندي آهيان، اهو ڏينهن منهنجي لاءِ قيامت برابر هوندو آهي. اهو بہ تہ توئي چيو هو تہ جيڪڏهن ريتن ۽ رسمن جا رواج نہ هجن ها تہ پاڻ ٻئي هميشہ لاءِ هڪ ٿي وڃون ها، ڇو تہ مون کي ڊپ ٿو ٿئي متان ڪٿي زندگي جي ڪنهن موڙ تي منهنجو ساٿ ڇڏي وڃين، تو منهنجي ڇپن تي هٿ رکي چيو هو تہ آئون توکي ڇڏڻ کان پهريان يا ٻئي ڪنهن جي ٿيڻ کان اڳ ۾ موت کي ڳلي لائيندس، آئون توکي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ ۽ ڪهڙي بہ قرباني ڏيڻ کان نہ ڪيٻائيندس...پوءِ ڇو نہ منهنجو ساهہ جسم کان ڌار ٿي وڃي پوءِ ڀلي منهنجو روح پرواز ڪري وڃي.آخر ۾ تو مون کان پڇيو هو تہ تون مون سان ڪيترو پيار ٿو ڪرين..! تڏهن مون توکي چيو هو تہ تون منهنجو ساهہ ويساهہ آهين، جيئڻ، مرڻ، مرڪ، خوشي، لڙڪ، ڏينهن، رات، چنڊ، ستارو آهين آئون سمنڊ ۽ تون منهنجو ڪنارو آهين بادل برسات روح راحت تات ۽ چاهت آهين، چين، سڪون، گل، دل، گيت، سر ۽ ساز آهين آئون جيئان بہ تہ تو لاءِ ٿو ۽ سڄي جهان ۾ بہ تون مون لاءِ آهين تون منهنجي سڪ ۾ يادن ۽ خيالن ۾، سوالن ۾ جوابن ۾ سوچ ۽ لوچ ۾ منهنجي رڳ رڳ ۾ سمايل آهين (جي ڪچان تہ ڪافي ٿيان) اي پرين تون وري اچ منهنجي هن اجڙيل زندگي ۾ اچ تو کان سواءِ نہ جي سگهان ٿو نہ مري سگهان ٿو، اي پرين تنهنجون سارون ئي منهنجو جياپو آهن، سڄڻ تنهنجون سارون ئي منهنجي لا آٿت آهن.تون وري اچ هي اکيون اجان تنهنجي انتظار ۾ آهن:

*(هي مضمون روزاني پاڪ سنڌ سکر ۾ 30 آڪٽوبر 2011 تي ڇپيو ويو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نواب اڪبر بگٽي جو موت ۽ حڪومت لاءِ پيدا ٿيل مسئلا....

ماڻهو تہ زور مرن ٿا ۽ روز جمن ٿا. اهو جمڻ ۽ مرڻ جو سلسلو ازل کان شروع آهي ۽ اڃان تائين جاري ۽ ساري رهندو پيو اچي ان جي ڪنهن بہ بني بشر کي خبر ڪونهي، تہ ڪي ماڻهو مري مٽجي ويندا آهن تہ وري ڪي مري بہ مات نہ ٿيندا آهن، ڪن ماڻهن کي تہ موت ماري شڪست ڏيندو آهي تہ وري ڪي مري بہ موت کي شڪست ڏئي ويندا آهن، اهڙن اڻموٽ شخصيتن مان بلوچستان جو مزاحمتي قبائلي سردار نواب اڪبر خان بگٽي بہ هڪ آهي. نواب صاحب 1927ع ۾ نواب محراب خان بگٽي جي گهر ۾ جنم ورتو.

پاڻ پنهنجي قبيلي جي سرداري ذميواري والد جي وفات بعد 20 سالن جي عمر ۾ سنڀاليائين پاڻ 1951ع ۾ بلوچستان جي گورنر جنرل جو مشير مقرر ٿيو ۽ 1958ع ۾ وزير مملڪت طور وفاقي ڪابينا ۾ شامل ٿيو ۽ 1960ع ۾ ايوب خان جي مارشلا دور ۾ جيل ڪاٽيو ۽ حڪومت ڪيس سزاءِ موت ٻڌائي جيڪا اڳتي هلي عام معافي ۾ تبديل ٿي 1973ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ گورنر مقرر ٿيو، پر ڀٽي سان اختلافن سبب ڏهن مهينن اندر استيفيٰ ڏنائين 1988ع ۾ بلوچستان جي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي ويو ان کان پوءِ 1989ع کان 1990ع تائين بلوچستان جو چونڊيل وزير اعليٰ رهيو. 1993ع ۾ پنهنجي نئين پارٽي جمهوري وطن پارٽي قيام ۾ آندائين، محترمہ بينظير ڀٽو جي دور ۾ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توکي وسارڻ منهنجي وس ۾ ناهي

اڄ وري من جي آڳر تي تنهنجون يادون ڪڪرن جيئان ڪڻ ڪڻ ڪري وسڻ لڳيون آهن هڪ ڀيرو ٻيهر وري تنهنجي يادن جي وشال وادين ۾ گهر تي ويس هي اجايل اڪڙيون توکي وري انهن پنن تي پڪارڻ لڳيون آهن جتي تنهنجو منهنجو پهريون ڀيرو ملڻ ۽ آخري ڀيرو وڇڙڻ به ٿيو هو پر اڄ انهن پنن تي نه چاهتن جا وسڪارا رهيا آهن نه الفتن جون من لڀائيندڙ موسمون، هوائون به اندر ۾ اداسي جو احساس پکيڙن ٿيون ۽ سياري جون سرد راتيون به واسينگ وانگر ڏنگڻ لڳن ٿيون.

اڄ انهن پنن تي سواءِ يادگيرين جي ٻيو ڪجهه به ناهي رهيو سپ ان خاموشي ۾ هڪ عجيب احساس وجود کي وڪوڙي وجي ٿو الائي ڇو ائين محسوس ٿئي ٿو ڇڻ اڄ به تون اهي نخريليون ادائون ساڻ ڪٽي پيار جي پيچرن تي هٿ هٿ ۾ ڏيئي مونسان گڏ پنن تان گذرڻ لڳي آهين. اڄ اهي مهڪندڙ هوائون تنهجي هجڻ جو احساس ڏيارين ٿيون، خزان جي زرد پنن جيان منهنجي وڪريل وجود کي چمڻ جو سرور بخشين ٿيون پر اهو ته منهنجي خيالن جو خالي عڪس آهي تون ته ڪڏهو ڪو منهنجي جيون مان ڪنهن حسين لمحي جيئان گذري وئينءَ بنا سوچڻ جي بي سمجهه ٻار وانگر ڇيچ ڇڏائي ڊوڙ پائي نڄاڻ ڪيڏانهن گم ٿي وئينءَ، ها پر مون ته ڪڏهن خواب ۾ به نه سوچيو هو ته تون منهنجي ڪجل سان ڀنل نٽين کي سنتوءَ جيئان خالي ڪري ويندينءَ، منهنجي رنگين خوابن کي ائين لڙڪن ۾ لوڙهي ويندينءَ گڏ مرڻ جيئڻ جا وچن ڪري پوءِ الوداع چئي ويندينءَ مون ته ڪڏهن سوچيو به نه هو ته تون منهنجون چاهتون وساري مون کان ايڏو ڏوري هلي ويندينءَ مان ڪنهن ساڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪايت ڪريان توسان يا پنهنجي نصيب سان ٻڌاءِ پرين،.......!مان ڪنهن سان شڪايت ڪريان مون سان تہ ڪو سور سلڻ وارو بہ نہ رهيو آهي اڄ مون وٽ يادگيرين کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو هي. جڏهن منهنجو انهن اتاولين پلن تان تنها گذر ٿئي ٿو تہ تنهنجو احساس وجود کي ڏڪائي وجهي ٿو نيڻن جي صحرام تنهنجي يادن جا قافلا ڪئين مظلوم لڙڪ لتاڙي گذري وڃن ٿا.

ان پراسرا ريت جي قيد خانن ۾ اڄ بہ تنهنجي يادن جالمحہ اداسي جي جهول ۾ عمر قيد جي سزا ڀوڳن ٿا ،ڪيئن وسوساويڙهہ ڪري اندر جي اڌمن کي جاڳائن ٿا. ان قبرستان جهڙي خاموشيءَ ۾ من کي سڪون تہ ناهي ملندو مگر مان اڪثر ان نم ھينيان اڇي ويهندو آهيان جتي پنهنجي پهرين ملاقات بہ معجزي جيان يادگار بڻجي وئي هئي پر نہ هاڻ ان نم وڻ جي اها قوهہ جواني رهي نہ هوا ۽ جهوٽن ۾ وجود لوڏڻ جو عدائون رهيون آهن اڄ بہ ان نم جي هينيار، تنهنجي ٻانهن مان ٽٽل چوڙهيون ڪنهن سهاڳڻ جي سيج مٿان وڪريل، گلابن جيان زمين تي ٽڙيل پکڙيل آهن ڪيترو نہ عرصو گذري چڪو آهي پر مون لاءِ تہ ڄڻ ڪالهہ ڪلهہ جو ڏينهن هو تنهنجي يادن جا باب کوليان ٿو تہ اهوئي يادون اچي انهن پلن تي ساهہ ڏين ٿيون جتي ڪڏهن هٿ هٿ ۾ ڏيئي شام جا سندر لمحا ٽهڪن ۾ گذاريا هئاسين پر اڄ انهن پلن تي نہ تنهنجي زلفن جي هڳاءُ سان واسيل هٻڪار رهي نہ ئي تنهنجي ٽهڪن جي گونجار رهي پر اڄ انهن وادين ۾ منهنجا ڏڪا پڙاڏن جيان گونجن ٿا، توڪان پوءِ نجاڻ ڪيئي ساونڻ سيارا گذري .يا بهارون بہ غم گهٽائڻ بجاءِ ڪيئي يادون ارپي ويون خزائون بہ منهنجي بي وسيءَ تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي ڪيئي ميارون ارپي ويون پر هر پل آءُ ان اٿوٽندڙ شور ۾ سڪون ڳولهڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ ڀٽڪندو رهيس پر سڪون تہ مونکان ڪوهين ڏور پري ڪنهن مغرور محبوب جيان رٺل رهجي ويو ڪيترائي ڀيرا هن زندگي کي آزاد ڪري موت جي ياڪر ۾ سميٽڻ جو سوچيو هيم پر جڏهن دنيا جي رولاڪ راهن تي موت جي پويان زندگيءَ جا ڳرا قدم گهليندو هوس تہ تنهنجي موٽي اچڻ جا خيال ٻڙ جي وڻ جيان منهنجي جيون مٿان ڇانورو ڪري ويندا هئا ۽ مان هڪ ڀيرو ٻيهر وري پنهنجي دل جي اڱڻ تي تنهنجي يادن جا مقدس ڏيئا روشن ڪري انتظار جي چراغن ۾ نيڻ ٻارڻ لڳندو هيس پر ڪڏهن بہ تو منهنجي تصور ۾ ديوارون اڪري نہ سگهي هئينءَ......! ۽ منهنجي خيالن جا پکي اداس شام جهڙي منظر جيان تنها آسمان سان ڳالهيون پچاريندا رهيا وقت گذارڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ميرواهہ تہ ڪڏهن ان اسڪول ۾ پنهنجو وجود وڇايوسين

جتي اسان جا اڻپورا خواب تنهنجي ٽتل چوڙين جيان وکري ويا هئا پر افسوس جو هن دل کي ڪٿي ڪا گهڙي راحت نصيب نه ٿي هميشه هي نيڻ روشني جي سفر ۾ اونداهي جا مسافر بڻجي انتظار جي لمحن کي لتاڙيندا رهيا پر تون ته پهاڙن جيان بي احساس رهين ته زندگي جا چار ڏينهن ڪڏهن تون مونسان به گڏ گذاريا هئا...!

تنهنجي دل جو مثال به ان موئن جي دڙي جئيان آهي جنهن ۾ اڄ منهنجي محبت جا آثار به سڄاڻپ ۾ نٿا اچڻ پر منهنجي دل جي ڪينجهر تي اڄ به تنهنجي محبت نوريءَ جي درگاهه جيان قائم آهي ڏک فقط ان ڳالهه جو آهي ته اسان پاڻ کي فنا ڪري به محبتون امرڪيون پرتو اسان جي قبر تي چار قل به پڙهڻ نه اچي سگهين‍ءَ.........................

*(روزاني تعمير سنڌ اخبار ۾ 2013-12-142 ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سراج صدين تائين گونجندڙ آواز

مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته سراج الحق ميمڻ جهڙي عظيم شخصيت تي ڪهڙي رخ کان به اکر لکڻ جي شروعات ڪيان، هن جي ادبي شخصيت تي لکجي يا صحافتي خدمت تي، يا هن جو تعارف هڪ قانوندان جي حيثيت سان ڪجي پر ادبي دنيا ۾ هن کي سراج ميمڻ نالي سان سڃاڻون ٿا، اهو سراج ميمڻ جنهن پنهنجي لکيتن وسيلي سنڌي ماڻهن جو آواز دنيا تائين پهچائڻ جي ڪوشش به ڪئي هن کي صرف سنڌ جي پروڙ نه هئي پر هو هر وقت انهي جو درمان ڪرڻ لاءِ به جاڪوڙيندو رهيو. سراج جي ڪردار ۽ سندس عمل کان شايدئي سنڌ جو ڪو اهڙو ماڻهو هجي. جيڪو بي خبر هجي اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن جيڪي پنهنجي ڌرتي واسين جي ڏکن کي محسوس ڪندي جاکوڙ ۾ لڳا پيا هوندا آهن هن نه فقط پنهنجو پاڻ ئي بحيثيت صحافي جي هڪ بهترين ۽ سنڌ دوست صحافي ثابت ڪيو ۽ هڪ تمام بهترين وڪيل پڻ هو انهي کان به وڌيڪ هو هڪ بهترين ناول نگار هو. سندس چپيل ڪتاب ڏکڻ مان سج ٿو ايري سنڌ جي اقتصادي تاريخ، چوند آمريڪي افسانه اي درد هلي آ. پڙاڏو سوئي سڏ، مرڻ سبن آءُ ماڻهو منهنجي دنيا هيڪل ويا ڪل تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول. منهنجي دنيا مرگهه ترشنا ۽ ٻيا شامل آهن جن کي هن پنهنجي اندر مان اوتيو هو جيڪي سنڌي ذهنن تي اڄ به چٽيل آهن. حقيقت ۾ سراج ميمڻ هڪ اهڙو ذهن هو جنهن وٽ سنڌ کي خوشحال ڏسڻ جا خواب هئا، هو هر وقت انهي جستجوءَ ۾ رهيو ته سنڌ کي اهڙو دڳ ڏجي جتان اها دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي

هلي سگهي ۽ پاڻ کي دنيا جي آڏو ائين پيش ڪري سگهي جو انهي تي ايندڙ نسل فخر محسوس ڪري. ان کان علاوه هن پنهنجي صحافتي دور ۾ پنهنجي قلم کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب اڄ به سندس اهڙين لکڻين کي ماڻهو وڏو مانُ ڏين ٿا. هو سنڌ جو اهو واحد اديب هو جيڪو ڪنهن ادبي تڪرار ۾ نه پيو ۽ نه ئي اڄ ڪو ڪردار تي آڱر کڻڻ جي همٿ ڪري ٿو، هن جنهن ڏکي دور ۾ ضياءِ جي آمريت خلاف آواز اٿاريو اهو اسين اڄ وساري نٿا سگهون سراج جهڙا ماڻهو اسان جي سماج جو سرمايو هجن ٿا.

اڄ هو اسان جي وچ ۾ موجود نه ناهي پر هن جا اسان تي ۽ سنڌ تي ايترا ٿورا آهن جو انهن کي صدين تائين وساري نٿو سگهجي، ”پڙاڏو سوئي سڏ“ ناول لکي سنڌ جي ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي هن ڪيترن ئي سنڌي ليکڪن کي اتساهيو ۽ هن پنهنجي قلم ذريعي ڪيترن ئي ليکڪن کي جنم ڏنو، سراج پنهنجي دور جو تمام وڏو ليکڪ هو، سراج ميمڻ اسان جي سنڌ ڌرتي جو اهو روشن خيال ڪردار هو جنهن وٽ خيالن جا اهڙا ته املهه ماڻڪ هئا جيڪي هن سموري سنڌ کي ارپيا هن پنهنجي حياتي ۾ جيڪو ڪردار نڀايو اهو تمام شاندار هو. ڪٿي جو هاڻ هو دنيا ۾ نه رهيو آهي پر هو هڪ سگهارو آواز هو جيڪو صدين تائين سنڌ ۾ گونجندو رهندو.....!

27-02-2013 تي پ پ ش پ طرفان جيڪب آباد ۾ ملهايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ پڙهيل مضمون....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت لڏي وئي ملڪ مان

هن جديد دور ۾ هر انسان ننڍو هجي يا وڏو، پوڙهو هجي يا پڪو، ٻار هجي يا جوان، هر ڪنهن سان محبت جو ڪو نہ ڪو مسئلو جڙيل ضرور هوندو آهي هر انسان پنهنجي مسئلي ڪي حل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات، صبح شام مگن رهي ٿو پر ڇا ڪجي هتي تہ هر ڪوئي پنهنجي ۾ پورو آهي ڪير ڪنهن جي دل جو آواز ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي، چوندا آهن تہ دل جي ڳالهہ دوست سان شيئر ڪرڻ سان دل جو بار هلڪو ٿي ويندو آهي پر هاڻي تہ دل جي ڳالهہ شيئر ڪرڻ تہ پنهنجي جاءِ تي پر ڪير ڪنهن سان ملڻ لاءِ بہ تيار ڪونهي آخر ڪيڏانهن ويو اهو وقت جڏهن پڳ مٽ يار جو پهاڪو عام هو، ڪيڏانهن ويو اهو وقت جڏهن سڀ ڳوٺ وارا ٻهر جي چانو هيٺيان ويهي هڪ ٻئي سان صلاح مشورا ۽ دل جو احوال اوريندا هئا. ڪيڏانهن ويو اهو وقت جڏهن محبت جي نالي قربان ٿيڻ وارن جا ميڙ لڳي ويندا هئا.ها....ها....ها....اهو سڀ ماضي هو ۽ ماضي ڪڏهن بہ واپس ناهي ايندو. اڳ ۾ سچي ۽ پاڪ محبت هوندي هئي جيڪا هاڻي نہ آهي.

اگر هاڻ سچي محبت هجي بہ ڇا ٿيندو، ڇو تہ هاڻي ماضي کي ٻيهر دهرائجي بہ تہ ڇا ٿيندو. ڇو تہ هاڻي محبت، ۾ تہ نفرت ڪاهي پئي آهي، محبت تہ هاڻ بہ ضرور آهي ڇو تہ محبت ڪانسواءِ هي جهان هلي نہ سگهندو پر ڪلهہ ۽ اڄ جي محبت ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق اچي ويو آهي. اڳي محبت سچي هئي هاڻي ڪوڙي آهي اڳي محبت روح سان هئي هاڻ جسم سان آهي اڳي محبت عبادت هئي هاڻي فريب آهي.اڳي محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صداقت هئي هاڻي ڪدورت آهي. اڳي محبت قيمتي هئي هاڻي قيامت آهي اڳي محبت ناقابل معافي هئي هاڻ قابل سزا آهي اڳي محبت مفت هئي هاڻي ڪاروبار آهي، اڳي محبت زندھ هئي هاڻ فوت آهي اگر هر شخص هڪ ٻئي سان محبت ڪري ته بنا ڪنهن لالچ جي، هر شخص هڪٻئي سان غمخوار هجي ته هي جهان جنت بڻجي وڃي ۽ هتي رهڻ وارا فرشتا بڻجي وڃن ڇو ته محبت هڪ اهڙي نعمت آهي اهڙو خزانو آهي جيڪو جيترو ورهائيندو ته وڌندو ويندو پر الائي ڇو اڄڪلھ محبت ۾ ڪنجوسي ڇانئجي وئي آهي جيتوڻيڪ ڪنهن کي محبت ڏيڻ ۾ ڪو خرچ نه ايندو آهي پر پوءِ به ماڻهو ڪنهن کي محبت جي نگاھ سان ڏسڻ پسند نٿا ڪن، پر اڄڪلھ ته پيار محبت ڏينهون ڏينهن حقيقي واٽ ڪان هٽندي دل کي بي سڪون ۽ زندگي بي رونق بڻائي ڇڏي آهي هر ڪنهن ماڻهو جي منهن تي مرڪ بجاءِ مايوسي ڇانيل آهي آخر اهي ڪهڙيون علامتون آهن جن جي ڪري اسين بي چين زندگي گذاري رهيا آهيون. اسان کي جڏهن پنهنجا وڏڙا ماضي جا احوال ٻڌائيندا آهن ته حيرت سان گڏ خوشي به ٿيندي آهي ته اهي هر حال ۾ ايڪي ٻڌي ۾ ۽ اخلاق سان رهي هر وقت شڪر ادا ڪندا هئا وٽن پنهنجن کي ته ڇڏيو اڻواقف سان به محبت ڀرئي لهجي ۾ پيش ايندا هئا. اڳ ۾ ته هر ڪنهن جي اوطاري تي سدائين ميلا متل هوندا هئا هڪڙي اوطاق ۾ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو گڏ ٿي وڏي باھ جو مچ ٻاري ڏور بيت ۽ ڳجهارتون ڏيندي ۽ وٺندي گذاريندا هئا، ان وقت ڪٿي تعليم جي به گهڻتائي هئي پر پوءِ به اسان جي وڏڙن جي پاڻ ۾ ڪيڏي سڪ محبت ۽ پنهنجائپ هئي حيرت ان ڳالھ جي آهي ته هاڻي ماشاءالله درسگاهون به گهڻيون آهن اڪثر ماڻهو پڙهيل لکيل آهن پوءِ به اسين جهيڙن فسادن بي ايماني جي ور چڙهي ويا آهيون. منهنجي سنڌ امن پيار محبت جي نگري آهي نفرتون ويڇا وساري پاڻ ۾ پيار محبت پيدا ڪريون ڇو ته محبت حقيقت ۾ هڪ پاڪ جذبو آهي جنهن ۾ گندگي نٿي اچي سگهي ڇو ته محبت جو تمام وڏو مقام آهي پر خبر ناهي الائي ڪهڙي هوا گهلي آهي جنهن محبت مان سچائي ايمانداري کي اڏائي ڪٿي هلي آهي الائي ڪهڙي وبا ڦهلجي وئي آهي جنهن جي ڪري محبت ۾ دشمني دغائي لالچ جو وائرس ڦهلجي ويو آهي ۽ انساني سچ کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. محبت ته نه ختم ٿيڻ واري نعمت آهي نه ئي گم ٿيڻ واري پوءِ ڇو ٻن دلين کي ناهڻ بجاءِ ٽوڙڻ جي ڪئي وڃي ٿي. ٻنهي طرفن ڪان مسئلو هوندو آهي محبت جو پوءِ به ڪنهن کي احساس ناهي پر هي محبت جيڪا منهنجي ڪمزوري آهي ڇو ته محبت جي پڄڪيل ماڻهن کي ئي مون جيان محبت جو احساس هوندو

آهي. جيئن اڄ آءُ ٻن محبت ڪندڙ روحن ڪي ڏار ڏسي روئي ويهندو آهيان ان ڪري مون عهد ڪري ڇڏيو آهي ٻن محبت ڪندڙ روحن ڪي ملائڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس چو ته الله تعاليٰ متان ان نيڪ ڪم جي ڪري منهنجي پنڪيل زندگي ۾ منهنجي محبت واپس اچي ۽ آءُ به خوشين جا حسين لمحه پنهنجي پرين سان گڏ گذاريان ڪاش اڄ منهنجو صنم به مون سان گڏ هجي ها آءٌ هن محبت پري ڏينهن ۾ ان سان اظهار محبت ڪيان ها پر دوري ڪي آخر ڇا ڪجي پر پوءِ به منهنجي دعا جتي به هجي جڙيو هجي شال.

# هو سڀ ڏوهاري آهن............؟

جهيڙا قتل عام جنسي ڏاڍائي ڌاڙا ڦرون تشدد اهو سنڌ ۾ هاڻ معمول بڻجي چڪو آهي، هي دنيا پاپي بڻجي چڪي آهي، هتي روز ونيون لٽجن ٿيون، ڪيئي ٻار يتيم ٿين ٿا. ڪن جا گهر تباهہ ٿي وڃن ٿا، ڪي وري زماني کان تنگ ٿي پاڻ موت کي ڳلي لائين ٿا پر ان جو ڪوبہ ازالو نٿو ٿئي ڇو تہ هي سنڌ هاڻ اها سنڌ ناهي رهي. سنڌ جون شامون ۽ صبح هاڻي اڳي جهڙيون ناهي رهيون اها حقيقت آهي تہ جنهن سنڌ لاءِ ٽئگور چيو هو تہ سڄي دنيا گهمي اٿم پر سنڌ ۾ لهندڙ سج جي شام جي ويلا ۾ جيڪو سڪون مليو اهو دنيا جي ڪنهن وادي ۾ نہ مليو پر اڄڪلهہ انهيءَ سنڌ کي پنهنجي ئي وارثن هاڻ خون سان وهنجاري ڇڏيو آهي ۽ سنڌ جي هر شام ڪنهن نہ ڪنهن ڌرتي ڌڻي جي گهر ۾ ڌاڙي يا عزتن ۾ هٿ وجهڻ جو پيغام کڻي گذري ٿي ۽ رات جو اڀرندڙ چنڊ سنڌ واسين کي رات جي سانت ۾ سرهي ننڊ ۾ ستل ڏسي ان خاندان تان ٽهڪ ڏيئي ڪلندو آهي جن کي بيدردي سان ڪُٺو ويو يا جيئري جدا ڪيو ويو اسان وٽ هاڻي دنگن ۽ ننگن جي حفاظت ۽ عزتن جي رکوالي ڪرڻ جون دعوائون ڪندڙ اڄڪلهہ خوني ۽ لٽيرا بڻجي ويا آهن ۽ قاتلن جا ٽهڪ سنڌ جي سيني کي ڏاري وڃهن ٿا پر ڪَٽان بہ سڄاڳي جو آواز نٿو اچي جنهن سنڌ جي سينڌ جو ذڪر ڀٽائي جي بيتن ۽ اياز جي واين ۾ ٿيل آهي اها سنڌ هاڻي قاتلن جي آرام گاهہ ۽ خود پرستي جو گهر بڻجي وئي آهي هر اک ڪنهن جي گهر جي ڪريل چوديواري اورانگهي عزتن تائين پهچي ٿي ۽ هٿ اچان اڳتي وڌندا وڃن ٿا. سنڌ ۾ هاڻ ماڻهن پنهنجن کي مارڻ ڪرت جو ذريعو بڻايو آهي ۽ قبيلائي تڪرارن تر کي تپائي ڇڏيو آهي هر روز سنڌ جا وارث ئي سنڌ جي خوشين جي ويلا کي رت سان

وهنجاريو پيو وڃي ھي آھن سنڌي ھڏ ڏوڪي..؟ مون اڳ وڏڙن جي زبان مان آڪاٽين ۽ مختلف ڏاھن جي ڪتابن ۾ سنڌي قوم محبت پرست ۽ امن پرست جي حوالي سان پڙھيو آھي پر آءُ ان ڳالھ سان متفق ناھيان ڇو تہ مون جڏھن کان اک کولي آھي تہ مون کي ان وقت کان وٺي اڄ تائين 25 سالن ۾ مون ماڻھن کي رتوڇاڻ ٿي ڪندي ڏٺو آھي جيڪي پاڻ کي سنڌ جو محافظ سڏائڻ ٿا سي ھاڻي عزتن جي حفاظت نٿا ڪري سگھن اُھي ٻچ ڪرائي عام شھرين کي قتل ڪرائي ڇڏن ٿا ۽ ان ڪانپوءِ ويڙھن جا ويڙھا برباد ٿي وڃن ٿا ھر طرف رت جي بوءِ ٿي ھوندي آھي ڇا اڃان بہ سنڌي قوم محبت ڪندڙ ۽ پر امن آھي جي ائين آھي تہ پوءِ پڪ سان اھو سنڌي نہ ھوندو، ظلم بہ ڪيون ٿا مٿان وري پاڻ کي مظلوم بہ سڏيون ٿا، اسان تہ ڪڏھن پاڻ سان انصاف ئي ناھيون ڪري سگھيا، جتي چانھ جي ڪوپ تي ضمير جو سودو ٿيندو ھجي ۽ ھڪ ويلي جي ماني تي انسان ماريا ويندا ھجن. مفادن خاطر ھر حد پار ڪئي وڃي. ان سنڌ ۾ امن جھڙي ڳالھ عجيب لڳي ٿي. سنڌ تہ ائين شايد ڪير بہ تباھ نہ ڪري سگھي ھا پر اسان جي خود پرستي ۽ ويڪائو اڳواڻن جي ڪري اڄ اسان ان حد تي بيٺل آھيون جتان زندگي 15 ھزار سال اڳ شروع ٿي ھئي جڏھن انسان انسان نہ پر جانور ھو ۽ پنھنجي ئي رت جو ويري ھو ھت سنڌ سان محبت جي اظھار لاءِ ڏھاڙا تہ ملھايون ٿا پر ھرڪو پنھنجي مقصد لاءِ سوچي ٿو. ڪاش سنڌ جو ھر ماڻھو عقل کان ڪم وٺي ۽ ڪنھن کي ايذائڻ بجاءِ ان کي خوش رکن تہ ھن دنيا ۾ سٺا چئبا ۽ آخرت ۾ بہ الله تعالي آڏو سرم سار نہ ٿيندا پر شايد اڄ جي دور ۾ اھو ممڪن نہ آھي شال پٽ ڌڻي جي ڌرتي تي اھو ساڳيو امن امان موٽي اچي. ھي نفرتون ۽ وڏ نندائي ختم ٿي وڃن،ڪاش! سنڌ جون اُھي موج مستيون موٽي اچن، ھر ھنڌ ساوڪ ۽ پيارپريت ھجي جت ڪير ڪنھن کان ڊار ۽ ڪير ڪنھن سان نفرت نہ ڪندو ھجي ڪاش سنڌ ۾ امن امان ۽ ڀائيچارو قائم ٿئي.

*(ھي مضمون خادم اخبار ۾ 27 جنوري 2012 تي ڇپيو ويو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٺل شهر سان ايڏي ويڌن ڇو؟

سڄي سنڌ ۾ جيڪب آباد ضلعو هڪ منفرد حيثيت سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڏٺو وڃي تہ هن ضلعي جا ڪافي ننڍا توڙي وڏا اڻ ڳڻيا مسئلا آهن پر هن وقت ضلعي جي سڀ کان وڏي تعلقي جي حيثيت رکندڙ ٺل جيڪو هن وقت انيڪ مسئلن جو شڪار آهي هن وقت شهر ڪنهن کنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي سواءِ هڪ لائبريري جي ٺل شهر جيڪو سيدن جي نالي سان مشهور آهي جيڪو اڳ ۾ پيار محبت سڪ ۽ شرافت جي حوالي سان مشهو رهيو اڄ ان، ٺل کي الائي ڪهڙي نظر لڳي وئي آهي جو سڪ محبت ۽ پيار ٺل واسين کان ڪوهين ڏور پڄي ويو آهي. هر طرف ويڇائي ويڇا نظر ٿا اچن.

هر محلي ۾ سنوڪر گيمن جا دڪان آهن جنهن ڪري معصوم گلن جهڙا ٻارڙا اسڪول ٻدران. سنوڪر گيمن تي پنهنجو وقت زيان ڪندي نظر اچن ٿا. ٻئي طرف گندگي جا ڍير ۽ منشيات جا اڏا M.N.A هر محلي ۾ نظر اچن ٿا. منشيات جي کلي عام هلڻ سبب شهر جا ڪيترا ئي نوجوان پنهنجون زندگيون داءَ تي لڳائي چڪا آهن جيڪي نشي جو پورائو ڪرڻ لاءِ چوري بہ ڪري رهيا آهن.

ٻئي طرف مڇرن جي آزار ۽ گندگي سبب ڪيترن ئي موذي مرضن منهن ڪڍيو آهي، جنهن ڪري شهري اڻ ڪٿ بيمارين جو عذاب ڀوڳن ٿا. ٻئي طرف اسٽور مالڪن ۽ عطائي ڊاڪٽرن جا نٽ ٿي ويا آهن ٻيو هتان جو اهم مسئلو ڊرينيج سسٽم ۽ مٺي پاڻي جو آهي جنهن سبب هتان جا شهري سخت مونجهاري جو شڪار آهن. امير ماڻهو تہ پاڻي پئسن تي ٻاهران پرائي ٿو ۽ غريب طبقو گندي پاڻي مان ئي پيو گذر ڪري.

انهن ڪان ڪو به پڇڻ وارو ڪونهي، جيڪو غريب ڏهاڙي 150 ڪمائي ٿو ۽ ڪاڻ وارا پاتي گهر ۾ ڏهه آهن پوءِ اهو غريب آخر ڪيڏانهن وڃي ڪيئن گهر جو پورائو ڪري مجبور ٿي غلط ڪمن ڪرڻ تي مجبور ٿو ٿئي. پر هتان جي انتظاميه ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ٻڌڻ ڪان ٻوڙي ٿي ويئي آهي. پر هن وقت اسان جي سماج ۾ 80 سيڪڙو ڪان وڌيڪ آبادي غربت جي لڪير هيٺ زندگي گذاري رهي آهي. ٿل جي 80 سيڪڙو غريب عوام پاڻي ڪيئن ٿو خريد ڪري. ان جو اندازو تعلقي ناظم، نائب ناظم T.M.O تعلقه چيئرمين M.N.A, M.P.A, D.C, S.O.M مختيار ڪار P.M ۽ C.M ڪي ڪونهي ڇو ته انهن ڪڏهن ڏڪ ڏٺا ئي ناهن انهن ڪي ڪهڙي خبر ته غريبي مفلسي ڇا ٿيندي آهي هتي ٿل جو عوام غربت ۽ مفلسي سبب فاقا ڪشي ڪٽڻ تي مجبور آهي. اهي ماڻهو رڙيون ڪوڪون احتجاج ڌرڻا هڙتالون نه ڪن ته پلا ٻيو ڇا ڪن. اسان جا نمائندا عوام کي خود روڊن تي نڪرڻ لاءِ مجبور پيا ڪن .پر سياستدانن انهن جي دانهن ڪي ڪڏهن به ورنايو ناهي. ڪن لاٽار ڪري هليا ويندا آهن تڏهن معاملا ٺهڻ بدران ڍهندا آهن. ايم پي اي M.N.A صاحب ته ووٽ وٺڻ ڪان پوءِ ٿل جي عوام کي سڃاڻيندا ئي ناهن جيڪڏهن ڪي بيروزگار پلجي به ڊين پور يا ڳڙهي حسن اوطاق تي وڃن ٿا ته انهن کي هو اهو چئي ٿو موٽائي ته مون ووٽ پئسن تي ورتا آهن اوهان ڪهڙي حق تحت پنهنجي حق گهري رهيا آهيو....! مون ڪي ڪوسا، سرڪي ، ڪنراڻي برادري ووٽ ڏئي ايم پي اي M.N.A بڻايو آهي ۽ سڀ ڪجهه گهرڻ جو حق به انهن کي ئي آجي آهي. توهان ڊاڪٽر سهراب سرڪي مير حسن ڪوسو، مير هزار بجاراڻي مير شبير علي بجاراڻي جا حمايتي آهيو.....!

پر هت ان جي سيد سراج جو ائي ابتڙ هڻ هڻ جو جهان آهي فرصت جي گهڙي ناهي اهو سڀ ڪجهه ڏسندي به ٿل جا چونڊيل نمائندا ناظم ڪائونسلر ايم پي اي M.N.A تماشائي بڻيل آهن. جنهن ڪري چونڊيل نمائندن لاءِ عوام جي دلين ۾ نفرت پرجي وئي آهي ان ڪري هتان جو عوام وزير اعليٰ سنڌ پي ايم پاڪستان ۽ اعليٰ اختيارين ڪان گهر ٿو ڪري ته ٿل جي رهواسين جا جائز مسئلا مٺي پاڻي، واٽر سپلاءِ،بجلي،ڊرينيج سميت سيني مسئلن کي سنجيدگي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته جيئن تعلقي ٿل جو عوام هاڃي ڪار بيمارين ڪان بچي سگهي ۽ روز مرهه جي حالتن سان منهن ڏئي سگهي.

*(هي مضمون سليسوار ٿل ٽائيمز اخبار ٿل ۾ 20-02-2014 تي ڇپيو يو)*

# وري يادگيرين ورايو اسان کي.....

جڏهن توهان کي ڪنهن جي ياد ستائي ڪو وڇڙيل ساٿي ياد اچي، اوهان جا پلڪ ۽ پلاند پسي وڃن، اوهان کان چين ۽ سڪون ڪسجي وڃي. اوهان ڪنهن سان حال اورڻ واري حالت ۾ به نه هجو نه اوهان جو هن دنيا ۾ ڪو ساٿي هجي نه ڪو غمگسار هجي ته پوءِ اوهان مون وانگر پنهنجي جذبات جو وهڪرو قلم ۽ ڪاغذ جي حوالي ڪريو، اوهان کي جيئڻ جو هڪ وڏيڪ موقعو فراهم ٿي پوندو ۽ اوهان کي نيئن زندگي عطاء ٿي پوندي ۽ اوهان سان پاڪر پائي حال احوال اوري دل جي پڙاس ڪڍي حال محرم ٿي وڃي ٿو ((جي هانو نه هارين ڪو هيارل هي ڏينهن)) جاڳهاري ويندا سين. چو پير پساري ويٺو آن اٿ ڏونگر ڏاري ويندا سين. مان سمجهان ٿو اهڙي حالت ۾ جڏهن انسان جا مسئلا ڪجهه اهڙي نوعيت جا ذاتي هجن جو هو ڪنهن سان سلڻ به چاهي سلي نه سگهي. بيوس ٿي ۽ پنهنجو پاڻ ۾ ساڃهه نه رکندو هجي انهي وقت ڪاغذ، پين هن جي زندگي جا بهترين ساٿي ٿي هن جي همت افزائي ڪرڻ ۽ هن جا غم الم گهٽائڻ ۾ هن کي آئت ڏيڻ ۾ خاص مددگار ثابت ٿين ٿا. جيئن آءُ اڄ رات تنها ڪنهن جي يادن ۾ تڙپندي گذاري منهنجا ڳوڙها برسات وانگي پئي وٺا چو ته آءُ انهي ڪشمڪش ۾ مبتلا هيس ته منهنجو پرين الائي ڪهڙي حال ۾ هوندو رمضان جا روزا رکندو به هوندو يا نه، عيد جي شاپنگ ڪئي هوندس يا نه الائي ڪهڙي حال ۾ هوندو؟ چو ته ڪافي عرصي کان منهنجي هن سان ملاقات ناهي ٿي ملاقات ٿئي به ڪيئن ڳوٺاڻو ماحول قبيلائي تڪرار جهيڙا جهڳڙا سڄو ڏينهن هر ڪنهن جي هٿن ۾ هٿيار ننيو ٻار هجي يا جوان هٿيار سان ليس. جتي هر ڪو پنهنجي سر سان ڪفن ٻڌي هٿيارن جي پهري هيٺ جيون جا حسين لمحه گذاري رهيو هجي اتي آءُ پنهنجي پرين سان ڪيئن ٿو ملي سگهان ۽ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪيئن يقين ڏياري سگهان ته مان پنج سال گذرڻ باوجود به هن کي وساري ناهيان سگهيو چو ته هي جيڪا روحاني محبت آهي ساهڪ دفعو دل جي دفتر تي اڪرڻ بعد ڪڏهن به نٽي منجي سگهي، پوءِ مان هن کي ڪيئن وساريان جنهن سان منهنجي نندي لاءِ جا حسين لمحه گذريا هجن اهي ته هميشه ذهن تي دل ۾ ياد هوندا مو نکي اڄ به چڱي طرح ياد آ هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ ۾ شادي هئي، جڏهن رات جي سانت ۾ ڪاري چادر اوڍي مونسان ملڻ آئي هئي سڄي رات جي محبت پرين گفتن ۾ مزاحيه ڪچهرين ڪان پوءِ مون هن کان موڪلائڻ جي ڪئي ڏاڍي اداس ٿي وئي هئي مونکي ڳل ڳرائيون پائي چوڻ لڳي هئي ڏس حاڪم مونکي شهر وڃي متان وساري ويهين، پوءِ اهڙي ماڻهو محبوب کي آءُ ڪيئن وساريان، اڄ هڪ پيرو پيهر سالن کان پوءِ پراڻن يادن جو وقت اچي حاضر ٿيو آهي جنهن سک چين قربت عزت وقار نٽ ٿانگر سڀ وساري ڇڏيا آهن. ائين آءُ هن جي يادن ۾ اجان به ملڻ جي سهاري جي تلاش ۾ زندگي جا ڏکيا سکيا ڏينهن گذاري رهيو آهيان حسين لمحه حسين ماڻهو ساري لڙڪ اکين مان هاري دل جو بار هلڪو ڪندو آهيان چو ته يادون ايتريون ته قيمتي هونديون آهن ۽ اهو سرمايو به مون جهڙي ڪنهن خوش نصيب وٽ جڻ ته تجوڙي ۾ محفوظ هوندو آهي زخم ناسور ٿيندا ويندا ۽ زندگي گهارڻ به ڏاڍي مشڪل تي پوندي آهي. پر مون جيان يادن ۽ اميدن ذريعي اجان به ڪيئي عاشق پنهنجي زندگي جا حسين لمحه گذارن ٿا جيئن ڪنهن شاعر چيو ته

وري ياد ڳيرين ورايو اسان کي
اچي پاڻ هاڻي بچايو اسان کي

هاڻ ته انهن جي مرضي جيئارين يا مارين، هي دل ته هڪ ڏينهن انهن جي حوالي ڪئي، ان ڪري مان نا اميدي کي ڪفر سمجهندو آهيان مونکي يقين آهي پنهجي پروردگار تي هڪ ڏينهن مونسان منهنجو محبوب ضرور ملائيندو چو ته هو سيني جي دلين جا راز ڄاڻيندو آهي ان ڪري انسان کي کپي ته ڪنهن جي ياد ۾ حوصلو هارڻ بجاءِ همت کان ڪم وٺي.پنهنجي پالڻهار تي يقين رکي هڪ ڏينهن نيٺ دوريون ختم ٿينديون ۽ محبوب سان پاڪر پائي ملبو ڪوڙ ساريون خوشيون ماڻبيون ۽ سندس پاڪر ۾ وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلبو.

# انائن جي ٿياس تي ٽنگيل محبتون....!

اسان جي سنڌ سونهاري امن سڪون پهنجائپ ۽ پيار واري ڌرتي آهي پر اڄڪلهه الائي ڪهڙي نياڳي جي نظر اسان جي سون ۽ چاندي جهڙي ڌرتي تي پئي جنهن مان سڪون آرام ڪونهين ڏور هليا ويا آهن. جنهن جو اندازو مون کي هاڻي پيو آهي، جڏهن آءُ خود قبيلائي تڪرارن جي لپيٽ ۾ اچي ويس. ڪوڙين انائن جي ڪري آءُ پنهنجي پيار کان پري ڳوناٽي ماحول ۾ هٿيارن جي ڇانو هيٺ زندگي جا ڏکيا ڏينهن گذارڻ لڳس، ڏينهن رات هٿيارن سان ليس تي گهمڻ ڪري مون کي آرام ڪرڻ ۾ ٿڪاوٽ محسوس ناهي ٿيندي جو ته آءُ جڏهن اکيون بند ڪندو آهيان ته پنهنجي پرين جو چهرو مون کي اکين اڳيان ڦرندو آهي. آءُ بي انتها دانهن ڪري اٿي ويندو آهيان سڀ گهر ڀاتي سجاڳ ٿيندا آهن آءُ ڪجهه ڳالهائڻ بنا وري سمهي پوندو آهيان!!!ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ هو منهنجي سامهون بيهي ڪري مون کي ٻه ميار ڏي ٿي. ڏي ته حاڪم تون ڪوڙين انائن جي ڪري منهنجي محبت کي تڪرائي ڳوٺ هليو وئين. آءُ تنهنجي وئي کان پوءِ اسڪول وڃڻ ته ڇا گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. هي ڏس منهنجا ڪهڙا حال ٿي ويا آهن تنهنجي وئي کان پوءِ!حاڪم پوءِ ٻه تون مون ڏي ڇو نٿو اچين، آخر مان ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي ڏوراپو ڏيان، منهنجو ته سڀ ڪجهه. تون ئي هئين هاڻ آءُ جيئان ٻه ته ڪنهن جي سهاري جيئان هڪ پل ٻه مون لاءِ عذاب ٿي پيو آهي ۽ آءُ وري چرڪ ڀري اٿي ٿو پوان، منهنجو ننڍڙو پٽ عمران پيار منجهان مون کي چنبڙي ٿو وڃي ۽ بي انتها پيار مان منهنجا ڳوڙها اگهي ٿو. پاپا هي بار بار توکي ڇا ٿو ٿي وڃي هي ڏس تنهنجو سڄو جسم پگهرجي ويو آهي، آءُ سوچن جي سمنڊ مان گوتا کائي ٻاهر ٿو نڪران ۽ سوچان ٿو ته ڪاش جيڪڏهن حڪومت قبيلائي تڪرارن کي روڪڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثبت اپاءُ وٺي ها تہ مون جهڙا ليکڪ هٿيارن جي ڇانو ۾ زندگي نہ گذارن ها، پنهنجي محبتن مان لطف اندوز ٿين ها، پر هاڻي تہ ڪئي مون پارا عاشق مجبورين ۾ محبتون قربان ڪري قبيلائي تڪرارن جي ڪري ٽياس تي ٽنگيل نہ هجن ها.

هزارين دلين مان درد جون دانهون نڪرن ٿيون، ان ڪري آءُ هٿ ٻڌي سيني سجاڳ ڏرين ليکڪن، صحافين قلمڪارن کي اپيل ٿو ڪريان تہ جت جت قبيلائي تڪرار هلن ٿا، انهن کي ختم ڪرايو جيئن انائن جي ڪري محبت ڪنڌڙ روح صليب تي نہ لٽڪن چو تہ هي جهان محبتن جي ٽنين تي قائم آهي، خدارا انهن ٽنين کي ڪيرڻ کان بچايو، علائقن ۾ امن قائم ڪرايو پيار محبت وڌايو جيئن ڪوڙين انائن بجاءِ هر طرف محبتون ئي محبتون هجن هر ڪو پيار ۽ پريت سان رهي چو تہ هي تہ مون پنهنجي ڪهاڻي لکي آ پر اصل حقيقت ۾ انهن قبيلائي جهيڙن جي ڪري مون پارن ڪيترن جا جيءُ جهنجهوڙيل آهن.

*(هي مضمون 14 جون 2008 تي روزاني پاڪ سنڌ سکر ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويساهه گهاتي

صبح سويري پکين جون وڻندڙ ٻوليون ۽ ٿڌڙي هوا ماحول ۾ هڪ وڻندڙ ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي، آئون ٻه ننڍ مان اٿي سويري ٻني تي پاڻي ورائڻ پئي ويس ته باغ واري ڪوهه وٽ مون کي ياسمين ملي پر ڏاڍي اداس ۽ مايوس هئي، پڇيو ماس ڇا ڳالهه آهي ياسمين اڄ تون ڏاڍي اداس نظر اچي رهي آهين پنهنجون نظرون جهڪائيندي سڏڪن ۾ پئجي وئي. پڇيو مانس آخر ڳالهه ڇا آهي ۽ هوءَ لڙڪ اگهندي چوڻ لڳي تو کي ته خبر آ، ساگر منهنجو پيءُ ڪيڏو نه ظالم آ، هو منهنجي شاديِ چاچي ربن واري پٽ خانو سان ڪرائڻ ٿو چاهي، پليز ساگر منهنجي زندگي بچاءِ منهنجو مرڻ جيئڻ تو سان آهي. ياسمين جا هي لفظ ٻڌي هيڪر ته سوچ ۾ پئجي ويس پر نيٽ همٿ ڪري پڇيو مانس، منهنجو ته مرڻ جيئڻ تو سان آهي اگر تو ساٿ ڇڏيو ته آئون خودڪشي ڪري ڇڏيندس پر ان چرئي خانو سان شادي نه ڪنديس، آخر تنهنجو ڇا مطلب آ، مون وراڻيو، هو جذباتي لهجي ۾ چوڻ لڳي پنهنجي پيار جي منزل طئي ڪرڻ لاءِ صرف هڪ رستو بچيو آهي جيڪو پاڻ کي اختيار ڪرڻو آهي ته هي ڳوٺ ڇڏي هلي ڪورٽ ميريج ڪريون، هن نظرون جهڪائيندي چيو ياسمين نه ائين هر گز نه ٿيندو پنهنجي پيار کي داغ لڳائڻ نه ڏينداسين. جيڪڏهن پاڻ انهي رستي تي هلنداسون ته پويان منهنجي پوڙهي ماءُ پيءُ جو ڇا ٿيندو خير تون تڪڙ نه ڪر الله چڱو ڪندو آئون ياسمين کان موڪلائي زمين تان، پاڻي ورائي ٿڪل قدم کڻندو اچي گهر پهتس جتي جيجل امڙ جون نظرون مون کي پريشان ڏسي گهبرائجي ويون. پٽ ساگر ڇا ڳالهه آهي اڄ تون پريشان ٿو ڏسجين، نه جيجل ماءُ

اهڙي ڪا بہ ڳالھہ نہ آهي نيڪ آ پٽ هٿ منهن ڌوئي وٺ آئون ماني ڪٽي ٿي اچان، آئون هٿ منهن ڌوئي ڪمري ۾ اچي کٽ تي ليٽي پيس. سوچن جي سمنڊ ۾ گم ٿي ويس، ياسمين سان منهنجو ننڍي لاڪون پيار هيو، ٻهرين ڪان وٺي ميٽرڪ تائين گڏ پڙهيا هئاسين ياسمين ڳوٺ جي چڱي مڙس جي ڌيءُ هئي آئون هڪ رٽائرڊ پوليس عملدار جو پٽ هيس، پر پيار اميري غريبي کي ناهي ڏسندو، بس اسان جو پيار بہ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. هاڻ منهنجي زندگي هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي هئي جتي هڪ طرف منهنجي محبت تہ ٻئي طرف پوڙها ماءُ پيءُ هئا جن جا ارمان صرف مون ۾ سان سلهاڙيل هئا تہ آئون وڏو ٿي سهارو بڻجان، مون وري بہ ياسمين جي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ ۾ منهنجي ماسات جي شادي هئي امان تہ هلڻ لاءِ گهڻو ئي چيو پر مان بخار جي بهاني نہ ويس.

هو ڏانهن ياسمين جا والدين بہ ڪنهن ڪم سانگي شهر ويل هئا.
اسان ان موقعي جو فائدو وٺندي اتان فرار ٿي اچي ڪراچي ۾ ڪورٽ ميريج ڪئي سون، آهستي آهستي واقفيت بہ ٿي وئي هڪ ڏنهن مون کي پرائيويٽ نوڪري ملي وئي. ائين وقت پنهنجي تيز رفتاري سان هلندو رهيو. پورا ڇهہ مهينا گذري ويا. نيٺ وڏيري جي ماڻهن اسان کي ڳولي لڌو. هڪ ڏينهن موڪل هئڻ سبب آئون ڊيوٽي تي نہ ويس. منجهند جو دروازي جو ڪڙڪو ٿيو. آئون ٻاهر نڪتس تہ منهنجون وايون بتال ٿي ويون. ڏسان تہ پوليس موبائلون بيٺيون آهن. وڏن شهپرن واري صوبيدار رعب واري اندازو مون کان پڇيو تہ ساگر اوهان جو نالو آهي. مون سندس سوال جو جواب ڏيندي چيو جي سر منهنجو ئي نالو ساگر آهي پر صاحب خير تہ آهي ها مسٽر ساگر اسان توکي ياسمين جي اغوا جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ آيا آهيون پر صاحب ياسمين تہ منهنجي زال آهي. اها صفائي هلي ڪورٽ ۾ ڏي. صوبيدار زور دار ٽڙڪ هڻندي چيو اسان ٻنهي کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي آندو ويو جتي ياسمين کي پنهنجي پيءُ حوالي ڪيو ويو آئون ٿاڻي ۾ بند رهيس، رمانڊ ختم ٿيڻ بعد مون کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. جتي ياسمين پنهنجي بيان تان ڦرندي مون خلاف بيان ڏنو تہ ساگر مون کي اغوا ڪري ويو هو آئون بي سهارو هجڻ ڪري وڪيل نہ ڪري سگهيس. مون جج اڳيان نڪاح وارا ڪاغذ بہ رکيا پر جج هڪ طرفو فيصلو ٻڌائيندي مون کي جيل اماڻي ڇڏيو پوئتي منهنجي پوڙي پيءُ ماءُ جو ڇا ٿيو ڪائي ڄاڻ ڪونهي اڄ مون وٽ پڇتاءُ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي

*(هي ڪهاڻي روزاني خبرون اخبار ۾ 18 سيپٽمبر 2005 ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رشتا ناتا ۽ پنهنجائپ

دنيا ۾ هر انسان ڪيترن ئي رشتن ناتن ۾ جڪڙيل آهي زال مڙس اولاد انهن جي اولاد دوست ۽ سڀ ڪان انوکي نموني جي رت ڪانسواءِ نئون ۽ مضبوط رشتو آهي ماءُ پيءُ جو انهي رشتي جي اهميت ۽ گهرائي ايتري آهي جو ڪنهن بہ وقت مائي نہ ٿي ٿئي بلڪ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط اٽل ۽ امر ۽ آخر روحاني حد تائين ۽ فطري طور انتها تي جڏهن زندگي جي سفر ۾ زال همسفر بڻجي ٿي تہ هڪدم ٻيا رشتا پٺتي هٽي رستو ڏين ٿا پنهنجي خوشيءَ سان جذبن سان نيڪ نيتي سان ۽ اهو رشتو نهايت اهميت جو حامل خوشين جو سرچشمو ۽ زندگي جو نئون مناسب ۽ دلڪش موڙ جو رخ اختيار ڪري وٺي ٿو انهيءَ رشتي جي اهميت اڃا وڌيڪ نئون ڪر ڪٽي موڙ تڏهن ٿي اختيار ڪري جڏهن نئون گل مکڙي ٻنهي جي ٻتن مان ڦٽي نمودار ٿئي ٿو ۽ پوءِ تہ لطافت احساسات محسوسات ۽ محبت جا معيار ئي بدلجي ويندا آهن جيڪي هر ٻچڙيوال انسان محسوس ڪندو آهي ۽ ائين اهو رومانوي داستان افسانوي رنگ مان روحاني معاشرتي دنياوي ۽ دين واري مذهبي اصلي انڊلٺي رنگ ۾ رنگجي وڃي ٿو جنهن مان وري ٻيا گل ڦٽن ٿا ميوو ڏين ٿا ۽ انسان ابدي رومانوي ۽ رنگجي وڃي ٿو جيڪي هو خوشيون حاصل ڪرڻ لاءِ بي چين هوندو آهي. جيترو انسان هن دنيا ۾ رشتن جي ڄار ۾ اٽڪيل آهي اوترو ئي هو پريشان ۽ حيران آهي پر هن دور ۾ خوش نصيب اهو انسان آهي جنهن جا رشتا ۽ دوست گهٽ آهن ۽ هو انهن سان نڀائيندو رهي ٿو ڪنهن کي مياڙ جو موقعو نٿو ڏئي ۽ پاڻ وري ٻين کي مياري بڻائي ٿو آخر هڪ دوستي جو رشتو زندگي جي جواني ۾ اچي نڪاءُ ڪندو آهي جيڪو نهايت اهميت ۽ اڪنڍ جو حامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويندو آهي دوستي نڀائڻ ۾ سڀ ڪجهه جائز آهي ان لاءِ ته ماڻهو دوستي مٿان سر مٽيون مائٽيون قربان ڪرڻ ۾ دير ناهن ڪندا پر جڏهن زندگي جو سفر هڪ نازڪ موڙ تي بيهندو آهي ۽ انسان جون خواهشون مالي دنياوي معاشرتي انهي رشتي جي سنهي ليڪ تي اثرانداز ٿي پونديون آهن پوءِ اهو ناتو يا رشتو يا ٽٽي پوندو آهي يا وري اهڙو رستو اختيار ڪندو آهي جيڪو شڪايتن حڪايتن مجبورين لالچن ۽ حرفتن کان خالي نه هوندو آهي ائين ئي ماڻهو دوستي جهڙي رشتي مان ڪڏهن به مطئن نه ٿيندو آهي بلڪ دل شڪسته مجبور ٿي نين پيچدگين ۽ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي بلڪ زال اولاد اهڙن رشتن ۾ زندگي جي آخري سفر ۾ چند پر خلوص ناتن سان گڏ ڪم ايندا آهن پر انهن رشتيدارين رکڻ کان توهان سئو دفعا سوچيو مٿان دوستين جي مجبورين مثل اوهين پاڻ به مثال نه بڻجي وڃو سائنسي نقط نگاهه کان نهارجي ته رت جا رشتا ۽ تعلق عادتون ۽ اقتدار ڪجهه ڦير ڦار ڪانسواءِ شڪل شبيهه سميت تقريبا ساڳيائي هوندا آهن پرستارن جي عمل دخل جي ڪري عادتون اخلاق شوق ۽ ذوق ماحول ۽ مجبورين جي ڪري گهٽو ڪري بدلجي به ويندا آهن جئين اڳيئن دور کان هاڻ حالتون تمام بدلجي ويون آهن اڳي مائٽ رشتي دار هڪبئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سچائي ۽ خلوص مان رشتن جو مان رکي سر به قربان ڪري ڇڏيندا هئا اعتماد ۽ آزمائش جي گهڙين ۾ به ثابت قدم رهندا هئا ۽ پوءِ جيئن ڏن دولت زمين جو وجود مضبوطي ۽ اهميت حاصل ڪرڻ لڳا تئين رشتن جون باهمي ڳنڍيون ڪجهه ڍريون ٿي ويون ۽ ڪٿي ڪٿي اڄڪلهه رشتن ۽ ناتن جو تقدس بلڪل نه رهيو آهي پر جڏهن هڪ خاندان هڪ رت جي ڳاڙهن ۽ اڇن جزن جو مقرر سرحدون ٽپي ٿو. اهي ئي انسان رشتن جي قدر ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿا.

*(هي مضمون 19 ڊسمبر 2006 ڪنڪٽڪٽ ٽائمز ۾ ڇپيو)*

# روڳ بڻيا سپنا

آءُ ڳوٺ کان لڏي اچي شهر وينو هوس. جو تہ ڳوٺ ۾ ڪا بہ سهولت نہ هئي نہ بجلي نہ فون نہ روڊ ان ڪري مون شهر رهڻ جو فيصلو ڪيو. شهر جي جنهن محلي ۾ رهندو هوس. اتي هڪ تازو پريمي جوڙو شادي ڪري اچي مسواڙ واري جاءِ ۾ وينو هو. رابطي تي خبر پئي تہ هو اسان جي پاڙيسري ڳوٺ واري وڏيري جو پٽ نثار خان هو جيڪو شهر ۾ اچي پسند جي شادي ڪري رهڻ لڳو هو. اها ڳالهہ ٻڌي مان بہ ڏاڍو خوش ٿيس جو پاڙي جو پڙهيل لکيل نوجوان زميندار پر ۾ ٿو رهي. آءُ معمول موجب هر صبح ڳوٺ جي زمين گهمڻ ويندو هوس. هڪ ڏينهن خبر پئي تہ وڏيري نثار خان جي گهر واري کي پرائمري اسڪول ۾ نوڪري ملي وئي آهي. ڪجهہ ڏينهن گذريا هو اسان جي گهر آئي. اتي هن منهنجي پٽ عمران کي ڏٺو تہ هن مون کي چيو ادا توهان پنهنجي پٽ کي موڪل ڏيو تہ آءُ پڙهايانس ڏسو نہ هو ڳالهائڻ ۾ بہ منهنجي رضوان وانگي هوشيار آهي. عمران ان ڏينهن کان وٺي هر روز اسڪول ويندو هو. خبر ئي نہ پئي جو چار سال گذري ويا. اڄ عمران صبح سان سوير اٿي خوشي سان پڙهڻ لڳو. ماڻس ناشتو تيار ڪري ڏنو. آءُ بہ ننڊ مان اٿيس عمران اچي مون کي ڳل ڳراٽي پائي چوڻ لڳو بابا اڄ دعا ڪر سان جي اسڪول ۾ وڏو فنڪشن ٿي رهيو آهي. جيئن مان پهريون نمبر اچان ائين چئي عمران اسڪول روانو ٿيو. مون ڪوڙ ساريون دعائون ڏنيون. شام جو واپس اچڻ تي عمران خوشي مان نہ پئي ماپيو چو تہ اڄ هن پروگرام ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي هئي. خير جيئن ئي صبح ٿيو آءُ گهر ٻاهران

بيٺو هوس ۽ هاڪر اچي اخبار ڏني. اخبار جي سنگل ڪالم ۾ ڪالهوڪي پروگرام جو بيان آيل هو. جنهن ۾ شهر جي معزز شخصيت بيسٽ ٽيچر جو ايوارڊ مريم کي ڏيئي رهيو هو آءُ بيان پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس پر اڄ ماسترياڻي مريم لاءِ قيامت بڻجي آئي هئي ڇو تہ هن جو وڏيرو مڙس عورت جي آزادي جي خلاف هو. اڄ ان ماسترياڻي مريم کي گهٽو ڪجهہ ٻڌڻو پيو هو. مڙس ان ڏينهن هڪ پريمي نہ بلڪ ظالم جابر وڏيرو لڳي رهيو هو. چئي رهيو هو اوهين ماسترياڻيون هي فنڪشنن آفيسرن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪنديون آهيو ڇاءِ. مريم ويچاري ننڍڙي رضوان جا قسم کڻڻ لڳي ۽ ڪيئي تسليون ڏيڻ لڳي پر ان ظالم وڏيري مڙس اعتبار ڪرڻ بجاءِ تهمتون هڻڻ شروع ڪيون تہ مريم ويچاري چيو تہ اگر تون اجا بہ اعتبار نہ ٿو ڪرين تہ نہ ڪر مگر منهنجو دامن پاڪ آهي. بس ظالم +مڙس لتن مڪن جو وسڪارو لائي ڏنس تہ تون مون کي جواب ٿي ڏئين. ائين مريم کي لتن سان صفا ساٽو ڪري ڇڏيائين. ننڍڙو رضوان عجيب نظرن سان ڏسي روئي وجي ماءُ کي چنبڙي پيو. مڙس ڪاوڙ مان بس ٽي دفعا طلاق چئي گهران ڪڍي ڇڏيو. مريم تہ ان وڏيري سان زندگي عيش ۾ گذارڻ جا سپنا ڏٺا هئا. پر اڄ هو پنٽيڪل مسافرن جيان سرڪاري ڪوارٽر ۾ رهڻ لڳي. اڄ بہ هو خوف ۾ مبتلا هئي ۽ پاڻ تي ڪيس افسوس ٿي رهيو هو. سندس ڪيل عمل تي اڄ بہ اڪيون لڙڪ لاڙي رهيون هيون ۽ هو پاڻ ڪان ڪيتريون ئي ڳالهيون پڇي رهي هئي تہ آخر ائين اسان عورتن سان زيادتيون ڇو ٿي رهيو آهن. وري هوءِ ان خوف ۾ بہ مبتلا هئي تہ ڪٿي ظالم مڙس پٽ کسي نہ وڃي اڳ روزانو ويس مٽيندي هئي. اڄ ڪارا ويس وڪريل وار زبان تي چپ جو تالو هڻي پوءِ بہ ان آس تي جيئي پئي تہ پٽ پڙهي جوان ٿي دردن جو درمان ٿيندو توڙي جو اڪيلي سر زندگي بسر ڪري رهي هئي ڪير بہ هن جو سهارو بنجڻ لاءِ تيار نہ هو ماٺهو ڪيس نياڳي جي نالي سان سڏڻ لڳا. پاڻ تي ڏاڍو پڇتاءُ ٿي رهيو هوس پر ڪري بہ تہ ڇا ڪري؟ هاڻ تہ ڪيس اڪيلي سر زندگي گذارڻ هن جي مقدر ۾ لکجي چڪو هو. جيڪا ڪيس هر حال ۾ گذارڻي هئي. پر ڪيس اها بہ خبر نہ هئي تہ پٽ جوان ٿيڻ سان ساٿ ڏيندو بہ الائي نہ؟؟

*(هي ڪهاڻي روزاني خبرون اخبار ۾ 10 جولاءِ 2005 سنڊي ايڊيشن ۾ ڇپي)*

# اسلام ۾ عورت جو مقام ۽ اڄ جو معاشرو...!

ڏنو وڃي ته پاڻ وٽ عورت کي سيني انساني حقن کان محروم رکيو ويو آهي عورت کي ايترو به حق ناهي ڏنو ويو ته دنيا ۾ هو مردن وانگر آزادي سان حياتي گذاري سگهن ۽ جن جي هٿن ۾ عورت ذات جون واڳون آهن. اهي سمجهن ٿا ته عورت پيدا ٿي ئي انهن جي غلامي ۽ ٻانهپ لاءِ آهي. ۽ انهن جو دنيا ۾ اچڻ خاص انهيءَ لاءِ آهي ته جانورن وانگر مردن جو ظلم ئي برداشت ڪنديون رهن. اوهان ڪنهن به ملڪ جي تاريخ کڻي ڏسو. ان ۾ ڪٿي نه ڪٿي هن ڪمزور ۽ مظلوم ذات جو ذڪر ضرور نفرت سان ملندو، هن جي ابتدائي تاريخ جا ظلم ۽ سختيون ته انسانيت تي داغ آهن، تاريخ جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته اسلام کان اڳ به مختلف مذهب عورت کي هڪ غلامائي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو هو، اسان هتي انهن مذهبن ۽ ملڪن جو ذڪر ڪنداسين، جن ۾ عورت جي حيثيت اٽي ۾ لوڻ برابر نه سمجهي ويندي آهي، تاريخ ۾ جيترو ظلم عورت سان ٿيو آهي ان جو ڪو به حساب ڪونهي، عربن ۾ ته ڌيءَ ڄمڻ کي هڪڙو بدسنوڻ سمجهو ويندو هو، تنهن ڪري ڇوڪري کي جيئري ڪڏ ۾ پوري ڇڏيندا هئا، يتيم نياڻين سان زوري شادي ڪئي ويندي هئي ۽ وري ٻڌ مذهب ۾ به پڻ عورت لاءِ ڌڪار هئي، جيڪي عورت سان نڪاح کي گناهه سمجهندا هئا، يهودي وري عورت کي هڪ ناپاڪ هستي سمجهي ڪري ان جي عزت ڪرڻ واجب نه سمجهندا هئا، هن مذهب ۾ ڄاڻايو ويو ته مرد کي جڏهن وڻيس زال کي طلاق ڏيئي سگهي ٿو ۽ ان کي پنهنجي هر بنيادي حق کان بي دخل ڪري ڇڏيندا هئا عيسائين جو به عورت جي باري ۾ اهوئي نفرت وارو نظريو هو عيسائي حضرت آدم جي ڪري عورت کي ازلي گهنگار سمجهن پيا. تڏهن ته عيسائي مذهب وارن نوي لک عورتن کي زنده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلائي ڇڏيو هو، ان ڪان پوءِ اسلام ئي دنيا جو واحد مذهب آهي، جنهن اول عورت ذات جي مدد ڪئي ۽ ان تان سيني ظلمن ڏاڍن جو خاتمو ڪيو، يعني ان عظيم احسان جو اندازو نه ٿو لڳائي سگهجي، جيڪو اسلام عورت تي ڪيو آهي اسلام جهالت جون پاڙون پٽي هڪ اهڙو روشن ۽ سرسبز انقلاب آندو، جنهن تان سموريون غلط ۽ غير انساني رسمون خاڪ ٿي ويون، حضرت محمد ﷺ پهريان ئي عورت کي غلامي مان نجات ڏيارڻ لاءِ ماڻهن کي ان نيڪي جي رستي گامزن ڪيو، مختلف مذهبن ۾ ڏنوسين ته عورت کي عزت ۽ محبت جو حقدار نٿا سمجهن، پر اسلام ۾ عورت لاءِ هڪ حصو مقرر ڪيل آهي، قرآن پاڪ ۾ هي حڪم آهي ته عورتون اوهان جو لباس آهن ۽ توهين انهن جو لباس آهيو ۽ عورت سان نهايت اخلاق ۽ ادب سان ڳالهائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.
قرآن شريف ۾ آهي ته عورتن سان چڱو سلوڪ ڪيو، ٻيا مذهب جن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي، انهن جي ڀيٽ ۾ قرآن شريف ۾ فرمايو ته الله پاڪ اوهان سيني کي هڪ ڪتري منجهان پيدا ڪيو آهي ۽ ان جي جنس مان جوڙا پيدا ڪيا ٻين مذهبن ۾ عورتن جو ورثو ۽ حق نه آهي جڏهن ته اسلام عورتن جي ورثي ۾ حق مقرر ڪيو آهي، قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته الله تعالي توهان لاءِ خود توهان منجهان جوڙا ٺاهيا ۽ وري اڳتي عورت لاءِ فرمايو ويو ته توهان جون عورتون توهان جون ٻنيون آهن ان مان صاف ظاهر آهي، اسلام کان اڳ عورت جي ڪهڙي حيثيت هئي ۽ هاڻ ڪهڙي آهي، هڪ حديث پاڪ ۾ عورت جي باري ۾ فرمايو ويو ته جيڪو عورت ماءُ جي خوشنودي حاصل ڪندو ۽ انهي سان پيار محبت سان پيش ايندو، انهي کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو، يعني ماءُ جي پيرن هيٺيان جنت آهي، حضرت محمد ﷺ جن پهريون ۽ آخري شخص آهي، جن عورت جي متعلق نه فقط مرد جي بلڪ عورت جي پنهنجي ذهنيت کي بدلائي ڇڏيو آهي ۽ جاهلي ذهنيت جي جاءِ تي بلڪل صحيح ۽ خالص عقل ۽ علم جو بنياد وڌو. جهڙي طرح اسلام عورت کي هر لحاظ کان مرد جي برابري وارو حق ڏنو آهي. اهڙي طرح اسلام قانوني ۽ حڪم موجب عورت جي پردي جي معاملي ۾ مرد ۽ عورت تي ڪي شرعي پابنديون عائد ڪري عورت ۽ مرد کي انهيءَ دائري ۾ رهڻ جي تلقين ڪئي آهي، قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو ته اي نبي مومن مردن کي چئو ته پنهنجن نگاهن کي غير عورتن جي نگاهن کان پري رکن ۽ عورتون پنهنجي شرم گاهن جي حفاظت ڪن ۽ عورت کي پڻ تلقين ڪئي وئي ته، اهي گهٽ آواز ۾ ڳالهائين مگر اهڙيون حرڪتون جن ۾ زبان خاموش رهندي آهي، انهي جي به اسلام ۾ بلڪل اجازت نه آهي، عورتن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي ته پنهنجا پير زمين تي زور سان هڻي نه هلن، جيڪا زينت هنن لڪائي رکي آهي يعني جيڪو زيور انهن لڪايو انهن جو حال معلوم ٿي وڃي يعني زيورن جي ڇم ڇم ٻڌڻ ۾ اچي ۽ عورت جيڪو به لباس پهري ٿي، اهو غير موضون هجڻ نه گهرجي، اسلام جي نظر ۾ اهو لباس حقيقيت ۾ ڪو لباس ئي نه آهي، جنهن مان بدن جا حصا نمايان ٿين ۽ اوگهڙ ظاهر ٿئي، رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪي عورتون ڪپڙا پائي به اگهاڙيون ئي ۽ ٻين کي ريجهائن ۽ پاڻ ٻين کان ريجهن ۽ مست اٺ وانگر ناز منجهان گچي ڏنگي ڪري هلن، سي جنت ۾ هرگز داخل نه ٿينديون، اسان مٿي ڏسي آيا آهيون ته اسلام کان اڳ ٻين مذهبن عورتن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو، مگر تاريخي مطالعي اسلامي نظرئي مان اها خبر پئي ته اسلام ئي عورت کي غلامي مان ڇوٽڪارو ڏيئي مرد جي برابر جو رتبو ڏنو. پر اڄڪلهه جي معاشري جا مرد عورتن کي رڍ ٻڪري جيئان خريد فروخت ڪن ٿا. بدي عيوض ننڍي وڏي عمرين جون شاديون ڪرائن ٿا. جيڪي عورت جي حقن جي توهين آهي، اسان کي گهرجي ته اهڙين شادين خلاف آواز اٿاريون. جيئن عورت کي ان جا حق ملي سگهن.

*(هي مضمون 12 ڊسمبر 2011 تي روزاني پاڪ سنڌ اخبار سکر ۾ ڇپيو)*

# برسات متاثرن جي ڪا ته واهر ڪريو...؟

برساتن سبب سڄي سنڌ ۾ ماڻهو دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن برسات سنڌ جي مڙني ضلعن ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي هن سال به ماڻهن جا گهر مال ٻار لڙهي ويا پوکيل فصل پڻ تباهه ٿي ويا ته ٻئي طرف وري ريسڪيو ۽ رليف جي غير اطمينان بخش ڪارروائين جي ڪري وڏي پيماني تي انساني جانيون ضايع ٿيڻ جو خطرو هميشه مٿان لٽڪيل رهيو آهي. جڏهن صحت جون جوڳيون سهولتون نه هئڻ ڪري رسات ستايل مختلف بيمارين ۾ ورتجي رهيا آهن هڪ نجي چينل جي ڄاڻ مطابق متاثر علائقن ۾ 2.67.776 مريضن ۾ مختلف بيمارين ۾ ورتجي چڪا هئا ۽ هميشه اهڙي وبا ۾ ماڻهو مبتلا هوندا آهن. جنهن سبب ڪيترائي مريض موت جي ور چڙهي ويا. پر هن مهل تائين هنن ڪي صحت جون سهولتن جي دستيابي جي سلسلي ۾ ڪي خاطر خواهه قدم کڻندي نظر نه اچي رهيا آهن، برسات سٽيل علائقن ۾ بيماريون وڏي پيماني تي پکڙجي رهيون آهن، رڳو وبائي بيمارين ۾ درجن کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿي رهيا آهن. برسات متاثرين کي کاڌ خوراڪ نه ملڻ سبب صورتحال اهڙي ٿي رهي جو بک کان بي حال ماڻهو برائي ڪاڄن ۾ ڪاهي ٿا پون. جيڪو هڪ ڏکائيندڙ ڳالهه آهي جيتوڻيڪ روز موسميات کاتي طرفان برسات جي اڳڪٿي ڪئي وڃي ٿي. پر گذريل ۽ هر سال ڪراچي ۾ به وڏي طوفان سان گڏ برسات به آئي آهي جنهن ماڻهن ۾ وڏي تباهي مچائي ڇڏيندي آهي، جاني مالي ماڻهن جا نقصان ٿيندا آهن جڏهن ته اڃان برسات جو سلسلو جاري رهڻ جا امڪان هوندا آهن تنهن ڪري اهڙي قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ اڃان تائين ڪو به واضع پلان نه جڙي سگهيو آهي ۽ نه ئي وري ڪو، ان سلسلي ۾ تحرڪ ۾ نظر اچي ٿو. جيڪڏهن اڃان به سنڌ ۾ وڌيڪ برساتن جو سلسلو جاري رهيو ته پوءِ هڪ وڏي تباهي ايندي، جيڪا اسان جي منتظر آهي، جيڪڏهن سنڌ حڪومت ماڻهن کي هڪ وڏي تباهي کان بچائڻ چاهي ٿي ته پوءِ ان کي هڪڙو لا عمل جوڙڻو پوندو، چاڪاڻ جو هاڻي معاملو اجلاسن ۽ اعلانن کان اڳتي نڪري چڪو آهي هي وقت عملي طور تي متاثرن سان گڏ ويهڻ ۽ تباهي کي منهن ڏيڻ جو وقت آهي هڪ نجي چينل مطابق برسات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيلن ۾ سنڌ جون هڪ لک ويهه هزار ڳور هاريون عورتون به وقت بوقت شامل آهن. ان سلسلي ۾ اين ڊي ايم اي طرفان ڳورهارين عورتن لاءِ هڪ ٽاسڪ فورس قائم ڪيو ويو هو جيڪو صحت کاتي جي وفاقي ادارن ۽ غير ملڪي ادارن سان گڏ ڪم ڪندي نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ جي متاثرن جي لاءِ ڪو به با اعتماد ادارو ناهي جوڙيو ويو اين ڊي ايم اي طرفان هينئر تائين رڳو اعلان ئي ٿيندا رهيا آهن.

سوال اهو پيدا ٿو ٿئي ته اين ڊي ايم اي وارا سالن کان ڪهڙو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ جڏهن صورتحال هڪ سنگين موڙ تي پهتي ته ان ڪانپوءِ اگهور ننڊ مان اٿي اکيون مهٽڻ کي ڪنهن به ريت آجيان نٿي ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ وڏي وزين سان گڏيل قومن جي ڪو آرڊينيٽر سميت 9 ڄڻن جي وفد ملاقات ڪئي هئي جنهن ۾ گڏيل قومن طرفان سنڌ جي برسات سنڌيل متاثرن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي هئي پر سوال وري به رليف وارين سرگرمين ۾ شفافيت جو آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي ملڪ ۾ قدرتي آفتن کان پوءِ عالمي يا ملڪي سطح تي ڊونر ادارا متاثرن جي بحالي جي سلسلي ۾ جيڪا به سهائتا ڪندا آهن، ان جي شفاف ۽ منصفاڻي ورڇ اڄ تائين سواليه نشان بڻيل آهي؟ جيڪڏهن گڏيل قومن طرفان ڪا جوڳي امداد مهم ٿي ته اها جيئن جو تيئن متاثرن تائين پهچائي ڪين مڪمل بحالي واري عمل کي يقيني بڻايو وڃي، مان اوهان کي اهو به ٻڌائيندو هلان ته بحالي وارو مرحلو ته پوئتي رهيو، هينئر صورتحال ايتري سنگين ٿي چڪي آهي جو لکن جي تعداد ۾ انساني جانين جي ضايع ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو آهي مطلب ته اڃان تائين لکين ماڻهو مختلف مسئلن ۾ ڦاٿل آهن جن کي نه کاڌ خوراڪ جي سهولت آهي نه وري وڌندڙ بيمارين جي لاءِ ڪا صحت جي سهولت موجود آهي نه وري ريسڪيو ۽ رليف جي سهولت آهي. تنهن ڪري حڪومت پاڪستان ۽ عالمي برادري کي کپي ته سنڌ ۾ ڦاٿل برسات متاثرن کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪيا جوڳا اپاءُ ورتا ويا آهن هر سال ۽ انهن کي صاف پاڻي ۽ صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي اپاءُ ورتا وڃن سنڌ ۾ طوفاني برساتن کان پوءِ ٿيل تباهي هڪ بحران واري صورتحال کي جنم ڏنو آهي ان سلسلي ۾ جيڪڏهن حڪومتي قدمن کي ڏسون ٿا ته اهو به مايوس ڪندڙ آهن ڇاڪاڻ ته هر سال جي برساتن سنڌ اڪثر علائقن ۾ وڏي تباهي جو اعلان هونديون آهن. ان لاءِ وڏي پيماني تي ڪي جوڳا اپاءُ ورتا وڃن ته جيئن هميشه لاءِ سنڌ جا ماڻهو برساتن جي ۽ بيمارين جي تباهيءَ کان بچي سگهن.

*(هي مضمون 1 آڪٽوبر 2011 ۾ روزاني پاڪ سنڌ ۾ روزاني سڪار اخبار ۾ ڇپيو ويو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بدامني جي باهه ۾ جلندڙ سنڌ

اتر سنڌ ۾ امن امان جي حوالي سان حالت اها ٿي وئي آهي جو هتان جي علائقي جا شهر قابل،قندار ۽ واڻ بڻجي چڪا هجن جتي قانون کي ڏاڙيل ليکي ۾ ئي نه ٿا آڻين، جتي قانون لاڳو ڪرڻ جڻ سرڪاري مشينري جي هٿ ۾ ئي نه هجي جتي رات ته پر ڏينهن ڏٺي به ڪو محفوظ ناهي جهڙي نموني هن مهل سنڌ جي ٿر ۽ لاڙ وارن شهرن ۾ ماڻهو خوف ۾ ورتل آهن انهي نموني ئي اتر سنڌ ۾ رهندڙ شهرن ۾ عام ماڻهو ڏاڙيلن جي خوف ۾ ورتجي چڪو آهي جنهن خوف کي ٽوڙڻ لاءِ !سولي طور تي سرڪاري مشينري کي چر پر ۾ اچڻ گهرجي پر هن جڻ ڌوهارين خلاف چر پر نه ڪرڻ جو قسم کڻي ورتو آهي. پوليس ۽ انتظاميه بدامني جو شڪار ٿيل شهرن ۾ ڪو به ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. جنهن ڪم ڪرڻ سان ڏاڙيلن جو وقار مجروح ٿيندو هجي هاڻي ته بس اهو پيو محسوس ٿئي ته جيئن اتان جي سمورن شهرن جو انتظام هلائڻ وارو ڪم سرڪاري مشينري بدران ڏاڙيلن کي منتقل ٿيو هجي جو ته جتي قانون جي حڪمراني هوندي آهي اتي ڏاڙيلن ۾ خوف هوندو آهي پر هتي هزارن جي تعداد ۾ پوليس اهلڪار چند درجن ڌوهارين کي قابو ڪرڻ کان لاچار آهن اهڙي صورتحال کي ڇا چئجي ڏاڙيلن جي بهادري يا پوليس اهلڪارن جي بزدلي؟ انهي سوال جو جواب جهڙو به ملي پر جواب جو نتيجو اهو ئي آهي جيڪو هر صورت ۾ عوام ڀوڳي رهيو آهي. پر اهي ماڻهو بدامني ۽ خوف واري ڀوڳنا آخر ڪيستائين سهندا. پنهنجي تحفظ لاءِ سرڪاري مشينري جي ڪارڪردگي تي ڪيترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جو شاعر زخمي چانڊيو

سنڌ جي صدا حيات ڌرتي ارتقا کان وٺي هر وقت صوفين، بزرگن، سورهين، سرمستن، سرويچن، عالمن، اديبن، محققن، دانشورن ۽ صحافين جي ڌرتي رهي آهي جن هميشه مختلف وقتن تي سنڌ واسين جي خدمت پئي ڪئي آهي.جيڪي اسان کان جسماني طرح ڌار ٿيا به تي وڃن ٿا پر پنهنجن خوبين ڪري اسان جي دلين ۾ زنده ۽ روحاني طرح گڏ آهن اهڙن ئي انمول هيرن انسانن مان اسان جو قومي شاعر شهيد زخمي چانڊيو به هڪ آهي، زخمي چانڊيو 1961ع ۾ شڪارپور ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جوابپور ۾ جنم ورتو، زخمي جيڪو خود انقلاب هو اتساهه ڏيارڻ وارو، نفرتن کي محبتن ۾ ميٽڻ وارو جهيڙن ۽ فسادن کان پري رهڻ وارو خود جهيڙن جي ور چڙهي ويو، هو پاڻ ته ڌرتي جو توپچي هو جيڪو مزاحمت جي مورچي تي ويهي سامراجي سينن تي قومي گيتن جون گوليون چنيندو رهيو جنهن ڪڏهن به پنهنجي موت جي پرواهه نه ڪئي. 39 سالن تائين زخمي چانڊيو سنڌين کي اتساهه ڏيندي نيٺ شهادت جو جام پيتو. هو محبتن جو سفير هو ۽ ڪيس جهيڙن کان نفرت هيس. پر هو رڳو نالي جو زخمي نه هو ۽ نه ئي وري هن جو ڪو جسم زخمي هو ۽ جيڪو زخمي جهيڙن فسادن جي خلاف هو سو پاڻ انهن بي رحم رسمن جي ور چڙهي ويو. اها هڪ اڀاڳي صبح هئي جڏهن آءُ پنهنجي پياري دوست عطاءَ محمد ڪوسي سان ڳوٺ مان شهر ٻ ٻ شهيد ٻني جي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ جيڪب آباد پهتس حسب معمول موجب آءُ اخبار وٺي پڙهڻ وينس ته ان ويل ڌرتي منهنجي پيرن هيٺيان نڪري وئي جڏهن اها دردناڪ خبر پڙهي ته سنڌ جو قومي ۽ مزاحمتي شاعر زخمي چانڊيو کي اڳارو 24 آڪٽوبر 2000 تي شيخ زيد هاءِ اسڪول ڏانهن ڊيوٽي تي ويندي وحشي هٿياربندن شهيد ڪري ڇڏيو. مان سمجهان ٿو ته زخمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانڊيو جو قتل نہ بلڪ پوري سماج جو قتل آهي. چاڪاڻ تہ شاعر قوم جي ترجماني ڪندڙ هوندا آهن. زخمي بہ ترجمان هو هن ڌرتي تي رهندڙ انگن اگهاڙن مارئڙن جو جنهن پنهنجي اڪثر گيتن ۾ ڌرتي،مارئڙن،هارين مزدورن کي ائين ڳايو آهي. جيئن جيجل ماءُ پنهنجي ٻار کي لولي ڏي. مون کي اڄ بہ اها رات ياد آهي جڏهن زخمي ٿل جي محفل مشاعري ۾ سائين سرڪش سنڌي جي نظم ڪاوڙ ڇڏ تون ڪاوڙ تنهنجي ڪاوڙ مون کي مارينديءَ ترنم ۾ ٻڌايو تہ سندس سوز پرئي آواز سبب هر اک آلي ٿي وئي هئي پر مون ڪان وسري اڄ تائين اها رات بہ ناهي جڏهن 1999 ع ۾ بهادرپور هاءِ اسڪول جي پروگرام ۾ هو شريڪ ٿيو هو، جڏهن مان اسٽيج تي پنهنجي لکيل وائي سنڌ منهنجي امان آءُ تنهنجي مٺان جان گهوري ڇڏيان پڙهي هيٺ لٿس تہ زخمي اٺواقف هوندي بہ سيني لاتو ۽ شاباس ڏنائين زخمي چانڊيو جتي عشق تي لکيو اتي مارئڙن جي حال تي ٻڪ ۽ بدحالي تي ڪارو ڪاري، عورت جي آزادي جبر ۽ ظلم خلاف بہ لکيو. ان ڪري سندس خاندان مان ۽ سندس پٽ خالد زخمي چانڊيو، ساجد زخمي چانڊيو، حفيظ زخمي چانڊيو ، جابي زخمي چانڊيو سرڪش سنڌي جي نياڻي ناياب سرڪش، ساجده چانڊيو ڪبرا چانڊيو جيڪي بهترين شاعر ۽ ليکڪائون آهن انهن نياڻين کي اتساهہ ڏيڻ وارو بہ زخمي چانڊيو هو، زخمي چانڊيو نہ رڳو هڪ سٺو انسان هو پر هن جو ادبي پورهيو بہ وساري نٿو سگهجي هن شاعري جي شروعات 1975ع کان ڪئي جڏهن تہ باضابطہ طور 1980ع ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ لڳو ۽ هن ڪيترائي قومي گيت لکيا ۽ رومانوي شاعري بہ ڪئي. جنهن جو ڳاڻيٽو سندن فرزندن مطابق هڪ هزار کان مٿي آهي زخمي هڪ قومي شاعر سان گڏ پڻ تمام سٺو استاد بہ هو هيڏي ساري دشمني باوجود ڳوٺ مان لڏي اچي شهر لاڙڪاڻي ۾ رهائش پذير ٿيو ۽ پنهنجن ٻنهي پٽن کي تعليم طرف ڌيان ڇڪايو، جيڪي ماشاءَ الله اڄ ننئين ٿهي جا سٺا اديب آهن. زخمي چانڊيو جي شاعري ۾ ڪو بہ استاد نہ هيو پر پوءِ بہ سرڪش سنڌي سان لاڳاپيل ضرور هيو هن جو هڪ گيت مرحوم رحمان مغل سرمد سنڌي ڳايو جنهن تمام وڏي مقبوليت ماڻي.

ڏاڍو سارينديس، منهنجي مٺي ڪان پوءِ تون
جيئري قدر ڪو نہ ڪيئي، ڳوڙها ڳاڙينديس
منهنجي مٺي ڪان پوءِ تن
زخمي لاءِ ماتم ڪري، نيٺ وساريندين.
منهنجي مٺي ڪان پوءِ تن

واقعي اڄ اسان جو سماج ادبي طبقا زخمي کي وساري ويٺا آهن ڪيڏو نہ ادبي دوستن ٻي حسي جو مظاهرو ڪندي هڪ انقلابي شاعر کي تمام جلد وساري ڇڏيو پر اسان پرستارن کان اڄ بہ زخمي چانڊيو ناهي وسريو، اڄ هو اسان سان گڏ تہ ناهي پر هن جون يادون اسان سان گڏ آهن هڪ دفعي هن تي هڪ قومي گيت ڳائڻ عيوض بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو ويو پر پوئتي هٽڻ وارو زخمي بہ ڪو نہ هيو، هڪ دفعي وري ٻيهر هن چانڊڪا يونيورسٽي ۾ تقرير ڪندي موئن جي دڙي جو ترانو پڙهيو تہ حڪمرانن گرفتار ڪرائي ڪيس جيل حوالي ڪيو ويو جابرن اڳيان هو جهڪيو ڪونہ مون کي سندس لکيل شعر ياد ٿو اچي تہ
چو اچڻ بہ ڇڏي وئين.

واقعي هن اسان سان اچڻ وڃڻ ڇڏي اهڙي پارهليو ويو آهي جتان ڪنهن کي واپس ورڻو ئي ناهي، رب سائين ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ اسان جي دلين ۾ تاحيات زخمي زنده رهندو.

*(هي مضمون 14 نومبر 2006 تي روزاني سڪار ڪراچي ۾ روزاني پاڪ سنڌ سکر ۾ ڇپيو ويو)*

# فيصلو

سج پنهنجو سفر پورو ڪري سنسار تي ڳاڙهاڻ اڇليندي انڌيري جي آجيان ڪري رهيو هو پنهوار مال ڪاهي پنهنجن پنهنجن ماڳن ڏي موٽي رهيا هئا پکي پنهنجن ٻچن سان گڏ ٻولي رهيا هئا، ان وقت وڏيري علڻ جي ڳوٺ ۾ غريب هاري هادن جي گهر ۾ مايوسي ۽ بيچيني ڇانيل هئي جنهن جي سڪيلڌي ڌي صغران جو وڏيري جي اوطاق ۾ قسمت جو فيصلو ٿيڻو هو ڳوٺ ۾ شام جو هر هڪ گهر ۾ رڌ پچاءُ جا دونهان چلهن مان نڪري رهيا هئا پر هادن جي گهر ۾ چڻنگ بہ نہ ڏڪي هئي ڇو تہ اڄ شام هادن کي اڪيلي سڪيلڌي ڌي جا ارمان مٽي ۾ ملندي پور پور ٿيندي نظر اچي رهيا هئا.

شام ٿيندي ئي هادن وڏيري علڻ ڏانهن ساٺان قدم کڻندي روانو ٿيو، واهہ جي ڪپ تان ويچارو جهور پوڙهو هادن سوچن جي سمنڊ ۾ ترندو ٻڏندو، ٽڙندو ۽ ٽاٻڙندو وڃي رهيو هو، ڪيس سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ اچي رهيو هئس.

هادن جيئن ئي وڏيري جي اوطاق تي پهتو تہ سمورو ڳوٺ اتي ويٺل ڏٺائين. ڪرسيءَ تي ٿلهو متارو ڪارو وڏن ڪنن وارو وڏيرو ويٺل هو. هادن کي ڏسي هڪل ڪندي چيو غيرت مند پوڙها جي اچڻ ۾ دير ڪرين ها تہ سڀي گهر کي آڪهہ سوڌو باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيانءِ ها ۽ ها ٻڌ تو واري ڇوري صغران ماسيءَ جي گهران شهر مان بہ درجا پڙهي اچي هتي ڳوٺ ۾ ٻين نياڻين جي زندگي بہ تباهہ پئي ڪري ڪالهہ شهر جي ڪجهہ سياسي تنظيم جي ڇوڪرن سان گڏ گهٽي ۾ مون واري ڊرائيور

# غربت جي گهاٽي ۾ پيڙ جندڙ زندگيون

جڏهن غربت ڪارين راتين ۾ ويران جڳهن مان ڪنهن بکي بارڙن جون ڪيهون آڪاش جا گهنڊ وڄائين ٿيون ۽ جڏهن مسڪينن ۽ مفلسن جي عزت جو نيلام هن وحشي انسانن جي بازار ۾ کلي عام ٿئي ٿو. جڏهن ڪا معصوم دولت جي بدلي ۾ نازڪ ۽ پاڪ گلن جي پنکڙين وانگيان نپوڙي ڦٽو ڪئي وڃي ٿي. تڏهن هن آڪاش ۾ باهيون لڳن ٿيون. ستارا پنهنجي ڪشش جا محور ٽوڙي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. آسمان جي وسعتن ۾ ڪيئي ڌماڪا ٿين ٿا، زمين ڏبي ٿي. آڪاش ڏڪڻ لڳي ٿو. پر ان اهڙي حالت ۾ غربت جي پهاڙ هيٺيان دٻيل انسان هن ڌرتي تي ڪيئن نہ ڪارا پاپ ڪري رهيا آهن غربت جڏهن انتها تي پهچندي آهي تہ انسان صرف پنهنجي پيٽ لاءِ ئي سوچيندو آهي، لوچيندو آهي ۽ جڏهن اهو پيٽ خالي هجي تہ ان بک جا وڍ انسان کان سوچ ۽ شعور جي شڪتي کسي وٺندا آهن ۽ پوءِ اهي سوچ کان سواءِ انسان پنهنجي پيٽ جي دوزخ جي باهہ اجهائڻ لاءِ پاپ جي لاهين ڏانهن رخ رکندو آهي ۽ نيٺ معاشري ۾ آهستي آهستي معيار ۽ ماپا بدلجندا آهن ۽ اهي بدليل معيار ۽ ماپا معاشري ۾ بڇڙاين ۽ بدڪارين کي جنم ڏيندا آهن، جڏهن دولت وارا مڪار پٽ دولت جي نشي ۾ چور ٿي عيش عشرت ڪندا آهن، پنهنجي نيچ ۽ گهٽيا غليظ خواهشن جي پورائي لاءِ ڪيئن نہ معصوم حسرتن جو قتلام ڪندا آهن پر ان وقت ڪئين غريب جو ٻار ماني جي ڳيي لاءِ در در پنڪندو رهندو آهي، پوءِ ان اهڙي حالت تي غريب جي دل ۾ انتقام جي باهہ دکندي آهي، پڻ سندس اکين ۾ نفرت ۽ ڌڪار جو رت پرجي ايندو آهي. پوءِ پنهنجي آتما جي شانتي لاءِ غريب جو ٻچڙو معاشري ۾ اهڙا اهڙا جرم ڪري ويهندو آهي جو پنهنجي من

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شانتي ۽ قرار وڃائڻ سان گڏوگڏ معاشري کي بہ هڪ دوزخ بڻائي ڇڏيندو آهي. هڪڙا گناهہ شوق سان ڪبا آهن ۽ ٻيا گناهہ مجبوري ٻي وسي ڪان ڪبا آهن ۽ مجبوري جي ڪري گناهہ ڪندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي، سبب گهڻو آهي جنهن جو سبب صرف غربت آهي، ان لاءِ جو غربت انسان مان احساس ۽ رحم جو جذبو ختم ڪري ڇڏيندي آهي، احساس ۽ رحم کان سواءِ خالي انسان خود هڪ گناهہ آهي ۽ گناهہ گناهہ کي جنم ڏيندو آهي، مطلب تہ مجبوري جي پاڇي هيٺيان انسان معاشري ۾ پلجندڙ هر جرم ڪري ويهندو آهي بقول ڪنهن شاعر تہ..!

غربت جو هر روپ هر چهرو ڀيانڪ آ
ان خنجر جو هر چير ڏاڍو ڀيانڪ آ

هن دور ۾ غربت سڀ کان وڏو پاپ آهي، ان لاءِ جو غربت ڪري ماڻهو پنهنجا محبوب وڪرو ڪندو آهي، پنهنجي معصوم پاڪ دامن نياڻين ۽ نارين جي عظمت جو سودو ڪندو آهي ۽ غربت سبب انسان پنهنجي ايمان جو نيلام ڪندو آهي ۽ معاشري جي جهول ۾ پاپن ۽ گناهن جا ڪنڊا پريندو آهي، غربت ۽ غريب کي چنڊ ۾ محبوب جو چمڪندڙ چهرو نہ بلڪ گول گول ماني ڏسڻ ۾ ايندي آهي، غربت دانائن کان دانائي، ڏاهن کان ڏاهپ، عالمن کان علم، عابدن کان عبادت، بهادرن کا بهادري عادلن کان عدل، غيرتمندن کان غيرت کسي وٺندي آهي غربت اها اڌوهي جيڪا ايمان جي مضبوطي کي بہ کائي چٽ ڪري ڇڏيندي آهي. اهوئي سبب آهي جو حضور اڪرم ﷺ سڀ کان پهرين نون مسلمانن جي معاشي مدد فرمائيندا هئا، ان لاءِ جو غربت بک ۽ بدحالي کي جنم ڏيندي آهي، بک ۽ بدحالي ۾ انسان خود کي بہ چڪ پائي کائيندو آهي. جيئن جيئن آبادي وڌي رهي آهي. جرم ۽ بڇڙائي معاشري ۾ وڌي رهيون آهن ۽ اهي بڇڙايون صرف ۽ صرف ماڻهن جون وڌندڙ ضرورتن ڪري آهن ۽ غربت جي ڪري، جڏهن انسان اهي ضرورتون پوريون نٿا ڪري سگهن تہ پوءِ ناجائز طريقا معاشري ۾ جنم وٺن ٿا ۽ بڇهڙائي وڌندي سموري معاشري کي قاسائي وجهندي آهي.

معاشري ۾ خسيس ڳالهين تي جهيڙا، فساد، قتل صرف غربت ۽ انا جي ڪري ٿيندا آهن، ان لاءِ جو غربت جي اڳ غربين مان وسيع نظري ۽ وسيع خيالي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آهي تڏهن تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو هو تہ اي منهنجا مالڪ تون مون کي ڪثرت اولاد کان بچائجان جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن اهڙي حالت ۾ آن ڪري پناهہ ورتي غربت انسان کي اهڙو تہ ٻي حس بڻائي ڇڏيندي آهي جو ماڻهو گناهہ کي بہ گناهہ نہ سمجهندو آهي ۽ اها هڪ اهڙي خطرناڪ حد آهي، جنهن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ انسانيت جون سموريون حدون ختم ٿي حيوانيت جون حدون شروع ٿين ٿيون. هن معاشري ۾ دولت ماڻهن جي روحن ڪي مرده بڻائي ڪين جانور بڻائي ڇڏيو آهي، تاريخ جي ورقن ڪي ورائي ڏسبو ته تاريخ ۾ وڏيون وڏيون جنگيون غريبن جي لاشن تي وڙهيون ويو آهن، غربت ڪي محنت ايئن ختم ڪري ڇڏيندي آهي. جيئن ڪو مير پير وڏيرو ڪنهن غريب ناري جي جواني ۽ حسن ڪي نپوڙي چوسي خالي ڪري ڇڏيندو آهي. غربت ڪي ختم ڪرڻ لاءِ هر انسان ڪي محنت ڪرڻ کپي ٻئي جي هٿ ڏي تڪڻ کان بهتر آهي پنهنجي عضون ڪي محنت ممڪن ڪرڻ تي هيرائي ۽ سرڪار ڪي ٻه کپي ته ملڪي غربت ختم ڪرڻ لاءِ مختلف طريقن سان روزگار جا موقعا ماڻهن ڪي فراهم ڪري جيڪي ملڪي ترقي لاءِ ٻه ڪارگرئين.

*(نوٽ: هي مضمون 24 آڪٽوبر 2011 روزاني پاڪ سنڌ اخبار سکر ۾ ڇپيو ويو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وري سنڌ سڏڪي پئي...!

سوچيان ٿو تہ ڪٿان لکڻ شروع ڪيان ڏکن ڀريو داستان، يادرڻ ڀريون دانهون، آنهون لکان منهنجا بہ هٿ ڏڪي رهيا آهن هي هٿ صرف منهنجا نہ پر هر سنڌ جائي جا ڏڪندا هوندا...! آن ويل سنڌ ڌرتي جي ڳلن تان ڳوڙها ڳڙيا هوندا! شاهہ لطيف ۽ شاهہ عنايت شهيد جا روح وري زخمي ٿيا هوندا! جڏهن سنڌ جو بهادر اڳواڻ محترم بشير خان قريشي هميشہ هميشہ لاءِ اسان کان وڇڙي ويجي ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ سمهيو پر ان ڏينهن سنڌ امڙ ويران ۽ ريگستان جو ڏيک پئي ڏنو ۽ سموري سنڌ سڪتي ۾ ونجي چڪي هئي هر طرف ماتم نظر ٿي آيو پر قدرت جي قلم جي ڪير ٿو موڙي سگهي..! موت تہ آخر اچڻو آهي پر شيخ اياز چيو تہ

ماندو ٿي نہ موت تڪڙ چڏ توائي
وو! مارن سين منهنجي آهي جدائي
ڏيان ساهہ سنڌ تي اٿم آس اها ئي
ٻيلي ٻي ڪاوائي، ان ري ڪيان ڪين ڪي

واقعي هي دنيا فاني آهي هت هر شيءِ فنا ٿيڻي آهي پر عظيم انسانن جا عظيم عمل ڪارنامہ هميشہ صدين پڇاڻا بہ زنده رهندا آهن ۽ ايندڙ نسلن کي بہ سچائي جدوجهد ۽ قرباني جي واٽ ڏيکاري ويندا آهن بشير خان قريشي صرف قومپرست نہ پر سنڌي قوم جو ليڊر هيو هن پنهنجي سموري زندگي هارين نارين مزدورن پورهيتن بي پهچ ابوجهہ ماروئڙن جي نالي وقف ڪري ڇڏي هئي، سائين جي ايم سيد جي فڪر سان سلهاڙيل بشير قريشي جي اڻمندائتي موت جڻ سنڌ ڪاز سهارو کسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجي زندگي جي مختصر سفر ۾ هن کي هميشه سفر ۾ جستجو ڪندي ڏٺو مون کي ياد آهي جڏهن به ٿل ايندو هو ته وڏيرن جي بنگلن بجاءِ پنهنجن ادنيٰ ڪارڪنن وٽ وڃي تر سندو هو چوندو هو ته مونکي جيڪو روحاني سڪون پنهنجي سانگين جي جهوپڙين ۾ ايندو آهي سو اميرن جي محلاتن ۾ ڪٿي...! سنڌ جو واحد ليڊر بشير خان قريشي هو جنهن ڪشمور کان وٺي ڪراچي تائين پيادل لانگ مارچ ڪيو پير رتورت ٿيا ته به پنهنجي سائين کي ساهه ۾ سانديي گڏ هلندو رهيو، هو پنهنجي ڪارڪنن تان ساهه واريندو هو پر ڪارڪنن به وقتن به وقتن پنهنجي ليڊر مٿان قربان ٿيندا رهيا، هن جو سنڌ ۾ ساهه هو تڏهن ته غني غمدل شعر چيو آهي ته:

او سنڌ امان او سنڌ امان
آ تنهنجي هنج امير ستو
آ دودو ڪو دلگير ستو
آ تنهنجو پٽ بشير ستو
او سنڌ امان او سنڌ امان
سورات مليو آ پٺائي سان
گڏ آهي سيد ۽ سنائي سان
مشهور ٿيو آ سچائي سان
او سنڌ امان او سنڌ امان
غني غمدل آهي اداس چمن
رتيديري ۾ آ قريشي دفن
اجرڪ جو مليو آ ان کي ڪفن
او سنڌ امان او سنڌ امان

واقعي هڪ جرئتمند آواز جي موڪلاڻي تي سنڌي قوم پاڻ کي يتيم محسوس ڪري رهي آهي بشير خان پنهنجي ساري ڄمار پنهنجي سنڌ ماءُ جو قرض لاهيندي گذاري، هن وٽ حب الوطني ۽ سنگهارن جي خدمت ڪرڻ جو اهڙو جذبو هو جنهن ڪيس تاريخ ۾ امر بڻائي ڇڏيو سنڌ جي هن دودي پٽ سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪئي ۽ سنڌ جي وحدت خاطر تتل ڏينهن ۾ ڏامر جهڙي روڊن تي ڪڏهن اگهاڙي پيرين لانگ مارچ ڪيا ته ڪڏهن وري جيل جون عقوبتون برداشت ڪيون، هو خوني جهيڙن جي به خلاف هو، هن ڪيترن ئي برادرين ڏانهن شاهه جو رسالو ميڙ ڪٺي ويو ته خوني جهيڙا ختم ڪريو پاڻ ۾ محبت پيدا ڪريو اهڙيون نصيحت پريون ڳالهيون ٻڌي پٽڙ دليون به ميڻ ٿي پونديون هيون. سائين جي ايم سيد جي لاڏاڻي ڪانپوءِ بشير خان قريشي قومي تحريڪ ۾

هڪ نئون روح ڦوڪيو اهوئي سبب هو جو ڪيس سنڌ جي سپهه سالار جهڙا لقب، ملندا رهيا پر اوچتو سنڌ جي سالار جي وڇوڙي ڪانپوءِ اها تحريڪ هيٺي ٽيڻ بجاءِ اڃان به طاقتور ٿيندي چو ته بشير خان قريشي پاڻ چيو هو ته شهيد زنده هوندا آهن اهي دشمن لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندا آهن جيڪي جوڌا سائين جي ايم سيد جي فڪر جا پوئلڳ هوندا چا اهي بشير خان جي شهادت ڪانپوءِ خاموش ويهندا.

جي تون ديس لاءِ وڙهندين ڪونه!
۽ پنهنجي ماڳ ڏي رڙهندين ڪونه!
پوءِ به توکي مرڻو پوندو،
تنهنجو نان نشان نه رهندو،
پر جي وڙهندين، مور نه مڙندين!
ڌرتي سان گڏ زنده رهندين
هر جڳ ۾ هر دل ۾
ديپ جيان تون ٻرندو رهندين،
هاجي وڙهندين ديس لاءِ تون،
جيئندو رهندين، جيئندو رهندين،

(امرت)

بشير خان قريشي اڄ اسان وٽ موجود نه ناهي پر سندس چيل ڳالهيون اڄ به هر هڪ سنڌي جي ذهن ۾ گونجن ٿيون. هو هميشه چوندو هو ته اسان موت کان ڊڄڻ وارا ناهيون ۽ نه ئي ميدان ڇڏي ڀڄڻ وارا آهيون موت اسان لاءِ مهٺو ناهي پر مشاهدو آهي جيڪڏهن مون هڪڙي جون اکيون بند ٿيون ته منهنجي قوم جي ڪروڙين نوجوانن جون اکيون کلن ٿيون ته اهو سودو منهنجي لاءِ سستو ۾ سڀ کان وڏو اعزاز ۽ انعام هوندو جيئڻ جمن دربدر چيو ته:

وٺي هر هر جنم وربو مٺا مهراڻ ۾ ملبو
ختم اونداهه ٿي ويندي چٽي چانڊاڻ ۾ ملبو

هو واقعي اهڙو اوچو ۽ گهاٽو ٻڙهو جيڪو جتي به جنهن سان ياڪر پائي مليو ان کي محسوس ٿيندو هو ته جڻ شفيق پاءُ شفقت هيٺ آيو آهيان سندس قدڪاٺ، فڪر، بهادري ۽ سچائي پوري قوم لاءِ گهاٽي ٻڙ جي ڇانو مثل هئي ها ان کي به اپريل جو مهينو ان منزل تي وٺي ويو جنهن ڪانپوءِ ڪو به سفر باقي ناهي پر ويندي ويندي بشير خان قريشي پنهنجي آخري گهڙين تائين سنڌ ۽ سنڌين جي مستقبل کي شاندار بنائڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي هر موڙ تي ثابت قدم رهيو هنن سٽن جيان ته:

رت ديس تنهنجي راهه ۾، جي ڦڙو ڦڙو ٿي وهي وڃي.

تنهنجو بہ قرض لهي وڃي منهنجو بہ نصيب ٿهي وڃي
*(حليم باغي)*

هاڻي اسان کي سڀ انائون ترڪ ڪرڻيون پونديون اسان کي پاڻ ۾ متحد ٿيڻو پوندو، اسان کي ڀرپور قومي ٻڌي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو جيڪڏهن اسان ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب وياسين تہ يقين ڪريو تہ رڳو ان نقصان جو ازالو ٿي پوندو پر اسان هڪ اهڙي طاقت ٻڻجي ويندا سين جنهن جو خواب سائين جي ايم سيد ۽ بشير خان قريشي ڏٺو هو هي وقت ان خواب کي ساپيان ڏيڻ جو آهي.

توکي ڏسندي ٿيو ويساهہ جاڳي خدا
سنڌ جئيندي سدا سنڌ جئيندي سدا.

# ارمان

چونڊا آهن ته شاعر حساس دل ٿيندا آهن. هو پنهنجا درد سيني ۾ سمائي منهن تي مسنوئي مرڪ سجائي لفظن جي مالها جوڙي عوام جي دلين جي ترجماني ڪندا آهن. آئون به ڪو وڏو ليکڪ شاعر ڪو نه آهيان پر مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ضرور ڇپيو آهيان. بس دل وندرائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه لکي وٺندو آهيان.

ٽيچنگ ۾ مون کي ڪجهه مهينا مس گذريا هيا ته مون پنهنجي ڪلاس ۾ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته ڪوئي ڪنهن کي چاهي ٿو.

مون هڪ ڏينهن هاف ڇٽي وقت هن کي روڪيو هيم ۽ ڪيس چيم ته مون کي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي..؟

عاليه..! مان هڪ ڳالهه توکان پڇان عاليه بيدڙڪ هاڪار ڪئي....

استاد جي حيثيت ۾ نه پر هڪ دوست جي حيثيت ۾ پڇان ٿو.....

ڇا توهان مون کي ٻڌائيندا...؟

جي سر.....هن وراڻيو ۽ ڪجهه گهبرائجي ويئي. ڇيومانس پريشان نه ٿي سچ ٻڌاءِ توهان اڪثر آفتاب ڏانهن ڏسندا آهيو......؟

هو خاموش ٿي ويئي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين.

ٻيهر پڇيو مانس ڇا اهو سچ ناهي...مون غلط ته محسوس ناهي ڪيو...؟

ڪنڌ مٿي ڪٽي چيائين سر......!

توهان صحيح محسوس ڪيو آهي. آفتاب مون کي وڻندو آهي. ايتري ۾ ڇٽي جو وقت پورو ٿيو، هوءَ ڪلاس ۾ هلي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فل چئي وقت مون آفتاب کي پنهنجي ڪلاس ۾ گهرائي چيومانس، مون کي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي...؟جي سر حڪم ڪيو...

ڇا توهان عاليہ کي چاهيندا آهيو.....؟

نوسر.....هن وراڻيو

ڪيس چيم هوءَ تہ توکي چاهي ٿي تنهن تي هن چيو جيڪڏهن سر اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ آئون هن جي جذبن جي قدرداني ڪندي دوستي وارو هٿ وڌايان ٿو. ايئن ئي مون ٿورن ڏينهن ۾ ٻنهي کي سٺي دوستن جي روپ ۾ ڪلندي ڳالهائيندي ڏٺو..

ايئن هو هڪٻئي سان پيار جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي هڪ ٻئي کي گفٽون وغيره ڏيندا رهيا. اوچتو منهنجي بابا جي طبيعت ٺيڪ نہ ٿي. مجبورن مون کي ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڳوٺ وڃڻو پيو، جڏهن واپس پهتس تہ خبر پئي عاليہ اسڪول نہ پئي اچي، مون هڪ شاگردياڻي سان ڪيس نياپو موڪليو تہ اسڪول اچي. جڏهن ٻئي ڏينهن هوءَ اسڪول پهتي تہ مون کي اهو ڏسي جهٽڪو لڳو تہ عاليہ اها عاليہ نہ هئي. وار اٽيا هيس، اکيون پنل ۽ سرمي کان خالي هيس، چهرو اداس هو.

مون جڏهن هن کان اسڪول نہ اچڻ جو سبب پڇيو تہ روئي پئي..... سڏ ڪندي وراڻيائين...سر آفتاب هاڻ مون کي نہ پرهما کي چاهي ٿو. هن مون سان بيوفائي ڪئي آهي مون ان ڪري اسڪول اچڻ ڇڏيم. جو مان ختي ڏسي سگهان تہ آفتاب ڪنهن ٻئي سان پيار ڪري....

ائين چئي هو روئندي ڪلاس مان ٻاهر هلي وئي، آئون بي ساختہ بت جيان ڏسندو رهيس. هڪ سنگدل انسان جي رويي ۽ محبت لاءِ پٽڪندڙ روح جي ڪري منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا...!

*(هي ڪهاڻي 16 سيپٽمبر 2007ع سنڌو ڊائجيسٽ ۾ ڇپي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏرتيءَ جو سپاهي وفا ٻرڙو

حقيقت ۾ سنا شاعر اديب ۽ ليکڪ قومن جا رهبر هوندا آهن قوم جي اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪندا آهن ۽ قومون آزادي ماڻينديون آهن خوشنصيب اهي قومون هونديون آهن جن جي اديبن شاعرن جي پوئيواري ڪندي قومون آزادي ماڻينديون آهن اڄ به آسان وٽ ارڏا اصول پرست زنده ضمير شاعر موجود آهن جيڪي هر فورم تي بنا ڪنهن فيس جي ڌرتي جو ڪيس وڙهي رهيا آهن تن ۾ اياز گل، ادل سومرو وسيم سومرو حنيف عاطر ايوب ڪوسو ساحر راهو سيعد ميمڻ حافظ بجاراڻي مفتون ڪورائي ارڏو اترادي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا دوست آهن پر منهنجو محسن دوست وفا ٻرڙو به انهن دوستن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايون پيو اچي، وفا ٻرڙو عمر ۾ ته مونکان الاهي وڏو آهي ۽ منهنجو ادبي استاد به آهي پر مون ڪڏهن به محسوس ناهي ڪيو ته وفا مون کان وڏو آهي شايد اهو ان جو پيار ئي آهي جيڪو پنهنجائپ جو احساس ٿو ڏئي، مون جيون جون 15 بهارون وفا ٻرڙو سان گڏ گذاريون آهن پر مون هن جي منهن تي ڪڏهن به مايوسي ناهي ڏٺي حالتن سبب ڪافي ڏکين مرحلن مان به وقت به وقت گذرندو آيو آهي پر سندس حوصلا همالیہ جبل جيان بلند رهيا آهن پنهنجا سور سيني ۾ سمائي هميشه ٻين ۾ مرڪون ورهائيندڙ، اتساهه پيدا ڪندڙ وفا ٻرڙو هڪ هنڌ شاعري ۾ لکي ٿو ته:

جياپي لاءِ ڪجهه ڪرڻ کپي دوستو
سفر آهي گهڻو هلڻ کپي دوستو
ڪيستائين ٻئي جي هٿ ڏي تڪيون
همٿ جو جهان آ وڙڻ کپي دوستو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر با شعور شاعر جيان وفا پرڙو بہ انسان کي اتر ٿو سمجھي ۽ هو انسان ۽ انسانيت جو پيروڪار آهي، هو رنگ ۽ نسل کي فوقيت نٿو ڏي، هو دنيا کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو، هڪ حاڪم ٻيو محڪوم، هڪ ظالم، ٻيو مظلوم، هو مظلومن جو ساٿي آهي هميشہ اڳتي اچڻ لاءِ پڪاريندي لکي ٿو تہ:

اٿو تہ رات کي چيري ڦاڙي هلون
اوندھ جا لنگهہ سڀ لتاڙي هلون
اجهو ٿو سج اڀري اوڀر کان هو ڏسو
ٻہ ٽي قدم ير سلهاڙي هلون

مون وفا جي شاعري جڏهن پڙهي آهي ۽ سندن زباني ٻڌي آهي مون کي تڏهن ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ وفا پڪ سان ڪنهن قومپرست تنظيم سان وابسطہ آهي هڪ ڏينهن جڏهن پڇي ورتو مانس تہ يار وفا تون ڪهڙي تنظيم سان وابسطہ آهين، ڪلي جواب ڏنائين هي ڌرتي پنهنجي آهي ان ۾ جدوجهد ڪندڙ هر تنظيم سان گڏ آهيان پر سياسي وابسطگي پ پ پ شهيد ڀٽو سان آهي جيڪا مظلومن جي پارٽي آهي، ۽ مظلوم عوام لاءِ جاکوڙي پئي آءٌ بہ ڌرتي جائو آهيان ڌرتي سان پيار ٿو ڪريان، ڌرتي جي حفاظت فرض ٿو سمجهان، هڪ هنڌ لکي ٿو تہ

تو ڌاڙا هنيان منهنجي ڌرتيءَ تي
مان مور نہ توسان ٺهڻو هان
وڙهندس توسان سامراج ٻڌي ڇڏ
مان پوئتي ڪين هٽڻو هان
سندس ڌرتي لاءِ ٻيو بہ شعر آهي تہ
سنڌ جي حقن تان قران تہ ڪافر ٿيان
چور کي ساڌ چوان تہ ڪافر ٿيان
نہ ٿي آ نہ ٿيندي ماءُ سان غداري
سنڌ جو سودو ڪيان تہ ڪافر ٿيان

مٿين سٽن مان معلوم ٿو ٿئي تہ وفا ڌرتي سان بہ انتها پيار ٿو ڪري هن وٽ روشن آئيندي جا خواب آهن.

سائين منهنجا اڄڪلهہ ڏٺو وڃي تہ اسان جا شاعر حضرات ڌرتي جي عشق کان هٽي ڪري محبوب جي زلفن ۽ چپن تائين محدود ٿي ويا آهن جيڪي پنهنجہ قلم کي صرف قرب جي ڪچهرين تائين ڪتب آڻين ٿا، پنهنجي سموري حياتي محبوب جي زلفن جي گهاڙڻ جي حسرت رکي وينا آهن انهن دوستن سان وفا مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ هي وقت سرتي

جي ڪومل ٻانهن ۾ آرام ۽ ننڊ ڪرڻ جو ناهي، هي وقت گهر گهر گهٽي گهٽي ۾ انقلاب جاڳائڻ جو آهي سندس شعر آهي ته:

وڏو وڏو اڳتي وڌو، پير پوئتي جو ٿا ڪيو
آهي ٻولي جو يار مسئلو نفرتون ڇڏي سڀ گڏجي هلو

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته وفا نه صرف قومي شاعري ڪئي آهي پر هن ڪٿي ڪٿي قومي شاعري سان گڏ عشقيه شاعري به ڪئي آهي جنهن جا احساس چوڏهين جي چنڊ جي چانڊاڻ جهڙا اجرا آهن، سندس شعر آهي ته

نيٽن جو پنڌ پرينءَ ڏي، پيرن جو پنڌ پرينءَ ڏي
ذهن ۾ ڪي سوچون آهن، سوچن جو پنڌ پرينءَ ڏي

وفا جي شاعري ۾ احساس سان گڏ اجتمائي فڪري رويا پڻ ملن ٿا هن مهل تائين وفا پنهنجي تخليقي پورهيئي ۾ ڪيترو سچو رهيو آهي ان لاءِ ڪا هڪڙي راءِ قائم ڪري ڪو نه ٿي سگهجي، چو ته شعر جي اثرات ۾ به درياهه جي وهڪري جيان پنهنجا نياڻ هوندا آهن جن جي ماپ ۽ ڪٿ ڪرڻ نا ممڪن آهي چو ـ شاعري زندگي جو رياض آهي ان رياض سان سچ پچ وفا خوب نڀائيندو آهي ۽ نڀائيندو پيو اچي سندس پهرين اپريل تي 41هين سالگرهه جي موقعي تي دعا آهي ته الله سائين ڪيس اجان به هن کي لکڻ جي سگهه عطاء ڪري ۽ سدائين حق سچ تي لکندو رهي. سندس عمر درازي لاءِ دعاگو آهيان ساٿ هلندو رهي لاٽ ٻرندي رهي.

*(هي مقالو 01-04-2015 تي ڪنوهر هائوس ٽل ۾ ملاهيل سالگره جي موقعي تي پڙهيو ويو)*

# ڪيبل ڪلچر ۽ اڄ جو معاشرو

اڄڪلهه جڏهن تهذيب جا رنگ ڏٺا وڃن ته هاڻ تفريح اُها تفريح نه رهي آهي ۽ تفريح مان ڦري تخريب بڻجي چڪي آهي ۽ تخريب هر دور ۾ انساني زندگي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي آهي. وسي آر، ڊش انٽينا ۽ ڪيبل ڪلچر هن موجوده دور ۾ هر ڪنهن لاءِ عام ڪري اسان مسلمانن لاءِ تمام خطرناڪ ثابت ٿيو آهي ڇو ته اڄڪلهه ٽي وي اسڪرين تي پيش ٿيندڙ ڊراما ۽ فلمون، نغمن جي ماڊلنگ ڊانس وغيره اهڙي ته تهذيبي تمدن جي خلاف ٿئي ٿي جو ڏسڻ سان ئي شرم حيا مان ماڻهن جا ڪنڌ جهڪيو وڃن ۽ ڪيبل ذريعي ٻين ملڪن جا واهيات ۽ غلط نظريا مسلط ڪري رهيا آهن جو اسان جو نئون نسل ذهني طور تي سندن غلام ٿيندو پيو وڃي.ڊش ۽ ڪيبل تي اڪثر ڏيکاريون ويندڙ فلمون محبت جون ڪهاڻيون هونديون آهن ۽ انهن معاملن کي اهڙي نموني سان “DEAL” ڪيو ويندو آهي جو نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون انهن جي جذبات جي وهڪري ۾ وهي ويندا آهن ۽ ڪجهه منظر ته ايترا پيار ڀريا هوندا آهن. جو برف رجيو وڃي ۽ نتيجا پوءِ ڳلي ڳلي ۾ تماشو بڻيل هوندا آهن ان ڪان علاوه اڪثر هاڻ سنڌي فلمن ۾ وڏيرا شاهي ۽ ڌاڙيل ڪلچر کي فل فوڪس ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪري سماج ۾ به ڏوهه وڌي رهيو آهي ۽ قتل ڪرڻ جا عجيب نمونا ڏيکاريا وڃن ٿا جو نوجوان آساني سان انهن جو شڪار ٿيو وڃن، اڪثر نوجوان هوٽلن تي ڳلا ڪولي ٽوپي نرڙ تي رکي ڪنهن فلمي هيري جيان سگريٽن جا وڏا ڪش هڻندي نظر ايندا يا پان ڪائيندي مطلب ته ڪنهن نه ڪنهن بري ڪم ۾ توهان کي مشغول نظر ايندا جنهن سبب پنهنجو اجايو قيمتي وقت زيان ڪري ويهندا آهن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملندا رهنداسون، ڪڏهن سپنن کي ساڀيان جو ويس ڍڪائينداسين مان سياڻي امان ۽ بابا وارن کي راضي ڪندس ته تنهنجي گهر رشتي لاءِ اچن، نيٺ رضيه جي چپن تان خاموشي جا تالا ڪليا، نه علي حسن هاڻ پاڻ هڪبئي جا نتا تي سگهون چو ته مان ڪنهن ٻئي جي نان تي چڪي آهيان، اهو چئي رضيه سڏڪن ۾ پئجي وئي، علي حسن جي چهري تي مايوسي جون ريکائون اڀرڻ لڳيون، علي حسن ٽٽل لفظن سان پڇيو رضيه تو اڳ ته ڪڏهن ڪو نه ٻڌايو هو.....؟ رضيه وراڻيو مون کي اڳ ته ڪا خبر ئي ڪا نه هئي، ڪالهه مائٽ شادي جي ڳالهه ڪٽي آيا بابي تاريخ پڪي ڪري ڇڏي.....؟

علي حسن جو اندر پورا پورا ٽيٽ لڳو، رضيه جي اندر ۾ به سورن جو سرگم ڇڙي پيو، رضيه اکين مان لڙڪ وهائيندي چوڻ لڳي ته علي حسن آئون مري وينديس پر اٽپڙهيل عمران سان هرگز شادي نه ڪنديس. ٻئي سڏڪن ۾ پئجي ويا. ڪجهه دير ڪان پوءِ روئي موڪلاڻي ڪيائون. ايئن ئي ڏينهن گذرڻ ۾ دير ئي نه ٿي جو رضيه جي شادي ۾ وڃي هڪ ڏينهن بچيو پر علي حسن سان ملاقات ڪا نه ٿيس. اڄ شام گهوٽيتا اچڻا هئا پر رضيه ان جي ڪنوار ٽيٽ جي روپ ۾ نه هئي روئي روئي علي حسن لاءِ بي حال ٿي وئي هئي نيٺ ڪو به چارو نه ڏسي زهر پي ويئي، اها خبر تڏهن پئي، جڏهن ڄڃ سندن گهر پهتي ته هت ڪنوار نه بلڪ گهر ۾ لاش پيل هو اها خبر جڏهن علي حسن کي پئي ته هن برداشت نه ڪندي پاڻ تي پسٽل جا فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، هڪ ئي ڳوٺ ۾ به وڪريل وجود پيا هئا ۽ سڄو ڳوٺ سڪتي ۾ ورتل هو.

*(هي ڪهاڻي پهرين جون 2008 تي روزاني خبرون اخبار جي ادبي صفحي ۾ ڇپي وئي)*

# ڌرتيءَ خاطر سرتيءَ سان جهيڙو

مون ٻڌو آهي تہ تو هاڻي ڪائڻ پيئڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي، گهر وارن سان تون روز جهيڙو ڪرين ٿي، مون کي حاصل ڪرڻ لاءِ تون هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهين، پيرن تي پوتي وجهڻ تائين تو سڀ ڪوششون ڪري ڏٺيون آهن پر هو نٿا مڙن، هنن کي پنهنجي انا پياري آهي ۽ توکي مان.... ۽ مون کي....؟ تو تہ ڪڏهن اهو بہ نہ ڄاتو تہ مون کي ڪنهن سان پيار آهي؟ ۽ اڄ جڏهن مون کي فيصلو ڪرڻو پيو آهي تڏهن مان پاڻ کان هر هر اهو سوال ڪندو رهيو آهيان تہ مون کي ڪنهن سان پيار آهي؟ تو سان ؟ ها پر رڳو توسان تہ ناهي هي ڌرتي....هيءَ قوم....هن پوڙهءِ لاءِ بهتر مستقبل جا خواب.... انهن جو ڇا ٿيندو...؟ مان سوچيان ٿو....تون منهنجي محبت جي شروعات آهين....۽ انت هي ڌرتي آهي مان تنهنجو درد سمجهان ٿو شل ايئن تون منهنجو مقصد سمجهي سگهين...اسان ٻنهي جو ميل هن سماجي سرشتي جي نہ تہ هار آهي ۽ نہ وري ڪو انقلاب ...ايئن هجي تہ تو ۽ مون کان اڳ ڪيترائي پريمي جوڙا مختلف مرحلا طئہ ڪري هلي چڪا آهن پر ان باوجود بہ سماج ساڳي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل آهي مان سمجهان ٿو تہ ان جو حل اسان جي ملڻ ۾ ناهي رکيو هنن ذهنن تي حڪومت ڪندڙ هي جاگيرداراڻي مزاج جو اصل ڪارڻ غلام ڪرڻ آهي.

غلامي سماجي برائين، ناڪارا روايتن ۽ بيمار ذهنن لاءِ وبا آهي اهو سچ آهي تہ محبت ڪندڙ پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ وقت جي طاقتن آڏو ٽڪر ٽي بيهندا آهن پر پياري تون ڄاڻين ٿي تہ منهنجي اکين هن قوم جي اڄپي ۽ خوشحالي جا سپنا ڏٺا آهن ڇا تون چاهيندينءَ تہ مان صرف توکي حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنجو پيار پائڻ لاءِ پنهنجن آدرشن تان هٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿان؟... سياڻي آئيندو طعنا ٻڌجي اسان جون اکيون جهڪائي ڇڏيندو مان پنهنجي سٽ ۾ پاڙيو سمجهيو ويندس. هي ڌرتي جنهن جي هر تخليق سان مون پيار ڪيو آهي ان لاءِ جنگ جوٽي آهي سا مونکي ڌڪاريندي پنهنجو نہ ڪندي...هي بي غرض محبتون جيڪي منهنجون محافظ رهيون آهن جن جو ظاهري ۽ دنياوي مون سان ڪو تعلق بہ نہ هو سي مون ڏانهن واجهائين ٿيون. انهن جي چهري تي ويساهہ جي جيڪا مرڪ ٽڙي آهي ڇا انهن کان اهي سمورا خواب ويساهہ ۽ مرڪون موٽائي وٺان....؟

مان هر طاقت سان ٽڪرائي سگهان ٿو حوصلو اٿم پنهنجي جواني جو فڪر ڪونهي بس تاريخ کان ڊڄان ٿو. مان موقعي پرستن مفاد پرستن ۽ ذاتي جنگ وڙهندڙن جي قطار ۾ بيهڻ نٿو چاهيان..مان تہ تو تي ڪا بہ ميار نٿو رکان..... دل تي پٿر رک...اکيون بند ڪر...ڪنن کي بند رک.....زبان تي تالو هڻي ڇڏ..... ڇو تہ هي ڪا نئين ڳالهہ ناهي غلام سماج ۾ محبتون پنهنجي منطقي انجام تي ناهن پهچنديون انهن جو انت وڇوڙو آهي اهي سدائين ڪهاڙين جي ڇانو ۾ پلجنديون آهن اهي جيترو وقت بہ هلي سگهن اها سندن خوشقسمتي آهي تون سوچيندي هوندينءَ تہ اهو سڀ ڪجهہ اسان کي اڳ ۾ سوچڻ کپندو هو ها مون سوچيو هو پر بهتر اميدون رکڻ گهرجن سٺا خواب ڏسڻ گهرجن.. نااميد نہ ٿيڻ گهرجي جيستائين ٿي سگهي ڪوشش ڪرڻ گهرجي پر جڏهن ڳالهہ انتها تي پهچي.. ۽ فيصلو ڪرڻو چاهيندينءَ اتي جلد بازي ۽ اُپهرائپ منجهان ڪا چونڊ نہ ڪرڻ گهرجي اتي ٿڌي دل سان حالتن جو جائزو ڪري پاڻ تي ايندڙ ذميوارين ۽ حالتن تي سوچڻ گهرجي، رڳو پنهنجي لاءِ نہ سوچجي پر ٻيا جيڪي اوهان سان پيار ڪن ٿا. اوهان تي ويساهہ رکن ٿا. اوهان جي ئي هڪ اشاري تي قربان ٿيڻ لاءِ تيار ويٺا آهن انهن لاءِ سوچڻ گهرجي...هڪ سچ ٻڌايانءِ؟ تون مون کي ڏاڍي پياري آهين.....پر هر شيءِ کان وڌيڪ پياري ناهين...ڇو تہ منهنجي آس پاس منهنجون پينرون آهن. جن جي اکين ۾ تو جهڙا خواب هوندا. منهنجي ماءُ جنهن جون اکيون خواب ڏسي ٿڪجي پيون آهن انتظار جنهن جي اکين ۾ موتئي جو پاڻي اچي ويو آهي منهنجو خاندان جنهن جي بهتر مستقبل جي ذميواري مون تي رکيل آهي منهنجا دوست جيڪي منهنجو سرمايو آهن اهي هڪ اهڙو ادارو آهن جتان مون کي ساڃاهہ ملي ٿي مان پنهنجي ذاتي جنگ وڙهان تہ سهي پر انهن سمورين بي غرض محبتن کي ڪنهن جي آسري ڇڏي ڏيان؟ مان چاهيان ٿو تہ تون اهو ئي جبر نہ چاهيندي بہ برداشت ڪر... منهنجي ڪري...جيئن قتل سان ڪنهن کي ماري نٿو سگهجي جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪي ماري بہ هارائي نٿو سگهجي ۽ ايئن تون ۽ مان هڪ ٻئي کان ڌار نٿا ٿي سگهون....مان توسان گڏ رهڻو آهيان گڏ رهندس....ڌار ٿيندي بہ تون مون ڪي صبح شام پاڻ سان گڏ پائيندينءَ هو سج جو گولو.. نيرو آڪاش....نٽهڻ اس... هو گهاٽو وڻ...مٺي لات لونڊڙ پکي...ڪاري رات...هو چنڊ...هي معصوم ٻار....هي جوانيون ۽ جو قيد ڪاٽيندڙ جيون...هي سڀ منهنجا روپ اٿئي...اداس ٿين تہ ڀٽائي جو رسالو کولي پڙهجان...هر بيت ۾ منهنجي دل جي ڳالهہ هوندئي تون منهنجا خط فوٽو هر شيءِ سنڀالي رکجان پاڻ ٻئي هن ئي جنم ۾ ملنداسين چو تہ فتح هميشہ صبروارن جي ٿيندي آهي.

توکي اها پڪ هجڻ کپي تہ هيءَ منهنجي ڌرتي، هي منهنجا مارون، هي منهنجا مزدور، پورهيت ۽ هاري ۽ آئون هيءَ جيڪا آزاديءَ جي جيڪا جنگ وڙهي رهيا آهيون هڪ ڏينهن نيٺ هن جنگ ۾ اسين ئي سوڀارا ٿينداسين جنهن ڏينهن پنهنجو ديس آزاد ٿيو.

ان ڏينهن کان پوءِ پاڻ ڪڏهن نہ وڇڙنداسين.

*(هي مضمون 3 ڊسمبر 2009 تي روزاني ڪوشش اخبار حيدرآباد ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جو دادلو شاعر ارڏو اترادي

شاعر ڌرتي ۽ قوم جا سفير هوندا آهن جيڪي هر ڏکي موڙ تي پنهنجي ديس واسين ماروئڙن جي رهنمائي ڪندا آهن شاعر پنهنجي شاعري ۾ لفظن جي جوت سان ماڻهن جا ذهن روشن ڪندا آهن شاعري جي سفر ۾ شاعرن جو وڏو هڪ قافلو روان آهي انهن ۾ اهڙا شاعر تمام ٿورڙا ئي ۾ ملندا. جن لفظن ۾ جان اوتي، لفظن کي امرتا بخشي هجي.
جهڙوڪ: شيخ اياز، استاد بخاري، نارائڻ شيام شمشير، امداد حسيني، طالب المولي، تاجل بيوس، تاج بلوچ، سرويچ، حليم باغي، سرڪش سنڌي وغيره جن جي شاعري ۾ فڪر ۽ فن جو حسين سنگم آهي ان کان سواءِ سنڌ اندر نئين ٽهي جي شاعرن جي الڳ فهرست آهي جيڪي هن وقت سنڌ جو ڪيس وڙهن پيا جن ۾ ساحر راهو، حسن درس، ايوب کوسو، حنيف عاطر، رزاق بروهي، وسيم سومرو، وفا پرڙو، مير عبدالرسول مير ۽ ٻيا آهن جن هر موڙ تي سنڌ جي ڳالهه ڪئي آهي شاعر قومن جو سرمايو ٿيندا آهن. انهن مان هڪڙو ڪردار ارڏو اترادي به آهي سندس شاعري پڙهندي عجيب قرار ايندو آهي. هو پنهنجي ڌرتي سان سچو آهي سندس چوڻ آهي ته (مون پنهنجي اردگرد ۽ اندر جي انهن ۽ ڌرتي جي دردن کي شاعري ذريعي سٽن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي سندس شعر آهي ته:

فرد سان محبت ڪرڻ جو هي زمانو ناهي يار
عام لاءِ آ شعر منهنجو هڪ نشانو ناهي يار
هاڻي عاجز تي ارڏو لهه اچي ميدان ۾
قوم سان محبت ڪرڻ ڪو فسانو ناهي يار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪڍ هئا، خود منهنجي مڙس جي پيءُ کي اها ڳالهه پسند نه هئي. اسان مجبور ٿي ڳوٺ کي ڇڏي اچي شهر وسايو سي ۽ اسان گڏ جيئڻ مرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيوسي هن ٻڌايو ته منهنجو مڙس سئي گئس جي سئي نوڪري ۾ هيو ان وقت پهريان پندرهن سال سڪون ۾ آرام سان گذريا مون کي ٻه ڌيئر ۽ هڪ پٽ جي اولاد ٿي پر منهنجي مڙس کي حڪومت ڊائون سائيزنگ اسڪيم هيٺ ڪڍي ڇڏيو. ان ڪري هو تمام پريشان رهندو هو اوچتو هڪ ڏينهن هن کي دل جو دورو پيو سو هن جهان مان هليو ويو ايئن چئي ماسي روئڻ ۾ پئجي وئي آءُ ٻه لڙڪ روڪي نه سگهيس آءُ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس ته ڪاش اگر حڪومتي ڪامورا نندڙي شبانا جي پيءُ کي نوڪري مان نه ڪڍن ها ته اڄ هن جون حسرتون ۽ خواب پورا ٿين ها پر مان نندڙي شبانا کي اڃان ٻه ناهيان وساري سگهيو، جيڪا منهنجي نندڙي عمران کي اسڪول ويندي ڏٺو ته نيڻن ۾ حسرت پر جي آئي ڏسندي ڏسندي روئي پئي ۽ ماءُ کي چيائين امان مان ٻه اسڪول ويندس يونيفارم پائي ڪتاب کڻي، سندس ماءُ پهريان ته پيار مان سمجهايس پر هو نه مڙي آخر ۾ چماٽ هڻي ڪڍيائين. ڪيتري دير تائين معصوم ٻارڙي سڏڪندي رهي، مان حيران ٿي ويس ته نندڙي ڇهن سالن جي ٻارڙي ۾ ڪيس پڙهائي جو ايڏو شوق مون سڏي پاڻ وٽ ويهارو ۽ پيار ڏنيو، سڏڪندي چيائين مان اسڪول ضرور ويندس مان چيو مانس ها تون اسڪول ضرور، مان تو کي پڙهائيندس سندس معصوم اکين ۾ اميدن جي چمڪ نظر آئي، نندڙي شبانا جي ماءُ وانگي ٻهراڙي جون ڪيئي عورتون گهرو مسئلن کي منهن ڏين ٿيون ۽ پاڻ سان دردن جو داستان ڪنيون پيون هلن. آءُ ماسي صفوران کي دلاسو ڏيندي چيو ته ماسي اڄ کانپوءِ تون ڪنهن ٻئي گهر ۾ ڪم نه ڪندي ڪر آئون تو کي مڪمل پگهار ٻه ڏيندس ۽ تنهنجا ٻارڙا ٻه اسڪول پڙهائيندس، ماسي صفوران جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ چوڻ لڳي ته پٽ الله شل حياتيون ڏيئي سدا خوش هوندين، نندڙي شبانا روز اسڪول ويندي ڏسي منهنجي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا هئا ته دل ۾ چوندو هوس ته ڪاش اڄ نندڙي شبانا جو پيءُ زنده هجي ها ته هن کي اسڪول ويندي ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿئي ها.

# نجومين ۾ واڌ مايوس طبقو

اڄڪلهہ تہ شهر توڙي ٻهراڙي ۾ هر ماڻهو پنهنجي قسمت جو حال ڄاڻڻ لاءِ بيتاب رهندو آهي، حالانڪ غيب جو علم الله تعاليٰ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ۽ اهل الله کان سواءِ ڪنهن کي بہ ناهي هوندو پوءِ ڪمزور عقيدي ۽ فطري تجسس جي ڪري انسان مستقبل جو حال ڄاڻڻ چاهي ٿو ان انساني ڪمزوري مان نجومي ۽ عامل فائدو حاصل ڪن ٿا. اهي نجومي سنڌ ۾ ڪجهہ تيزي سان پکڙجي ويا آهن. پنجاب ۽ بنگال کان آيل اهي نجومي سنڌ جي ابوجهہ ماڻهن کي بيوقوف ڪري پيسا ڪمائڻ جو طريقو اختيار ڪري ويٺا آهن جنهن سبب ماڻهن ۾ غير يقيني واري صورتحال ۽ مذهب کان پري رهڻ جو اهم سبب فالتو نجومي آهن فلمن ۽ ڊرامن ان نجومين جي ڪاروبار ۾ اضافو ڪيو آهي ڇو تہ اڄڪلهہ جا نوجوان اڪثر ڪري پنهنجن محبوبن دوستن اڳيان فلمي ڊائلاگ استعمال ڪندي ڏٺا ويا آهن. اها صرف هڪ فيلمي جي ڪهاڻي ناهي ملڪ ۾ روزانو تقريبن هزارين ماڻهن سان اهڙا هٿرادو نجومي علم غيب جو ڍونگ ڪري بيوقوف ڪن ٿا. جيڪڏهن فال ڪيڻ ڪارو علم، علم جفر جي عاملن کي علم غيب بابت ڄاڻ هجي ها تہ اهي فٽ پاٿن تي ويهي ڪري طوطن ذريعي پيٽ پالڻ تي مجبور نہ هجن ها ڪيڏي نہ عجيب قسم جي ڳالهہ آهي جو ان عجيب قسم جي ڪاروبار ۾ عاملن وٽ وڃڻ وارن جو تعداد لکن ماڻهن ۾ شمار ٿئي ٿو. ڪافي اهڙا بہ عامل آهن جن جي باقاعده 5 کان ويهن هزارن تائين بہ في مقرر آهي اهڙا عامل اڪثر ڪري ڪراچي، لاهور، ملتان ۽ حيدرآباد واسين ڪروڙ پتين کي چٽيون چاڙهيندا آهن. پر فيس وٺڻ کانپوءِ ڪم ٿيڻ يا نہ ٿيڻ جي ڪا ذميواري ناهي هوندي پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ پوءِ بہ ماڻهن کي اهڙن عاملن کان ڪا بہ شڪايت ناهي پر ڪي ماڻهو ڪٽ ڪنهن دڪان

ڪان ننڍڙي شيءِ وٺڻ جي بہ گارنٽي ونندا آهن پر انهن عاملن کان ڪم نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ڪو پئسو واپس ڪرڻ وارو بہ ناهي.

اڄڪلهہ تہ شادي مرادي يا نئون ڪم ڪولڻ لاءِ عاملن سان ماڻهو ملڻ لازمي سمجهن ٿا. اهي نڳ نجومي ستارن جي هلچل سان انهن عورتن کي شادي جا سٺا حال احوال ڏيئي خوش ڪندا آهن انهن نجومين جي هڪ جڳهہ تہ مخصوص ناهي ڪڏهن ڪهڙي چوڪ تي ڪهڙي روپ ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي چوڪ تي ٻئي روپ ۾ ڏٺا ويندا آهن پاڪستان جهڙي اسلامي ملڪ ۾ ڪوبہ واضع قانون نہ هجڻ ڪري. اهي ڳرين فيسن عيوض ماڻهن جا جائز توڙي ناجائز ڪم ڪن ٿا. حالانڪ انهن ماهر عاملن جو تعداد تمام گهٽ آهي، پر انهن جي آڙ ۾ هٿ ٺوڪيل نجومي وقت جو فائدو وٺي ڪري غريب طبقي جا جهڳا ناس ڪري رهيا آهن انهن جادوگرن جڻ ان عمل کي پنهنجي ڪاروبار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهي عامل قرآني آيتن جو غلط استعمال ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ تعويذ ڏيندا آهن جن تي ڪجهہ قرآني آيتون بہ لکيل هونديون آهن. اهوجهہ ويچارا ائين سمجهندا آهن تہ هي نوري علم ذريعي ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ هاڻ ان ڪاروبار ۾ پڙهيل لکيل شامل ٿي ويا آهن ان ڪاروبار کي بہ تمام گهڻو ڪمائي وارو ڪاروبار ثاهي ڇڏيو آهي ڳالهيون تقريبن هڪ جهڙيون هونديون آهن پر فرق صرف فٽپاٿ تي ويهڻ ۽ عاليشان آفيس ۾ ويهڻ جو هوندو آهي هن وقت پاڪستان ۾ فٽپاٿن تي ڪم ڪرڻ وارن نجومين، زائچو ڪيڻ وارن ۽ فال ڪيڻ وارن جو تعداد تقريبن 70 هزار کان وڌيڪ آهي اهي ماڻهو ان طريقي سان پنهنجو روزگار ڪري رهيا آهن پر اصل ۾ انهن نجومين جي وڌندڙ ڪاروبار جو اصل سبب ماڻهن جا وڌندڙ مسئلا آهن. اڄڪلهہ عام ماڻهو جي زندگي بي يقيني جو شڪار ٿي آهي معاشري ۾ تمام گهڻو بگاڙ اچي ويو آهي. اڪثر ماڻهو ڏينهن رات محنت ڪرڻ کان پوءِ بہ زندگي جون آسائشون حاصل نٿو ڪري سگهي، جڏهن تہ ڪجهہ ماڻهو شاٽ ڪٽ ذريعي تمام گهڻي دولت ڪمائڻ چاهيندا آهن. معاشي اٿرابري جي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪنهن معجزي جو انتظار آهي ۽ ان سبب ڪري انهن نجومين جو ڪاروبار هلي رهيو آهي نجومين جي آسرن ذريعي زندگي جو سفر طئي ڪندڙ ماڻهو روزگار جي آسري تي زندگي بسر ڪري رهيا آهن.

جڏهن حڪومت انهن نام نهاد عاملن ۽ نجومين کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ غريب طبقي جي زندگي ڏاڍي ڏکي ۽ ڊپريشن واري حالت ۾ گذرندي آهي جو تہ نجومي آسائشن جا خواب ڏيکاري انهن غريبن جا گهر

ٻوهاري ڇڏين ٿا ان لاءِ حڪومت کي گھرجي تہ اھڙن ھٿ ٺوڪين نجومين خلاف سخت ڪاروائي ڪري. جيئن غريب طبقو، اھڙن عاملن جي بليڪ ملينگ کان بچي سگھي ٻي صورت ۾ ھڪ تہ حڪومت عوام ڪي روزگار جا مڪمل انتظام نہ ڪري مايوس ڪيو آھي ٻيو وري نجومين ھٿان پاڻ ڦرائي ويھن ٿا. اھڙي طرح خودڪشين ۾ ڏوھن جي دنيا ۾ روز بروز واڌ ٿيندي پئي وڃي. جنھن جو ذميوار عوام حڪومت کي سمجھي ٿو ان لاءِ منھنجي اعليٰ عملدارن کي گذارش آھن تہ اھڙن ٺڳ نجومين خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي جيئن عوام انھن جي بليڪ ميلنگ کان بچي سگھي۽ وھمن جي آزار کان ماڻھوءَ کي ڇوٽڪارو ملي پوي.

*(ھي مضمون 27 نومبر 2006 تي روزاني سڪار ڪراچي ۾ ڇپيو)*

# درد جي ڪٿا

اڄ آچر موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري ڪاليج ڪان موڪل هئي، شام جي پهر آءُ پنهنجي دوست عطاء محمد ۽ مراد منل سان گڏ گهمندي گهمندي شهر جي هڪ سٺي هوٽل تي وڃي ريناسون جتي محبت جي موضوع تي پئي گفتگو ڪئي سين تہ منهنجي نظر اوچتو هڪ فقيرياڻي تي پئي جيڪا اسان ڪان پر پرو هڪ وڏن شهپرن واري ڪان وڃي خير گهريو ان همراهہ خيرات ڏيڻ بجاءِ فقيرياڻي کي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي تہ فقيرياڻي وري ٻئي همراهہ ڏي وئي تہ ان بہ ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي تہ نهنجي ستل جذبن جوش ڪاڙو آءُ همراهہ سان وڙهڻ لاءِ اٿيس پر عطاء محمد مونکي روڪيو، فقيرياڻي ڏسڻ ۾ تمام سهڻي هئي منهنجي دل ۾ فقيرياڻي سان همدردي لاءِ جنون پيدا ٿيو ۽ پنڻ بابت ڪجهہ پڇانس، هو جڏهن اسان وٽ آئي تہ خير ڏيڻ ڪان اڳ ۾ انهي ڪان پڇڻ لڳس تہ تون هن ننڍڙي عمر ۾ ڇو پئي پنين منهنجي انهي سوال پڇڻ تي فقيرياڻي منجهي وئي، اڪين ۾ لڙڪ تري آيس خيرات وٺڻ بنا وڃڻ لڳي تہ آءُ وري بہ پڇڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن ٿڌو ساهہ ڀري چوڻ لڳي تہ ٺيڪ آ نوجوان اگر تون ٻڌڻ چاهين ٿو تہ ٻڌ ٺيڪ 20 سال اڳ آءُ هڪ سٺي خاندان جي عورت هيس......

منهنجي والد کي هڪ ڀاءُ بہ هيو جنهن کي افضل نالي پٽ هيو، هڪ ڏينهن منهنجي چاچي رئيس دائم خان کي دل جو دورو پيو ۽ هو اسان ڪان هميشہ هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. بابا سائين کي اهو وڏو صدمو رسيو ان وقت آءُ بہ ستون درجو پڙهي رهي هيس وڏيڪ پڙهڻ نہ پئي

چاهيم چو تہ ان وقت اسان جي مالي حالت صحيح ڪو نہ هئي آءُ نندي لاءِ ڪان وٺي معشوق سان پيار ڪندي هيس هن جو هن جهان ۾ ڪير بہ نہ هيو، هو هن جهان ۾ اڪيلو هيو هڪ نهايت سلڇڻو ڇوڪرو هو، هو اسان جي گهر ۾ ڪم ڪار ڪندو هو ائين سمجهو تہ هو اسان جو نوڪر هيو هو بابا کي بہ گهڻو پسند هو پر اسين هڪ ٻئي سان ايتري تہ محبت ڪندا هئاسين جو هڪ پل پري رهي نہ سگهندا هئاسين. آءُ نندي لاءِ ڪان وٺي پنهنجي سوٽ افضل نالي هيس پر مونکي بلڪل پسند نہ هيو، هڪ ڏينهن اسان جي محبت جي خبر جڏهن افضل کي پئي تہ هو سڙي خاڪ ٿي ويو افضل هڪ لوفر ۽ سخت مزاج شخص هيو مون کي تہ اصل ان جي نالي سان سخت نفرت هوندي هئي. هڪ ڏينهن هن بابا کان منهنجو سڱ گهريو پر بابا صاف انڪار ڪيو تہ تون گهر ۾ رهين بہ نٿو توکي شادي ڪيئن ڪرايان، اگر لوفرن سان گهمڻ ۽ شراب پيئڻ بند ڪندين...

تہ پوءِ ڪو ڪم ڪار ڌندو وغيره ڪرين تہ توکي شادي ڪرائيندس نہ تہ انهي حال ۾ مان توکي پنهنجي ڌيءَ نہ ڏيندس افضل دل ئي دل ۾ اسان کان انتقام وٺڻ جو فيصلو ڪري، ورتو، هڪ رات اسين گهري ننڊ ۾ ستل هئاسين اوچتو افضل هٿيار بند ساٿين سان اسانجي گهر ۾ داخل ٿيو پنهنجي اکين جي اڳيان منهنجي ماءُ پيءُ کي قتل ڪري مون کي زوري اغوا ڪيائون هر روز مونکي تشدد ڪندا هئا. آخر هڪ ڏينهن افضل مون کي جهڳ ۾ جيئڻ جهڙو نہ ڇڏيو آءُ خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويس نيٺ هڪ ڏينهن اتان لڪي ڪري ڀڄي آيس، پنهنجو ويران گهر ڪائڻ پئي آيو آءُ بي سهارن جيان ڀٽڪي رهي هيس بابا جي قتل ۽ منهنجي اغوا کان پوءِ معشوق بہ الائي ڪاڏي هليو ويو، آءُ ڳولي نيٺ وڃي معشوق کي هٿ ڪيو ۽ ان سان شادي ڪري ڇڏيم، پر افضل اتي بہ مونکي نہ ڇڏيو هڪ رات هن اسان جي گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪري منهنجي ننڍڙي ٻن سالن جي سجاد کي شهيد ڪري ڇڏيو، اجان منهنجا اڳيان ڦٿ ٿي نہ چڻا هئا جو مٿان وري منهنجي جگر جو ٽڪرو مون کان کسيو ويو بعد ۾ ان شهر کي ڇڏي اچي اسين هن شهر ۾ ويناسين، معشوق اڪثر ڪري بيمار رهندو هو..

هن کي ننڍڙي سجاد جي اڻ مدائتي موت جهوري ڇڏيو هو، هڪ ڏينهن منجهند ٻارهين بجي معشوق کي دل جو دورو پيو آءَ جا ي ۾ اسپتال ڪٽائي ويس پر منهنجو آخري سهارو بہ مونکي اڪيلو ڇڏي ويو. منهنجا سڀ آسرا ختم ٿي ويا دل پئي چيو تہ خودڪشي ڪيان پر سوچيم خودڪشي حرام آهي جيئڻ جو حوصلو رکي ڪري آءُ رئيس مير هزار خان جي حويلي ۾ ڪم ڪار ڪرڻ لڳس، هڪ ڏينهن جيئن آءُ حويلي ۾

ڪم ڪرڻ پهتس تہ خبر پئي رئسياڻي ڪنهن شادي تي ويل هئي آءُ ٻن ڪمرن جي صفائي ڪري رئيس جي ڪمري ۾ صفائي جي لاءِ داخل ٿيس تہ رئيس مونکي گهوري ڏسڻ لڳو رئيس ڏسندي ڏسندي ڪمري مان ٻاهر نڪري جلدي ۾ واپس ٿيو اچڻ شرط دروازو لاڪ ڪري مون طرف وڌيو، آءُ هيسل هرڻي جيان ڪمري ۾ ڀڄڻ لڳس رئيس مير هزار ڪي ڪوڙ ايلاز منٿون ڪيم پر هن هڪ بہ نہ ٻڌي منهنجي عزت پائمال ڪئي، آءُ زندگي کان بيزار ٿي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر خدا ترس ماڻهن روڪيو هينئر آئون پنکيل مسافرن وانگر جيان پئي ، مان رئيس جي حويلي ۾ ڪم ڪرڻ بدران پنڻ کي پسند ڪيو ڇڏهن اسان جي هڙئي سهارا ڪسجي ويندا آهن تہ پوءِ ماڻهو اهڙو رستو اختيار ڪندو آهي شايد خدا جي اها ئي مرضي آهي الله پاڪ جي رضا تي راضي آهيان...

آخر ۾ ڪيس صلاح ڏيندي چيم اهو تہ تو سڀ سٺو ڪيو هاڻي اهو ئي بهتر ٿيندو تہ ڪنهن سان شادي ڪري ڇڏ پنڻ بہ ڪو سٺو عمل ڪونهي.

# اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا

پر پنجوءَ ويهي ڪيهي ڪندين ڳالهڙيون
ڄاڃي ماڃي موٽي ويا ور وني ڏيئي
خبر ڪا نہ پيئي تہ ڏاڄ ڏنائون ڪيترو

دنيا سفر آهي. انسان اڄ هت تہ سڀاڻي ڪو نہ هوندو، ٿورن ڏينهن جي حياتي لاءِ انسان هت ڇا ڇا نٿو ڪري، پنهنجي حياتي جي هر هڪ پل کي آرامده بڻائڻ لاءِ ڇا ڇا نٿو سوچي، پوءِ جڏهن موت جو وقت اچي ٿو تہ سڀني شين کي ڇڏي ڪيس هٿين خالي جهان ڇڏڻو ٿو پوي. آخري سفر ۾ ڪيس چار پنج وال ڪپڙو ڪفن جو ۽ سندس آرامگاهہ لاءِ بہ اڍائي وال هر چورس زمين نصيب ٿئي ٿي، آخر لاءِ اهو ڪجهہ ڪٺي وڃي ٿو جيڪو هن دنيا ۾ هو ڪري ٿو سٺي عمل کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪم ناهي ايندو هاءِ حياتي.

دنيا ۾ انسان پيدا ٿيڻ کان وٺي مرڻ تائين اهو موت ۽ حياتي جو سلسلو جاري آهي. روزانو دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو مرن ٿا ۽ ڪيترائي نوان ٻا پيدا ٿيندا رهن ٿا. آبادي جو سلسلو جاري آهي ۽ ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين هي جهان قائم آهي.

موت تہ بر حق آهي ۽ ان کان ڪنهن کي بہ انڪار ڪونهي، اهو احساس مون کي تڏهن ٿيو جڏهن 02-09-2010 تي پياري دوست بجار جان ڊول فون تي عبدالوهاب پهوڙ جي فوت ٿيڻ جو اطلاع ڏنو، يقين ڪريو ان ويل آئون جهري پيو هوس، ڇو تہ عبدالوهاب پهوڙ منهنجو پيارو دوست ۽ هڪ ڪرو انسان هو هميشہ سچ ڳالهائيندڙ منڙو ماڻهو هو. عبدالوهاب پهوڙ پنهنجي مختصر زندگي جي 30 بهارن ۾ سٺا دوست ناهيا هئا، سٺا دوست سندس ڪمزوري هوندا هئا. هو سٺن دوستن جي ساٿ ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ اصل ٽڙي پوندو هو ۽ مرڪ سندس چهن

تان لهندي ئي ڪو نہ هيس. جڏهن تہ آءُ نماڻو نوناري حفيظ سومرو جونگل شهر ملڻ ويندا هئاسون تہ ڏاڍو خوش ٿيندو هو. اصل ڪپڙن ۾ نہ ماپندو هو، شروع شروع ۾ جڏهن منهنجي هن سان ٿل جي هڪ نيوز پيپر جي آفيس ۾ واقفيت ٿي هئي تہ ان وقت مون کي اهو اندازو ئي ڪو نہ هو تہ هي پيار محبت حساس دل جو مالڪ سيني جو دوست انسانيت سان پيار ڪندڙ هڪ سٺو صحافي ٿي جلدي سڄ جيان اڀري ايندو، تمام ٿورڙي عرصي ۾ هن بيباڪ جرئتمند ۽ سنڌ دوست صحافي ٿي ڏيکاريو. هن هميشہ غريبن مظلومن، بيوس، يتيمن جو آواز ايوانن تائين پهچايو.

يقين ڪريو مون هن دور ۾ جتي رڳو لالچ ۽ لوڀ هجي جتي صحافين جا ڪئي روپ هجن اتي عبدالوهاب پهوڙ جي شخصيت مون کي ڪير جيان پاڪ ۽ صاف لڳندي هئي، جو تہ هن ۾ منافقت ڪا نہ هئي. هر ڪنهن سان ڪلي ڪيڪاري ملندڙ عبدالوهاب جو دامن هميشہ پاڪ رهيو. پاڻ 1980-03-01 تي چاچي سينڌل خان پهوڙ جي گهر ۾ جنم ورتو هو. چاچي سينڌل هن جي سٺي پرورش ڪئي اعليٰ تعليم ڏياري ۽ صحافتي ڪردار ۾ پڻ ساٿاري رهيو پر چوندا آهن تہ سٺن ماڻهن جي حياتي تمام گهٽ هوندي آهي. ايئن اسان جو يار هيپاٽائيٽس سي ۽ بي جهڙن موضي مرضن جي ور چڙهي ويو. چاچي سينڌل خان ۽ ننڍي ڀاءُ عبدالقادر وسان ڪو نہ گهٽايو پر سنڌس دوستي جي ناتي تحت نماڻي نوناري بہ گهٽ ڪو نہ ڪئي، جنهن هن سان ٿل ڪان وٺي ڪراچي حيدرآباد ۽ اسلام آباد تائين ساٿ نڀايو. پر سائين ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. جيئن رب جي رضا ٿئي ايئن اسان ڪان پيارو دوست يارن جو يار عبدالوهاب پهوڙ وڇڙي ويو.

اڄ يقينن هو اسان جي ساٿ ۾ تہ ناهي رهيو پر هن جون يادون اڄ بہ اسان سان گڏ آهن ۽ هو اڄ بہ عبدالقادر جي روپ ۾ اسان سان گڏ آهي. لطيف سرڪار فرمائي ٿو تہ:

عاشق زهر پياڪ وهہ ڏسي وهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا هو هميشہ هيراڪ
لڳن لئون لطيف چئي فنا ٿيا فيراق
توڙي چڪنن چاڪ تہ بہ آهہ نہ سلن عام سين

عبدالوهاب پهوڙ بہ زندگي ۾ ڪيئي تڪليفون سٺيون، موتمار ڌمڪيون مليس پر هن سامراجي قوتن اڳيان هار نہ مڃي. هن ذهن ۽ ضمير جي زنده هجڻ جو ثبوت ڏنو غيرتمند صحافي ۽ ڌرتي ماتا جي پٽ هجڻ جو ثبوت ڏنو اهو ئي سبب آهي جو ڪيئي سال گذرڻ باوجود بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين هن کي نه وساري سگهيا آهيون. پر هن کي اڄ به جونگل شهر جي زرخيز مٽي ڏاڍو ساري پئي. گهر ڀاتين مٿن مائٽن سميت ٽل جي دوستن کي اڄ به وهاب جي ڏاڍي سڪ لڳندي آهي جيئن لطيف سائين فرمايو آهي ته:

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين
جيڪي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

*(هي مقالو مرحوم عبدالوهاب پهوڙ جي پهرين ورسي جي موقعي تي پڙهيو ويو.2011-02-02)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غربت جي سزا

ڪاٽن جا ڪپڙا پائڻ منهنجو شوق هيو جڏهن آءُ اسڪول کي الوداع چئي ڪاليج ۾ داخلا ورتي هيم، پڙهڻ جو مون کي ڏاڍو شوق هيو منهنجي خواهش هئي تہ ڪميشن پاس ڪري وڏو آفيسر ٿيان. ڪاليج ۾ منهنجا ٻہ دوست سرمد ۽ آڪاش هئا اسان جي دوستي سڄي ڪاليج ۾ مشهور هئي اسين ٽئي دوست پڙهڻ ۾ ڏاڍا هوشيار هئاسين. پر مون کي بابا ڪميشن پاس ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي هڪ پرائيوٽ ڪلينڪ ۾ ڊاڪٽري جي ڪورس ڪرڻ لاءِ ويهاريو. آءُ مجبورن بابا جي خواهش مطابق هڪ مشهور ڊاڪٽر وٽ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو دوستن کان سواءِ مزو بہ نہ پئي آيو پر بابا جي خواهش اڳيان مجبور هيم، پوءِ منهنجو اڪثر ڳوٺ وڃڻ نہ ٿيندو هو. ايتري ۾ پورا چار سال ٿي ويا. ايتري وقت تائين آءُ ڳوٺ جي حال احوال کان نہ واقف رهيس  جو تہ اسان جو ڳوٺ شهر کان تمام پري سرحدي پٽي تي واقع آهي.

اڄ مون کي پنهنجي سوٽ جي شادي جو ڪارڊ اچي مليو وڃڻ ضروري سمجهيم، آءُ جڏهن شهر کان ڳوٺ پهتس تہ دل ۾ خيال ٿيو. شادي سڀاڻي آهي جو نہ اڄ سرمد سان ملي اچان آءُ جڏهن سرمد جي گهر پهتس تہ هن جي پوڙهي ماءُ نڪري آئي مون هن کان سرمد جي پڇا ڪئي تہ هن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مون پڇيو مانس ڏي خبر امان سرمد جي تہ سرمد جي امڙ ٿڌو ساهہ کڻي چيو بس ڙي اَبا پڇا نہ ڪر تون جڏهن کان شهر ڇڏي ويو آهين منهنجي ٻچڙي کي الائي ڇا ٿي ويو آهي. ايتري ۾ آڪاش بہ اچي ويو منهنجي پڇڻ تي هن مون کي پيرائتي خبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائيندي چيو تہ يار حاڪم توڪي تہ خبر آهي پاڻ واري ڪاليج ۾ وڏيري انور خان جي ڌي شبنم پڙهندي هئي سرمد کي ان جي نازن ادائن موهي وڌو هو هن کي دل ئي دل ۾ چاهڻ لڳو هو صفا محبت ۾ مست ٿي ڦرندو هو. هڪ ڏينهن منهنجي طبيعت خراب ٿي پئي آءُ مسلسل چار ڏينهن ڪاليج نہ ويم تڏهن هو منهنجي پيڻ شازيہ سان گڏ منهنجي طبيعت پڇڻ آئي هئي. آءُ ان مهل حيران ٿي ويس تہ شبنم اسان جي گهر اڄ ڪيئن آئي آهي ڪجهہ گهڙيون ترسڻ کان پوءِ هوءَ هلي وئي. مون کي منهنجي پيڻ ٻڌايو تہ هو هن جي سهيلي ۽ ڪلاس فيلو آهي هفتي کان پوءِ جڏهن مان ڪاليج ويس تہ سرمد اداس نظر اچي رهيو هو پڇيو مانس يار سرمد ڇا ڳالهہ آهي اڄ تون ڏاڍو اداس آهين تنهنجو هميشہ مرڪندڙ چهرو اڄ ڇو ڪو مايل آهي....؟

بس يار آڪاش هاڻي تہ مون کي شبنم جي چاهت چريو ڪري ڇڏيو آهي پر ڇا ڪريان مون ۾ اظهار جي بہ همت نہ آهي سرمد ڳالهہ ڪندي پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهيو يار سرمد مون کي هڪ طريقو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هڪ خط شبنم جي نالي سان ڪاليج واري ايڊريس تي پوسٽ ڪر جنهن ۾ سندس محبت جو اظهار ڪري ڇڏيس ۽ ها...وري پاڙي وارا چوندا آهن تہ جيڪي ماڻهو پير جمن شاهہ جي درگاهہ تي سوالي ويندا آهن اهي خالي هٿين ناهن موٽندا. پوءِ اڄ جمعي رات بہ آهي هل تہ هلي ٿا دعا گهرون. ٻئي ڏينهن سرمد خط پوسٽ ڪرڻ بجاءِ مون کي ڏنو آءُ موڪل ملندي ئي مين گيٽ وٽ پنهنجي پيڻ شازيہ سان گڏ بيٺل شبنم کي ڏنو، جيئن سومر جي شام آءُ ۽ سرمد موٽر سائيڪل تي چڙهي پير جمن شاهہ جي  درگاهہ پهتاسون تہ سرمد روضي ۾ سيراندي طرف ويهي محبت جي خيرات گهري رهيو هو. جيئن ئي دعا گهري اکيون کوليائين تہ سامهون پيرانڌي طرف کان شبنم کي دعا گهرندي ڏٺائين. نيڻ نيڻن سان مليا، ٻنهي جو هوش اڏامي ويو هو هڪٻئي ڏانهن ڏسندا ئي رهيا اکيون گهوريندڀون رهيون. سرمد همت ڪري اٿيو پلاسٽڪ واري مٺائي سان ڀريل ٿيهلي کڻيائين ورهائيندي ورهائيندي هن شبنم ڏانهن هٿ وڌايو، هن ٻڪ کولي جهليو سرمد مٺائي سان گڏ گلاب جا گل بہ هن جي ٻڪ ۾ وڌا هو مرڪي ايئن جيئن مکڙي مان گلاب ٽڙيو هجي. مسٽر سرمد توهان هٿ بہ آيا آهيو.....؟ شبنم خاموشي جا تالا ٽوڙي چيو. سرمد هٻڪندي جي ها مان هٿ پيار پنڻ آيو هوس. سو مون کي ملي ويو. شبنم ٽهڪ ڏيندي چيو تہ ڏاڍا ڪي ڀاڳن وارا آهيو، ڪير آهي اها خوشنصيب جنهن اوهان کي موهي وڌو آهي...؟

سگهان ائين چئي هو رواني تي وئي سرمد پويان سڏن مٿان سڏ ڪندو ئي رهجي ويو.

ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا مگر شبنم سان سرمد جي ملاقات نه ٿي سگهي سرمد هر وقت پريشان رهندو هو. وار وڪريل وڏي ڏاڙهي پنهنجي صحت جو ڪو به خيال نه هئس، هڪڙي جاءِ تي پيل هوندو هو، مائٽن جي گهڻن دلاسن ۽ علاج سبب هو وجي ڪجهه ٺيڪ ٿيو ته شبنم جي پنهنجي ماسات وڏيري منصب خان سان شادي ٿي وئي جيئن شبنم جي شادي جو ٻڌائين ته ويتر حالت خراب ٿي پيس مائٽن ڪافي علاج ڪرايو پر هو وڇوڙي جي صدمي ۾ ذهني توازن وڃائي ويٺو هاڻي ته هو هر وقت گهٽين ۾ آوارا ڦرندو آهي نه ڄاڻ اٿس نه سڃاڻ ماڻهو سڀ چريو چوندا اٿس.

سرمد جو اهڙو درد ڀريو داستان ٻڌي منهنجي اکڙين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ آڪاش کي ساڻ ڪري رهبر چوڪ پهتس جتي فٽپاٿ تي سرمد بي حال پيو هو. آءُ لڙڪ روڪي نه سگهيس يار سرمد ڏس تو پنهنجا ڪهڙا حال بڻائي ڇڏيا آهن ڏس آءُ تنهنجو دوست حاڪم آهيان. توسان ملڻ آيو آهيان ايتري ۾ سرمد چوڻ لڳو ته ڇا تو منهجي شبنم کي ڏٺو آهي؟ ايئن چئي وٺي ڊوڙڻ لڳو شرارتي ٻار هن کي چريو چريو چئي پٿر هڻڻ لڳا. منهنجي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا دل ۾ سوچي رهيو هوس ته ڪاش پيسي جا پوڄارن پنهنجي ذاتي انائن ڪري هن کي محبت جي ڄار ۾ ڦاسائي چريو ڪري ڇڏيو ڪالهه هو هڪ ذهين شاگرد ۽ سٺو ليکڪ هو منهنجي اکين ۾ رڳو افسوس جا ڳوڙها ها ۽ شبنم جي ڪيل وار تا تي ڏک هو ۽ سرمد جي وڃائجي وڃڻ جو افسوس.

# جيون سارو سور

اها حقيقت آهي ته عورت هر روپ ۾ انتها جي حد تائين پيار ڪندي آهي ۽ اظهار گهٽ ڪندي آهي شازيه ٽيهه سال اڳ سارنگ سان ڪورٽ مئريج ڪئي هئي. وقت ۽ حالتون انسان کي ڪٿان ڪان وڃي ڪٽي بيهارينديون آهين، اهي سڀ قدرت جا فيصلا آهن اميرن کي فقير ڪري، فقيرن کي امير ڪري سڀ قدرت جي هٿ وس آهي، جنهن کي هن جهان ۾ ڪير به چئلينج نٿو ڪري سگهي.

آءُ معمول موجب روز شام جو ڪيئي گهٽيون ڪراس ڪري وڃي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ڪرڪيٽ ڪيڏندو هوس. هر روز آءُ شازيه کي پريشاني جي عالم ۾ ڏسندو هوس ڇو ته شازيه وارن جو گهر بلڪل اسان جي گرائونڊ جي پرسان هو، اڄ به آءُ جيئن ئي سندس گهر آڏو گذريس ته شازيه کي پريشاني جي عالم ۾ ڏسي دل سٽ ڪاڏي ته ڪائنس انساني همدردي تحت وڃي ڪجهه پڇانس پر دنيا داري جي رسم رواج آڏو آءُ مجبور هيس، چاهڻ باوجود به ڪجي نه سگهيس.

شازيه عمر ۾ ايتري وڏي نه هئي پر گهر جي مسئلن، مڙس جي روين، روز جي جهيڙن، جوان ڌيئرن جي پريشاني سبب 40 سالن بجاءِ 60 سالن جي لڳندي هئي پنهنجن ڪان پري ڏکن جي ماريل شازيه سوچي رهي هئي ته ٽن جوان ڌيئرن کي ڪيئن پرڻايان...؟ ڇو ته شازيه جو مڙس انتهائي غريب ۽ بيو موالي هو ڪنهن به ڪم جو ڪو نه هو مٿان وري ڌيئرون جواني جون حدون ڪراس ڪري رهيون هيون ۽ رشتا اچڻ به بند ٿيڻ لڳا، شازيه ويچاري اڪيلي سر گهر جو خرچ هلائي، ڌيئرن جون

شاديون ڪرائي يا پنهنجي بيماري تي خرچ ڪري، جيڪا ٽي بي جهڙي موضي مرض ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي ويچاري بيمار عورت گهر جو ڪم ڪار ڪري يا ٻارن جي سنڀال ڪري، اڄ ٻه رت جون الٽيون اچڻ جي ڪري بي حال ٿي پئي هئي، مٿان رات جي ماني پچائڻ جو ٽائيم ٻه اچي ويو هو، ٽئي ڏيئرون سهيلي جي شادي تي وڃڻ جي ڪري گهر جو سڀ ڪجهه هن جي حوالي ڪري ويون هيون. پر بيمار بت ڏکن جي ماريل سوچن ۾ مبتلا شازيه جي بدن ۾ ايڏي طاقت ٻه ڪانه هئي جوا ٿي ڪري ماني تيار ڪري، پر چوندا آهن تہ ڏک ۽ سوچون انسان کي اڌوهي جيان کائيندا آهن. تيئن شازيه ويچاري جو ٻه وڃي هڏاهون پڃرو بچيو هو. رات ٿيندي ئي مڪان مان موالي مڙس پينگ جي نشي ۾ الوٽ ماني ماني ڪندو گهر اچي پهتو شازيه وو شازو ڪٿي مري وئي آهين ماني تہ ڏي نياڳي بک ۾ صفا مري ويس......!

ويچاري شازيه ۾ همت نہ هئي تہ اٿي پنهنجي ور کي جواب ڏئي سگهي. ننڍڙي پٽ معصوم لهجي ۾ چيو بابا امڙ جي طبيعت ٺيڪ نہ آهي، ان ڪري ماني نہ پچائي سگهي آهي هو تپي باهہ ٿي ويو هڪ هٿ ۾ مڏي کهاڙي ٻئي هٿ سان شازيه کي بجو ڏيندي کهاڙين جا زوردار وار ڪيائين، ويچاري شازيه جي ڪمزور جسم ۾ رت جي ڪمي هجڻ ڪري اڳي خالي هڏا پئي نظر آيا. ڏک لڳڻ سان ڪٽ تان هيٺ پٽ تي ڪرندي ئي ساهہ ڏنائين، معصوم ٻارڙا ماءُ جي اهڙي موت تي ڪيهون ڪري روئڻ لڳا. سارنگ جهٽڪي سان ائين فرار ٿي ويو. جيئن باز هوا ۾ اڏامي وڃي ها سنڌي عورت جا ورائين ٿيندا آهن جهڙو سارنگ آهي نہ ڪم ڪا نہ ڪاج ڪا دشمن اناج ڪا حيف هجي اهڙي مڙسن تي جيڪي زال کي جانور سمجهن ٿا.

# انصاف ڪٿي آهي.....؟

آئون ننڍپڻ کان ئي طبيعت جو ڏاڍو حساس آهيان ڪنهن کي بہ ڏکندو ناهيان ڏسي سگهندو منهنجي دل تڙپي پوندي آهي اکيون لڙڪن سان پرجي ويندي ون آهن. آءُ ننڍي هوندي کان وٺي غزل گيت ڪهاڻيون شوق منجهاں لکندو پيو اچان، ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ آءُ ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ پنهنجي تخليق شايع ڪرائي نہ سگهيس. ان کان بعد مون لکڻ بند ڪري ڇڏيو اها خبر جڏهن منهنجي گهري دوست عطاء محمد کي پئي تہ مون لکڻ بندي ڪري ڇڏيو آهي هو مون وٽ آيو ۽ مون کي سمجهائڻ لڳو تہ يار حاڪم تون مطلب پرست آهين يعني تنهنجي شاعري شايع نہ ٿي تون لکڻ ڇڏي ڏنو. يار حاڪم ڏس وقت جا وڏيرا رئيس ڪيڏي بيدردي سان پنهنجي مظلوم غريب مارن کي چيپاٽي رهيا آهن. ڪوڙ بي ڏوهہ هوندي بہ جيلن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. معصوم ناريون بي ڏوهہ مارجن ٿيون عطاء محمد مون کي سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍاين جا مثال ڏيئي سمجهائڻ لڳو عطاء محمد مهنجي فطرت ۽ حساس طبيعت کان چڱي طرح واقف هو. هو اسان جي گهر کان پرپرو شاخ واري مشن تي چوڪيدار هو ان وقت چوري چڪاري جو ڊپ هوندو هو ان ڪري هو اتي چوڪيداري ڪندو هو ڪلهہ جئين ئي جمعي جو ڏينهن هو اسين سڄو ڏينهن ڪچهري ڪان بعد مان سج لهڻ مهل موڪلائي گهر روانو ٿيس آئون رات جو ڏهين وڳي مس وڃي کٽ تي ستس اٿلندي پٿلندي خبر ناهي ڪهڙي مهل ننڊ اچي وٺي ڪلاڪ کان بعد دروازي جي ٺڪ ٺڪ تي جاڳ ٿيم. آءُ پهريان تہ ڊڄي ويم پر وري بہ همت ڪري پڇيم تہ

# ڪرپشن جي ڪيئن پاڙ پٽجي؟

اسان وٽ شايد ئي ڪو اهڙو ادارو هجي جيڪو ڪرپشن کان پاڪ هجي اسان جو ملڪ پاڪستان جيڪو پاڪ گهر يا رهڻ واري جڳهه جي نالي سان دنيا جي گولي تي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پر ملڪ جي مشينري جا پرزا ڪٽيل آهن سڀ پاڪستان جا ادارا ڪرپشن جو گڙهه بڻيل آهن تعليم کاتي کان وٺندي صحت کاتي تائين روي.ر کان وٺندي ڪورٽ ۽ پوليس کاتي تائين هر اداري ۾ ڪرپشن عام آهي ڪم ننڍو هجي يا وڏو ناڻو ڏيڻ کان سواءِ ٿي ئي ڪو نه ٿو سگهي. حيرانيءَ جي ڳالهه ته اهو آهي ته ٿورو آٿڻي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو ڏيڻ کان سواءِ نٿو ٿئي انهن ادارن ۾ ويٺلن جا پنهنجا دليل ۽ مجبوريون آهن حيرت ته ان ڳالهه جي آهي ته سڄي ملڪ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ ڪرپشن عام ماڻهو جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڪو به شعبو ان لعنت کان بچيل نظر نٿو اچي ڪرپشن عام ٿيڻ ڪري هاڻي ڪنهن ننڍي کان ننڍي ڪم لاءِ به سرڪاري ادارن ۾ رشوت حق سمجهي ورتي پئي وڃي. ڪجهه عرصو اڳ ڪجهه مخصوص ادارا ان لعنت جو شڪار نه هئا پر هاڻي ته شايد ئي ڪو اهڙو ادارو هجي جتي عام ماڻهو جو مسئلو رشوت کان سواءِ حل ٿيندو هجي. اسان جي ملڪ ۾ سينئر حڪمرانن رشوت کي ختم ڪرائڻ لاءِ ظاهري طرح اعلان ته ڪيا آهن پر ان مرض کي ختم ڪرڻ لاءِ اڃ تائين جوڳا اپاءُ نه ورتا ويا آهن. جنهن جو سبب آهي حڪمران جو ئي ان بيماري ورتل هجن. راشي آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي نه ڪرڻ ۽ معاشري ۾ پيدا ٿيل طبقاتي نظام به رشوت عام ٿيڻ جو وڏو سبب آهي هڪ ته يارهين گريڊ جو ملازم عاليشان بنگلن ۾ رهي ٿو ڪارن تي گهمي ٿو ته ان کان ڪو به پڇڻ وارو نه آهي ته ايترو هي پيسو ان وٽ ڪٿان آيو ان کان ڪو به پڇاڻو ڪونهي ۽

جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ڪنهن راشي آفيسر خلاف آواز ٿو اٿاري ته ان راشي آفيسر خلاف ڪارروائي بجاءِ شڪايت ڪندڙ لاءِ مونجهارا پيدا ڪيا وڃن ٿا ان ڪي مختلف هربن ذريعي بليڪ ميل ڪيو وڃي ٿو ڇو ته راشي آفيسرن کي مٿين ليول تي پنيرائي حاصل هوندي آهي جنهن ڪري عام ماڻهو راشي آفيسرن خلاف شڪايتون ڪرڻ کان ڪيٻائن ٿا ۽ رشوت خورن لاءِ رستو صاف ٿي رهي ٿو اسان جو ملڪي قانون ته ٺهيل آهي پر ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي ڇڙواڳ ماڻهو ته هر ملڪ جي معاشري ۾ هوندا آهن پر قانون ۽ حڪمران حڪومت جي ڪنٽرول ۾ هوندا آهن مطلب ته حڪمران ئي ڪنهن معاشري جي سڌاري جو وڏو ذريعو هوندا آهن. جيڪڏهن ڪجهه راشي آفيسرن کي قانون مطابق عبرتناڪ سزائون ملن ته اسان جو ملڪ به اهڙين برائين کان پاڪ ٿي سگهي ٿو ۽ عام ماڻهو بنا ڪنهن خوف جي ڪامورن ۽ وڏيرن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائڻ جي جرئت ڪري سگهي ٿو ڇو ته ماڻهن جي دلين مان خوف واري صورتحال ختم ٿيڻ سان رشوت جو خاتمو ٿي سگهي ٿو ۽ رشوت عيوض ناجائز ٿيندڙ ڪمن ۾ گهٽتائي ٿي ويندي ملڪ جو ان بيماريءَ کان پاڪ ٿيڻ لازمي آهي ٻي صورت ۾ خبر ناهي ته اسان ۽ اسان جو ملڪ ڪيڏانهن هليو ويندو.

*(18 جنوري 2007 تي روزاني ڪوشش اخبار ۾ هي مضمون ڇپيو)*

# جيئڻ ڪارڻ جيڏيون مون وڏا وس ڪيا...!

زندگي بہ هڪ جستجو آهي ڪڏهن ڏک تہ ڪڏهن سک، اسان جي زندگي جا بہ حصا آهن، وقت ۽ حالتون از خود انسان ۾ تبديليون آڻينديون آهن پر جڏهن بہ انسان تي وقت اچي تہ همت هارڻ نہ گهرجي حوصلي کان ڪم وٺڻ گهرجي ڇو تہ سنڌي ۾ مشهور چوڻي آهي تہ همت مردان مدد خدا انهي چوڻي کي سامهون رکندي اسان کي بہ وقت ۽ حالتن سان منهن ڏيئي مقابلو ڪرڻ گهرجي. جيئن حالتن هٿان ٺوڪر کائي اسان گهڻو ڪجهہ پرائي وٺون ڇو تہ هي دنيا سکڻ جو موقعو ڏئي ٿي جڏهن اسين ٻئي کي سمجهائڻ کان اڳ پاڻ پنهنجي اندر جي انسان کي جاڳائي ۽ جهنجوڙينداسين تہ اسان جو ضمير زنده ٿي پوندو ۽ 'سان ۾ حالتن ۽ سگهاري قوتن سان مقابلي ڪرڻ جي سگهہ پيدا ٿيندي. ايئن اسان پنهنجي اصل منزل طرف روان دوران ٿينداسين. ڇو تہ اسان جو اصل مقصد هي نہ آهي تہ اسان پنهنجو ڪم ٻئي تي ڇڏيون پر اسان جو مقصد هي آهي تہ اسان جوان جذبا ڏاريون، وڏڙن جو ادب ڪرڻ سکون ننڍن سان پيار محبت شفقت ڪرڻ سکون، غريبن سان همدردي ڪريون، پٽڪيلن کي راهہ ڏيکاريون بکايلن کي ماني کارايون پر اڄڪلهہ تہ اسان انهن سيني ڪمن کان هٽي ويا آهيو وڏڙن جو ادب ڪرڻ بجاءِ پوڙهائپ ۾ انهن کي گهران تڙي ڪڍي ٿا ڇڏيون. ڇا اسان جي اهائي انسانيت آ....؟ ننڍڙن تي پيار محبت شفقت بجاءِ انهن تي پنهنجي هٿ ٺوڪيل رسمن جا پهاڙ ڪيرايون ٿا......! انهن تي تشدد ڪريون ٿا ۽ ننڍي عمر ۾ ٻي جوڙ شادي ٿا ڪرايون، ڇا اها اسان جي شفقت چئجي....؟ مان سمجهان ٿو تہ اها شفقت نہ پر جبر آهي جيڪو ٻارن تي ٿا ڪريون، غريبن سان همدردي ڪرڻ بجاءِ اسان انهن جي ملڪيتن، گهرن ۽ عزتن ۾ اکين وڌيون وينا آهيون تہ ڪهڙي طريقي سان سندس مٿس حاوي ٿيون ٿا ڇا

انهي ڪي همدردي چئجي؟ اسان ته انسانن جي روپ ۾ وحشي جانورن جيان آهيون جو پنڪيل ڪي راهه ڏيکارڻ بجاءِ انهن کي ڪڏ ۾ ڌڪو ڏيئي ڪيري ٿا وجهون هاءِ ڙي انا پرستي ڪيڏا نه اسان ان انا جي ڪري پوئتي پئجي ويا آهيون، ڪنهن بڪايل کي ڪارائڻ بجاءِ ان تي طنز ڪندا آهيون مان ته پايان ٿو ته اسان انسان ئي ناهيون رهيا. نياڻين جي تعليم جيڪا هن دور ۾ نهايت لازمي ٿي پئي آهي پر اسان وٽ اڄڪلهه پڙهيل لکيل طبقا به جاهلن کان بدتر زندگي گذارين ٿا، نياڻين کي تعليم ڏياري انهن کي روزگار جو ذريعو بڻائين ٿا، پوءِ انهن نياڻين جي زندگي تباهه ٿئي ته پلي ٿئي انهن کي پيسا کپن. نياڻين جو مٽو اچو ٿي وڃي ته پل ٿي وڃي پر پئسا کپن، تڏهن ته اهي نياڻيون بغاوت ڪري ڪورٽ مئيرج ڪنديون آهن، جڏهن چوڪريون ڪورٽ مئيرج ڪنديون آهن. ته ان جي ڪري جهيڙا جنم وٺندا آهن انهن جهيڙن جي ڪري الائي ڪيترن ئي معصوم بيگناهن جو رت وهايو ويندو آهي.

ڪيترن ئي مائرن جون جهوليون خالي ڪيون وينديون آهن، ڪيتريون ئي نياڻيون الهڙ جواني ۾ بيوهه ٿي وينديون آهن. ڪيترا ئي معصوم ٻارڙا يتيم ٿي وڃن ٿا. ڪيتريون ئي پينرون پنهنجي پائرن کي موڙ ٻڌڻ ۽ شادي جا ڳيچ ڳائڻ کان رهجي وڃڻ ٿيون. جو ته وڃڻ وارا ڪڏهن به واپس ناهن ورندا. انهن لاءِ پنڻ ڪنڻ اڄايو آهي پر هڪڙي حديث پاڪ ۾ نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته ميت لاءِ پنڻ ڪنڻ حرام آهي پوءِ اچو ته اڄ ڪانپوءِ اسان وچن ڪريون ته انهن جهالت جي رسمن کان آجا ٿيڻ لاءِ هڪ ٿيون جيڪا اسان جي اصل زندگي ۽ جيئڻ جو اصل مقصد آهي ڪي ان مقصد اپنايون چو ته سچاڻن جو چوڻ آهي ته گدڙ جي سئو سالن جي زندگي کان شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي پلي آهي ان ڪري اسان کي حق سچ ضرور چوڻ گهرجي چو ته جيت ان ڪري حق ۽ سچ اسان جي ارادن جي مضبوطي سان گڏ اسان لاءِ پڻ عبادت به آهي پوءِ اچو ته اها عبادت گڏجي ڪريون. جنهن سان اسان کي هن دور ۾ به ڪاميابي ملندي ۽ اڳئين دور ۾ به ڪاميابي ملندي هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته منهنجو هي ليک پڙهي ڪري ڪيترا دوست انهي نيڪ ڪم ۾ منهنجو ساٿ ڏين ٿا اهو آءُ هاڻي وقت تي ڇڏي ٿو ڏيان ڏسان ته سڀ کان اڳ ۾ ڪير ٿو اچي ان خير واري ڪم ۾ منهنجو هٿ ونڊائي ۽ عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪري چو ته هاڻي اسان کي جهالت جو خاتمو آڻڻو آهي علم جي روشني سان اسين سڀ علم پرائينداسين.

*(هي مضمون 18 آگسٽ 2009 تي هفتيوار خبر اخبار ۾ ڇپيو ويو)*

# ماءُ

اڄ ڪاليج ۾ موڪل هئڻ ڪري آئون سڄو ڏينهن ويهي گهر ۾ دوستن جون پراڻيون ساروڻيون ساري انهن جا خط پڙهندي گذاريم. شام جو ننڍڙي ڀائٽي اچي ٻڌايو تہ چاچا اوطاق تي ٻجار آيو اٿئي، آئون ٻجار سان اچي مليس، خير خيريت معلوم ڪرڻ کانپوءِ اسين پنهنجي ادبي ڪچهري ۾ مصروف ٿي وياسين، اڄ ڪڪرن بہ چئو طرف آسمان کي ڍاڪر ۾ ڀري ڇڏيو هو. آتر طرف کان ٿڌڙي هير بہ گهلي رهي هئي ويتر اسين ادب سان گڏوگڏ موسم مان بہ لطف اندوز ٿي رهيا هئاسين.

ايتري ۾ منهنجو سوٽ مير هزار بہ ٽريڪٽر سميت اوطاق ۾ اچي پهتو. اچڻ شرط هن ٻڌايو تہ ادا حاڪم خبر اٿئي اڄ پنهنجي پاڙي ۾ ڪيڏو ظلم ٿيو آهي. آئون حيرت ۾ پئجي ويس. پر سوٽ ڪهڙو ظلم ڪنهن سان ٿيو. ادا اسان وارو پاڙيسري ولو اڄ پنهنجي پوڙهي ماءُ کي ڪارنهن جي الزام هيٺ ٻيلي ۾ وڻ سان ڦاهو ڏيئي ماريو اٿس. ظلم جي انتها ڪري ڇڏيائين. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ پوڙهي ماءُ کي وارن کان وٺي گهليندو پئي ويو. پوڙهي دانهون ڪري رهي هئي تہ ابا مون کي نہ مار آئون تنهنجي ماءُ آهيان. ننڍي لاءِ کان وٺي تو کي پاليو اٿم. تو لاءِ سور بہ سٺا هيم. اڃا تنهنجي شادي بہ مون ناهي ڏٺي. توکي موڙ بہ ناهن ٻڌا. تون بي گناهہ مون کي ڇو ٿو مارين. آئون ڪاري ڪو نہ آهيان. تنهنجي ماءُ آهيان جنهن تو کي پورا ٻہ سال کير پياريو او عقل جا انڌا اڄ تون ان ماءُ کي مارڻ ٿو چاهين. جنهن تو لاءِ راتين جون راتيون اوجاڳا ڪاٽيا، توتي ڪک بہ نہ سٺائين، تنهنجي سک لاءِ پئي درگاهن تي دعائون گهريائين. اڄ تون ان ماءُ کي ابيگناهہ هڪ ٻجڙي الزام تحت ٿو مارين. بس ڪر تون ڪارين آهين. اهو وڏيري جو حڪم آهي. سو اچي اوهان کي

ٻڌائي دل جو بار هلڪو ڪيم. اسين سڀ ڳوٺ وارا واردات واري جاءِ تي پهتاسون. جتي پوليس اڳواٽ بيٺل هئي. آئون اخبار جي صحافي جي حيثيت ۾ لاش جا فوٽو پئي ڪڍيم ته اتي بيٺل وڏيري مون کي روڪيندي چيو بابا هي اسان جي قبيلي جو معاملو آهي. اوهين وچ ۾ نه اچو پوليس لاش کڻي وئي. ولو گرفتار ٿيو. ڪارنهن جي الزام هيٺ آيل نوجوان عابد ڳوٺ ڇڏي ويو. اڄ ان بي رحم وڏيري لاءِ عيد ٿي هئي ڇو ته عابد ان وڏيري جي جا هلائڻ رسمن جي خلاف هو. وڏيري جي اکين ۾ سدائين ڪندو بڻيل هو. جنهن سبب هن پنهجي هاري ولو جا ڪن پريا ته تنهنجي ماءُ سان عابد جا ناجائز لاڳاپا آهن. ولو جوش ۾ اچي اها قهري ڪارروائي ڪئي ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ عابد جي پيءُ پٽ جي زندگي بچائڻ لاءِ نياڻيون ميڙ ڪري وڏيري کي خير لاءِ راضي ڪيو. وڏيري پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي چيو ته ڏنڊ ۾ هڪ سگ ٻه لک رپيا روڪ ۽ عابد ڳوٺ ڇڏي ويندو قبول آهي يا نه عابد جي پيءُ مجبور ٿي جگر جي ٽڪري لاءِ ها ڪئي عابد ڳوٺ هميشه لاءِ ڇڏي ويو. وڏيري زور شور سان وري پنهنجو ظلم زيادتيون شروع ڪري ڏنيون. ولو پوليس کي لک رپيا ڏئي ڪيس بي ڪلاس ۾ ڪرائي عابد جي ڀيڻ سان نڪاح ڪيو ۽ مچن کي ور ڏئي پيو گهمي اهڙي اولاد کان ماڻهو بي اولاد ئي چڱو آهي پوڙهائپ سهارو نه صحيح سور ته نه ٻڄندو.

*(هي ڪهاڻي 27 نومبر 2005 تي روزاني خبرون اخبار ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عيد تي مان بہ خريديان ها پر؟

جتي وڏيون ڊگريون هئڻ باوجود روزگار جو ڪو آسرو اميد نہ هجي گهر ۾ ياتي بار سمجهڻ لڳن، کيسو خالي هجڻ ڪري دوست بہ پري ٿي وڃن تہ اهڙي حالت ۾ ڇا خوشي پنهنجو ڪري سگهي ٿي..................! هاڻي تہ بس ٿورڙو ئي محسوس ٿيندو آهي تہ عيد بہ اچڻ واري آهي ۽ پوءِ اها عيد ايندي آهي ۽ گذري ويندي آهي پر پوءِ بہ خوشي جو احساس جنم نہ وٺندو آهي اسان وٽ عيد جي خوشين جي بي رونق ٿيڻ جو هڪ اهم سبب مهانگائي آهي. عام ڏينهن ۾ تہ مهانگائي جا ڪلور هوندا آهن پر عيد جي موقعي تي ان ۾ بيڻ ۽ ٽيڻ جو اضافو ڪيو ويندو آهي. معاملو ڪپڙن جو هجي بوٽن جو هجي يا کاڌ خوراڪ جي شين جو عيد جي موقعي تي انهن جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪندي نظر ايندڙون آهن سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ هڪ مزدور جنهن جي ڪل ڏهاڙي 120 روپيا هجي ۽ ان جي پٺيان هڪڙو وڏو عيال کائڻ وارو هجي تہ اهو ماڻهو ڪهڙي خريداري ڪري سگهي ٿو.؟ ان جو تہ عام ڏينهن بہ سورن ۾ گذر ٿيندو آهي ۽ رکي سکي کائڻ بہ هن لاءِ وڏو مسئلو بڻجيو پوي تہ اهو پنهنجن ٻارڙن لاءِ عيد جي ڏينهن ۾ ڪپڙن ۽ ٻين شين جو بندوبست ڪٿان ڪري سگهندو؟ ٿيڻ تہ ايئن گهرجي تہ ههڙن خوشين جي موقعن تي وڌيڪ اگهن وارين شين کي بہ گهٽ ڪيو وڃي تہ جيئن مسڪين ماڻهو بہ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن پر هتي ايئن ناهي هر ڪو چاهي ٿو تہ سڄي سال جي ڪسر هن ئي موقعي تي پوري ڪجي. اها عيد جيڪا خوشين سان ٽمٽار آهي جنهن ۾ هر ماڻهو کي خوش ٿيڻ جو حق آهي پر هتي ان مسئلي جي ڪري ماڻهن جون اهي خوشيون لٽجي وڃن ٿيون. جيڪڏهن هڪڙو پوڙهو ماڻهو مٽي تي هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي چوي ٿو تہ هل اڙي زمانو ڪيڏو نہ بدلجي ويو آهي اڳين ۽ هاڻي وارين عيدن ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي تہ ان جملي مان صدين جي ڪهاڻي واڪا ڪندي پاسجي ٿي ۽ ان درد کي ماڊرن سوسائٽي جا ماڊرن ماڻهو نٽا سمجهي سگهن. جن کي اها خبر بہ ناهي تہ غربت آهي ڇا ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي غربت جن لاءِ خوشيون خريدڻ بازار جو سودو آهي ها ان ڪهاڻي جي درد کي اهو ئي ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. جيڪو سچ اپرڻ کان سج لهڻ تائين مزدوري ڪندو هجي جڏهن هو واپس موٽي تہ هن وٽ مٽي جي وارن ۽ اکين جي پنبڙين ۾ سڄي ڏينهن جي مٽي ۽ ٿڪاوٽ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هجي ان درد کي اهو ئي ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. جنهن کي سڄو ڏينهن پگهر وهائڻ جا پيسا مليا هجن سي بہ اٽپورا ۽ سوچي تہ انهن پيسن مان خالي اٽو وٺجي. ڀاڄي وٺجي يا پنهنجي ٻار لاءِ دوا وٺجي، جيڪو گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان بستري تي هيٺي حال موت جي اوسيئڙي ۾ پيو آهي.

ان درد جو احساس تہ اهو مجبور بيوس پيءُ ئي ڪري سگهي ٿو. جيڪو پنهنجي اولاد جي هڪڙي ننڍڙي بہ خواهشن پوري نہ ٿو ڪري سگهي. اهڙن ماڻهن جي چپن تي جيڪڏهن عيد واري ڏينهن بہ مرڪ نہ هجي تہ ان کان وڌيڪ ڏک ۽ شرم جي ڪهڙي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي پاڪستان جي سرڪار لاءِ اهو تہ هتي جو معمول ٿيندو پيو وڃي. هاءِ ڙي بيروزگاري، بي روزگاري اهڙي بلا آهي جنهن ڪيئي حياتيون ڳڙڪايون آهن. بيروزگاري ئي سڀن بيمارين جي ماءُ آهي.

جنهن ۾ بدامني، ڌاڙا، چوريون، ڦرون، قبيلائي جهيڙا ملڪي خراب حالتون اچن ٿيون

بدامني جيڪا مختلف صورتن ۾ اسان وٽ قهر ڪري رهي آهي ان جو درد بہ ڏاڍو ازيتناڪ آهي. اهي ماڻهو جن جي گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ عيد کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪنهن بم ڌماڪي جو شڪار ٿي وڃي ٿو، جن جو ڪو گهر ڀاتي عيد ڏينهن بہ ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد نہ ٿي سگهيو هجي، تہ اتي عيد جون خوشيون ڪهڙو رنگ ڇڏينديون؟ هڪ حساس دل رکندڙ ماڻهو ان سموري وارتا کي چڱي نموني سمجهي سگهي ٿو پر جڏهن خطرن ۽ پريشانين ۾ ڦاٿل هجي تہ اتي تہ خوشيون بي معنيٰ رهجي وينديون آهن غريبن جي ان بدحالي جا ڪارڻ ڪهڙا آهن..............؟ ان معاملي بابت اڃان ڪنهن سوچيو ناهي وڏيرا تہ وڃي ننن سان عيد ڪن ٿا پر انهن ڪڏهن ڪنڌ پوئتي ڪري نهاريو ئي ناهي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ بہ ڪيئي غريب رهن ٿا جن جي گهرن ۾ ڪڏهن چلهہ ٻري ٿي تہ ڪڏهن چلهہ ئي نہ ٿي ٻري ان ڪري اسان تي اهو لازم ٿو ٿئي

ته اسين پنهنجي اوڙي پاڙي ۾ رهندڙ مستحقن جي سنڀار لهون ۽ پنهنجي وت آهر انهن جي هن عيد جي خوشين ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ مدد ڪريون.

پر هاڻ ته هتي سڪون پري زندگي روپوش بڻجي وئي آهي. چو ته هاري، مزدور پورهيت ته سڄو سال سورن ۾ رهي ٿو پر پوءِ به انهن کي خوشيون هڪ ڏينهن خوشيءَ سان گذارڻ جو به حق نٿو ڏنو وڃي هر هڪ پنهنجي خوشين ۾ مست لڳو پيو آهي بهرحال عيد جي ڏينهن خوش ٿيڻ هر ماڻهو جو حق آهي ۽ ڪنهن کي اهو حق ناهي ته هو ڪنهن جي خوشين کي خاڪ بڻائي آن لاءِ اڃو ته آن ڏينهن نه صرف پاڻ کي خوش رکون پر اهي خوشيون ٻين ۾ به ونڊيون جيڪا انساني ناتي اسان تي فرض آهي ته عيد جي خوشي ۾ غريب توڙي امير کي هڪ جيترا حق هجڻ کپن ته جيئن غريب طبقو احساس ڪمتري جو شڪار نه ٿئي ڪو انسان انجيده نه ٿئي.

*(هي مضمون روزاني سڪار اخبار ۾ 29 ڊسمبر 2006 تي ڇپيو)*

# استاد بخاري هر دور جو شاعر

سنڌ رني سر رنا رنو آ سنگيت
وائي رني لولي رني رنو گيت
منهنجي من جا ميت روئندا راڄ ڇڏي وئين...

امن پيار محبت ۽ صوفين ولين جي سنڌ ڌرتي هميشہ پنهنجي ڪک مان وقت بوقت انمول انسانن کي جنم ڏنو آهي جن سنڌي شاعري پنهنجي سنڌ جي جهولي پرڻ ۾ ڪو نہ گهٽايو آهي ادبي تاريخن جي محققن ۽ مورخن جو چوڻ آهي تہ خوشنصيب آهي اها سر زمين يا ٻولي جنهن وٽ شاعرن جو تعداد وسيع تر آهي ادبي تاريخ جي شروعات کي ڏسبو تہ ان جو آغاز شعر کان ٿيو آهي سو اسان جي سونهن ڀري سنڌڙي جي هر ڪنڊ ۾ شاعرن سنڌي شاعري تي طبع آزمائي ڪئي آهي ان کي نوان رنگ روپ بخشيا آهن انهن شاعرن مان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست شاهہ عنايت رضوي. نارائڻ نياز عبدالغفور همايوني، عبدالڪريم گدائي، ڊاڪٽر تونير عباسي شيخ اياز ۽ استاد بخاري سميت ٻيا انمول ستارا شامل آهن جن پنهنجي ٻولي ڪلچر ۽ سماجي نفسيات کي نہ صرف سمجهيو پر ان جي واڌ ويجهہ لاءِ اظهار جا سڀ ذريعا بہ استعمال ڪيا.

استاد بخاري ادب جو چنڊ هو جنهن جي ڇڏيل ادبي روشني صدين تائين زندهہ رهندي استاد بخاري 16 جنوري 1930ع ڏاري ڳوٺ غلام چانڊيو ضلع دادو ۾ سيد حاجن شاهہ جي گهر ۾ اک کولي، سندس نالو پنهل شاهہ رکيو ويو ۽ پوءِ پيار مان احمد شاهہ سڏيندا هئا.
استاد بخاري هڪ البيلو شاعر هو بلڪ هڪ عظيم ۽ هر دلعزيز هڪ بيمثال استاد پڻ هو استاد سنڌ سان ٿيندو هر ظلم جو جواب نهايت دليري

# جڙتو پوليس مقابلا ۽ گهايل زندگين جو الميو

گذريل ڪافي عرصي کان سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ جڙتو پوليس مقابلن ذريعي ڪيترن ئي نوجوانن کي گولين جو ڪاچ بڻايو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي نوجوانن کي ناحق جي ڪيسن ۾ بنا ڏوهه ڦاسايو ويو آهي. جڙتو مقابلن جو هڪ واضع مثال رسول بخش بروهي جو ڪيس آهي جنهن جو پوليس اهلڪارن تي ڪيس به داخل ٿيو آهي پر وارثن کي اجان تائين انصاف ناهي مليو. هيو پوليس مقابلو تازو روهڙي پرسان هدايت الله سولنگي نالي نوجوان کي ماريو ويو پوليس اهلڪارن دعويٰ ڪئي ته هو هڪ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي رهيا هئا ته مقابلو ٿيو هڪ نوجوان مارجي ويو ۽ هن جا ٻي ساٿي گرفتار ٿي ويا. معلوم ٿيو آهي ته هدايت الله سولنگي گهر جو اڪيلو ئي ماءُ جو سهارو هو جڏهن ته ڪجهه مهينا اڳ پيءُ وفات ڪري ويو هيس. جنهن ڪري هاڻ ڪيس به مامي داخل ڪرايو آهي. جنهن ۾ هن دعويٰ ڪئي ته اسان زمين تي پاڻي ورائي رهيا هئاسين ته اتان جي وڏيري سان پاڻي جي واري تان منهن ماري ٿي. روهڙي پوليس وڏيري جي ونگار وهندي اسان جي ڳڀرو جوان کي بي ڏوهه ماريو آهي اهو ڪيس ايس ايڇ او سميت پنجن اهلڪارن خلاف داخل ڪرايو ويو پر انهن مان ڪنهن کي به گرفتار نه ڪيو ويو.

پر هن وقت صورتحال اها آهي ته هن ڪيس جي جاچ اهڙي ئي ٿيندي جهڙي اڳ ۾ جڙتو مقابلن جي ٿيندي رهي آهي. ٿوري عرصي ۾ ڪيس کي لئي مٽ ڪري ڇڏيندا. جيتوڻيڪ هي ڪيس پوليس مقابلي جو نه پر هڪڙي قتل جو آهي. پر اسان سمجهون ٿا ته پوليس ڏر پر ڪندي ڄاڻائيندي ته هدايت الله موٽر سائيڪل ڦورو هو هن ڪيس سان به ايئن ئي ٿيندو ممڪن ئي ناهي ته جاچ ڪندڙ پوليس آفيسر پنهنجن ئي پوليس وارن کي ڏوهاري قرار ڏئي. ايئن ڪڏهن به نه ٿيو آهي ۽ هاڻي به نه ٿيندو هاڻي اهو هدايت الله جي قتل جو ڏوهه به پوليس کي ڦٻي ويندو. جو ته هڪ نوجوان پوليس هٿان قتل ٿيو ۽ ان ڪيس جي جاچ صحيح نموني ٿئي ۽ پوليس تي قتل جو ڏوهه ثابت ٿئي. پر ان ڪيس کان اڳ پوليس تشدد ۾ مارجي ويل جيڪب آباد واسي عبدالغفار شيخ جو ڪيس به ان وقت جي ٽي پي او DSP ۽ ايس ايڇ او سميت اهلڪارن مٿان داخل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٿيو هو. پر اڄ تائين هڪ اهلڪار ۽ گرفتار ناهي ٿيو، حڪومت جي انهن ڪوتاهين ۽ دير سان يا انصاف نه ملڻ ڪري نوجوانن جا وارث پنهنجي پيارن جو بدلو وٺڻ لاءِ بندوق کڻن ٿا جهنگ وسائن ٿا ۽ ڌاڙيل جي روپ ۾ مشهوري ماڻن ٿا. جيڪڏهن حڪومت اهڙن جڙتو پوليس مقابلن جو بروقت نوٽيس وٺي ته ڪير پنهنجا ڪکاوان گهر بار ٻچا ڇڏي وڃي جهنگ وسائيندو؟ آخر هر انسان پنهنجن اکين مان وهندڙ رت جي ڳوڙهن کي خاموش ڪرڻ لاءِ روپوشي اختيار ڪري بدلو ته وٺي ۽ ان تي هڪ ڪيس بجاءِ پوليس ڏهه ٻيا ڪيس به داخل ڪري ٿي انهن جي زندگي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي. جنهن ڪري دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور هوندا آهن، مٽ مائٽ دوست سڀ بيزار هوندا آهن آخر ڪار انهن جو موت به هڪ گولي سان ٿئي ٿو.

ان صورتحال ۾ لازمي طور تي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته نيٺ ڇا ڪرڻ گهرجي اسان هن موضوع تي آخر ڪيستائين لکنداسين ڇو ته جنهن ڪيس ۾ ملوث به پوليس هجي ۽ ان جي جاچ به پوليس ڪري ته پوءِ ڳالهه وڃي ٿي پهچي جهان خان تائين ظلم به جهان خان ڪري ته فيصلو به جهان ڪري پوءِ انصاف ڪٿان ملي سگهندو، ان لاءِ حڪومت کي گهرجي ته اهڙن ڪيسن جي جاچ ڪنهن ايماندار جج کان ڪرائي وڃي جاڪاڻ ته ان طريقي ڪانسواءِ ٻيو ڪو به قانوني طريقيڪار موجود ناهي ۽ پوليس جو قانون پوليس کي بچائي ٿو ۽ غريب ماڻهن جا خون لڙهي وڃن ٿا. ان ڪري اها جاچ عدليه ئي ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙن ڪيسن لاءِ هڪ خاص ججن جو پينل جوڙيو وڃي. جيڪي خفيه طور تي ڪيس جي جانچ ڪرن منهنجي خيال ۾ انهيءَ عمل سان پوليس جي ڏاڍ ۽ جڙتو مقابلن ۾ ڪافي حد تائين گهٽتائي اچي ويندي پر خبر ناهي حڪومت اهڙو احتساب سيل ڇو نٿي قائم ڪري آخر ڪار پوليس ڪيترا جڙتو مقابلا ڏيکاري ٻي ڏوهه ماڻهو مارينديي رهندي. ان لاءِ هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته حڪومت مقتول هدايت الله سولنگي، رسول بخش بروهي، عبدالغفار شيخ شبير ٻرڙو ۽ ٻين جي ڪيسن جي جاچ عدليه ذريعي ڪرائي ٿي يا نه؟ جيڪڏهن عدليه طرفان نه ڪرائي وئي ته اهڙن جڙتو پوليس مقابلن ۾ ڪيئي ٻارڙا يتيم ٿيندا رهندا ۽ ڪيئي ڀينرون ڀائرن کي موڙ ٻڌڻ جي آسري سڄي زندگي رت جا ڳوڙها پيون روئنديون ڪيئي وانيون ٻيواهه ٿينديون ڪيئي مائرون اولاد جهڙي نعمت کان محروم ٿينديون رهنديون. شال خدا سڀ کي ساڃاهه ڏي. ڏسون ته هاڻ حڪومت ڪهڙي واٽ پئي اختيار ڪري.

*(هي مضمون روزاني سڪار ۾ 12 جنوري 2007 تي ڇپيو)*

# تاريخ جو هڪ باغي ڪردار

انسان جنهن ڌرتي تي پيدا ٿئي ٿو پلجي ٿو نپجي ٿو ۽ وڏو ٿئي ٿو. ان ڌرتي سان محبت ڪرڻ سندس فرض ۾ شامل ٿي وڃي ٿي، ان ڌرتي جا ڪجهه قرض مٿس واجب ٿين ٿا، تاريخ شاهد آهي ته حلالي پٽن پنهنجي ڌرتي مٿان حسين زندگيون قربان ڪري مٿس حرف اچڻ نه ڏنو آهي جنهن ماڻهو کي پنهنجي ڌرتي سان محبت ناهي اهو زندگي ۾ ڪڏهن به ڪنهن سان محبت نٿو ڪري سگهي، محبت هڪ اهڙو سرمايو آهي جيڪو روح ۽ ضمير کي زنده ٿو رکي ۽ انسان مان بهتر انسان اهو آهي جيڪو پنهنجي ڌرتي سان عشق جي حد تائين محبت ڪري ٿو.

هڪ اهڙوئي سرفروش ڌرتي جو عاشق شهيد محمد علي جکراڻي به هو جنهن پنهنجي جو پن جا هڙئي ڏينهن سرتيءَ سان عشق بجاءِ ڌرتيءَ جي عشق ۾ وقف ڪري ڇڏيا هيءَ اها ڪڙي حقيقت آهي ته جيڪب آباد جي هن محبتي ماڻهو شهيد محمد علي جکراڻي به محبت ۾ انتها ڪري ڇڏي هئي هن جي محبت ته ڌرتي ”يعني حضرت سنڌ سان“ ازلي هئي پر هن پنهنجي همعمر ايشيا جي عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڀڳدار پٽ سالار انقلاب مير مرتضيٰ ڀٽو سان به محبت جا اڻ مٽ مثال قائم ڪيا.

مير مرتضيٰ ڀٽو جي جلاوطني دوران هن سندس اليڪشن مهم کي جنهن ديده دليري سان هلايو اڄ به انهي تڪ جو عوام گواهه آهي هن پنهنجو سر ترِيءَ تي رکي اليڪشن مهم هلائي، هن جي مير مرتضيٰ ڀٽو سان ڪا به ذاتي لالچ ڪو نه هئي هو هڪ پڙهيل لکيل ذهين انسان هو ۽ سمجهي پيو ته مير مرتضيٰ ڀٽو اهو واحد ليڊر آهي جنهن کي ڌرتي جو درد آهي ۽ هو عوام کي پنهنجا حق وٺي ڏئي سگهڻ جي صلاحيت رکي

ٿو. ان ناتي تحت هن نندپڻ کان وٺي پنهنجي مرندي دم تائين پنهنجي دوستي ڪي قائم رکي هڪ مثال قائم ڪيو جيئن شيخ اياز چيو آهي ته:

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهو کي پر ايئن نه مرنداسين او ساٿي
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين

هن جي خاموش ۽ مرڪندڙ دلير طبيعت هن کي پنهنجي پارٽي اندر ته ڇڏ پر پوري سنڌ ۾ هڪ الڳ ۽ قدآور حيثيت ڏياري هئي.

سنڌي سماج هميشه کان دلير ماڻهن سان محبت ڪئي آهي ان ساڳيءَ دليري سبب هو پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو کان پوءِ اهم ذميوار اڳواڻ طور سڃاتو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي جي پوئلڳ ۽ غير مشروط محبت جو قائل هيو. هو دلين ۾ الجهن بجاءِ ڌرتي سان محبت جو عملي اظهار ۾ يقين رکندڙ ماڻهو هيو.

جاگيرداري سماج جتي ماڻهو هيسيل گهبرايل ڏنل غلامي جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل آهن اتي جيڪر ڪو دلير ماڻهو پنهنجي سياسي نظريئي کي سچائي سان عملي روپ ڏيڻ لاءِ ماڻهن جي وچ ۾ ويندو آهي ته ان کي عوام ايئن موٽ ڏيندو آهي جيئن جاگير ۾ شهيد محمد علي جکراڻي جي جنازي ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪري واضع ڪيو هو ته اُهي شهيد محمد علي جکراڻي سان بي انتها پيار ڪندا هئا ۽ ان ويل هر اک آلي هئي.

مار پوئي موت، تون ته اُٿمندائتو آئين
ڪارونجهر جي قد جيڏا گهايئي گهوٽ
تنهنجي هر ڪاڇوٽ، ماتم ٿي ميڙي اچي (وفا ٻرڙو)

سنڌ جي هن حلالي پٽ 11 فيبروري تي موڪلاڻي ڪئي ۽ هن جي اوچتي وڇوڙي تي نه رڳو مٽ مائٽ پر جيڪب آباد جو عوام ۽ شهيد ڀٽو جو هر ورڪر سوڳوار هو ڇو ته محمد علي جکراڻي جو مقصد پيسو ڪمائڻ هرگز ڪو نه هو بلڪ عوام جي دل ۾ قدر ۽ ساک پيدا ڪرڻ سندس ۾ تمام وڏي دولت هئي اهڙي طرح شهيد محمد علي جکراڻي پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو پاڻ هميشه لاءِ امر ڪري ويو.

*(پ پ پ ش پ جيڪب آباد طرفان ملهايل 20 ورسي جي تقريب ۾ پڙهيل مقالو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿر جي سونهن مور پکي

گذريل هڪ مهيني کان ڏرتيءَ جو سدا ملوڪ مور پکي پنهنجو ساهه ڏيئي رهيا آهن هينئر تائين 100 کان وڌيڪ مور پکي مري چڪا آهن وائرس هاڻي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پکڙجي رهيو آهي ۽ اهو هن وقت سڄي ٿر ۾ ڦهلجڻ شروع ٿيو آهي جڏهن ته حيدرآباد ٽنڊو محمد خان، بدين، سانگهڙ، ميرپور خاص ۾ به مورن جي مرڻ ۽ بيماري جا اطلاع مليا آهن ٿر ۾ مور جو پاڻ ۾ ويجهو ڳانڍاپو رهيو آهي جڏهن ٿر ۾ برساتون پونديون آهن ته اتي مورن جو ناچ ڏسڻ وٽان هوندو آهي وقت جي ستم ظريفن جي ڪري هاڻي ٿر ۾ مورن جو اهو رقص نه رهيو آهي پر جيڪي ايڪڙي ٻيڪڙ بچيا آهن انهن کي به وائرس پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو تڪڙو بلو نٿو ڪيو ويو ۽ مورن کي بچائڻ لاءِ ايمرجنسي بنيادن تي ڪي اپاءُ نه ورتا ويا ته باقي بچيل مور به پنهنجي پڄاڻي تي پهچي ويندا ۽ پوءِ هنن جو صرف نالو ئي رهجي ويندو.

ميڊيا تي مسلسل خبرون اچڻ جي باوجود وائيلڊ لائيف کاتي کي ڪا به پرواهه نه آهي انهن طرفان اڃان تائين اهڙي ڪا به سنجيدگي نه ڏيکاري وئي آهي جنهن جي ضرورت آهي، پر لاڳاپيل اختياريون اهو قبول ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهن، ته مورن جو ايڏو وڏو تعداد مئو آهي...! انهن جو چوڻ آهي ته ايڏا مور نه مئا آهن جيترا ٻڌايا پيا وڃن، جڏهن صورتحال اهڙي هجي، جو پنهنجي نااهلي کي لڪائڻ لاءِ حقيقت کي قبول ئي نه ڪيو وڃي ته اتي بهتري جي ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي...! هي ميڊيا جي ترقي جو دور آهي اڄ ڪيتري ڪوشش جي باوجود حقيقتون لڪائي نٿيون سگهجن هي ريڊيو پاڪستان ۽ پي ٽي وي وارو دور ناهي جڏهن سرڪاري ڪامورا پنهنجي نااهلي ناڪامين تي پردو

وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا هينئر حقيقت کي لڪائڻ نا ممڪن آهي ان ڪري بجاءِ اهڙي قسم جي ڪا ڪوشش ڪرڻ جي پنهنجي ذميواري ايمانداري سان سر انجام ڏين اسان چاهيو ٿا تہ حڪومت کي هن معاملي جو فورن نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ نہ صرف مورن کي بچائڻ لاءِ ايمرجنسي جي بنياد تي ڪي حفاظتي بندوبست ڪيا وڃن پر لاپرواهي جو مظاهر ڪندڙ وائيلڊ لائيف کاتي وارن کان بہ پڇاڻو ڪيو وڃي جيڪڏهن مورن کي موت جي ننڊ سمهاريندڙ وائرس تي فوري ڪنٽرول نہ ڪيو ويو تہ باقي رهيل مور بہ ختم ٿي ويندا هن وقت پنهنجي روين کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪڏهن ايئن ئي ڏياني ٿيندي رهندي تہ ٿر جي سونهن بڻيل مور پکين جي زندگي کي وڏيڪ خطرا گهيري وٺندا هن وقت مورن جو البيلو ناچ ۽ سندس ٽهوڪا زخمي ۽ بيمار آهن هن وقت وڏي تڪليف ۾ مبتلا آهن ان ڪري سنڌ حڪومت کي جلد کان جلد ان طرف ڌيان ڏيڻ کپي جيئن سنڌ جي سونهن مور وڌيڪ نہ مري سگهن. پکي ڌرتي جي سونهن هوندا آهن. جن کي هميشہ بچائڻ وائيلڊ لائيف وارن جي ذميواري هوندي آهي. پکين جي حفاظت ڪري ڌرتيءَ جي سونهن کي بچائڻ کي فرض سمجهن.

*(هي مضمون 24 جولاءِ 2012 تي روزاني پاڪ سنڌ ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# او پريتم ڪٿي آهين...؟

منهنجي وجود کان ڪوهين ڏور رهندڙ توکي خبر ناهي تہ پنائي جي پونءَ تي نيڪ اميدن نيڪ خواهشن سان نئين سال جو سهڻو سج ابري چڪو آهي انسان هميشہ تنهائي جي تڙپ ۾ جدائي جا گهاءُ برداشت نہ ڪري سگهندو آهي، جدائي جي پيڙا ڪنهن درد کان گهٽ ڪين هوندي آهي. مون پنهنجي دل جي دڙڪن ۽ زندگي جو مقصد تنهنجي پيار کي ئي سمجهيو آهي توبن هي تنهاين جا ڏينهن مون لاءِ ۽ منهنجي محبت لاءِ ڇا هوندا....؟ اهو تہ پيار ڪندڙ دليون ئي محسوس ڪري سگهن ٿيون، منهنجو هي تو سان نيهن جو ناتو ڪيئن جڙيو اهو تہ مون ڪڏهن اڪيلائي ۾ ويهي تصور ڪرڻ جو بہ نہ سوچيو آهي ڇو تہ تنهنجي بي پناهہ ۽ پاڪيزه محبت منهنجي جسم کي وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي ڇڏيو آهي.

ڪاش! منهنجي هن پويتر پيار ۾ مونسان سچائي جو ثبوت ڏيندي نئين سال کي گڏ ملهائين ها تہ مان پنهنجو پاڻ کي توسان گڏ ويهي ڪيتري خوشي محسوس ڪيان ها، مون تہ ڪيترائي امن جا پکي تو ڏانهن موڪليا ۽ ڪيئي پيغام اماڻيا شايد منهنجا اهي عرض تو کي پسند نہ آيا ۽ منهنجي جسم ۾ پيدا ٿيل تنهائي واري تڙپ کي گهٽائڻ بجاءِ ويتر وڌائي ڇڏيئي.

سنڌو جي ڪپ ۽ سنڌ ڌرتي جهڙا سهڻا ۽ هرڻي جي چالن جيان چلي مهڪي مسڪراهتون گفٽ ڪري ڏيندڙ جهڙا سائين محبت هميشہ روحن سان ڪئي ويندي آهي ۽ جسماني طرح چاهيندڙن کي روحاني

محبت نٿو چئي سگهجي. تنهنجي مثالي محبت منهنجي جسم جي رڳ رڳ ۾ ڊوڙيندي محسوس ڪري رهيو آهيان تو بن هڪ گهڙي به ورهن برابر سمجهان ٿو ڪاش! جداين جي سمنڊ ۾ لڙهندڙ دل جي ڌڙڪن جو پر جهلو ٿيئن. محبت جو ناتو ايترو ته نازڪ هوندو آهي جئين مٽيءَ تي مٽيءَ سان مٽي لکڻ ۽ پاڻي تي پاڻي سان پاڻي لکڻ ۽ ان ۾ جذب ٿي وڃڻ. مان ته پنهنجي پيار جي ڀرم رکڻ لاءِ ڪيترين اذيتن مان گذري رهيو آهيان .اهو تون ڪٿي ٿي ڄاڻين تون ته مون ڪي ۽ منهنجي محبت ڪي مذاق ٿي سمجهين...!ڪاش! زندگي جي ڪنهن موڙ تي توکي منهنجي محبت جو احساس اچي اهو ڏينهن مون لاءِ عيد جو ڏينهن هوندو مان ڪٿي ڪيڏو به ڏکن ۾ هجان تو لاءِ اها ئي دعا آهي ته تون هر وقت خوش هجين ۽ خوشيون تنهنجي قدم قدم تي آجيان ڪن، مون ته پنهنجي دل هڪ سيڪنڊ ۾ سائين اوهان ڪي ڏيئي پنهنجو پاڻ ڪي هميشه لاءِ تو وٽ گرفتار بڻائي ڇڏيو اڄ منهنجي اداس چهري مان اڀرندڙ سوال شال سمجهي سگهين، جو ته مون هميشه پنهنجا درد دل ۾ لڪائي توکي ئي ڪلائڻ پئي چاهيو آهي.

منهنجي محبت ڪيترن ئي سالن کان ڪيترائي سچ اپريا ۽ ڪيئي سچ لٽا پر تنهنجي واٽن ۾ نين وڇايل آهن آءُ ايترو ئي چوندس بس.

او پرديسي ڪهڙي پار هليو وئين
گهر تو بن ٿي ويو خالي آ
هر پاٽي جي اک آلي آ
تنهنجا رستا روئي روئي روز نهاريون ٿا
توکي پل پل پيارا پرديسي پڪاريون ٿا.

*(روزاني تعمير سنڌ اخبار ۾ 3 جنوري 2012 تي ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ تي سر ڏيندڙ شهيد محمد نواز ڪنڌراڻي

سر زمين سنڌ جيڪا اوليائن جي ڌرتي سان دنيا ۾ سڃاتي ويندي آهي جنهن ۾ درويشن جا محبتن ۽ سچائي جا داستان ملن ٿا جنهن ۾ شاهين ۽ شهباز رهن ٿا، انهي سدا بهار سرزمين سنڌ اهڙن اڻموٽ بي باڪ بهادر اصول پرست ۽ خوددار، علم و ادب فهم سچ ۽ سياسي ۽ غريب عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ ۽ سماج ۾ اڻٽٽ نقش ڇڏيندڙ انسانن کي جنم ڏنو آهي جن جي خدمتن کي ڪڏهن بہ تاريخ جي ورقن تان نٽو ميساري سگهجي اهڙين ئي خوبين جو مالڪ اسان جي شهر ٺل جو رهواسي شهيد محمد نواز ڪنراڻي بہ هو ٺل تہ ڇڏيو پر سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ عوام سان ناجائزين خلاف سڀ کان اڳ ۾ نظر ايندڙ همدرد انسان هو. اها ڳالهہ مون تڏهن محسوس ڪئي جڏهن ٺل شهر جا مسئلا حل نہ ٿيڻ خلاف مسلسل ٽي ڏينهن هن سان گڏ بک هڙتال تي ويٺس ان ٽن ڏينهن دوران منهنجون هن سان تفصيلي ڪچهريون ٿينديون رهيون. جڏهن بہ جنهن بہ موڙ تي ملندو هو تہ نوجوان نسل ۾ اتساهہ پيدا ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندو هو. وڏيرڪي ڪلچر خلاف آزادي جي جنگ وڙهندڙ شهيد محمد نواز ڪنڌراڻي عورت جي آزادي ۽ ان کي تعليم ڏيارڻ جي حق ۾ هو. جنهن جو واضع ثبوت سندس نياڻي زرينہ ڪنڌراڻي آهي جيڪا هن وقت سنڌي هارياڻي تحريڪ ضلعي جيڪب آباد جي صدر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مرڪزي عهدن تي به رهي چڪي آهي ۽ جيڪا هن وقت حيدر آباد ۾ وڪالت ڪري رهي آهي.

شهيد محمد نواز ڪنڊراڻي آزادي واري ويڙهه جي شروعات به عوامي تحريڪ کان ڪئي ۽ شهادت جو جام به پارٽي ۾ رهي ڪري پيتائين. هو عوامي تحريڪ ۾ ميمبر کان وٺي تعلقي ۽ ضلعي جي عهدن ۽ آخر ۾ مرڪزي اڳواڻ به رهيو. تڏي تي وينل عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سندس سوٽ ديدار ڪنڊراڻي پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته هو منهنجو سوٽ نه بلڪ وڏو ڀاءُ هيو اڄ منهنجي سڄي ٻانهن ڪپجي وئي آهي پر وري به مون کي فخر آهي ته منهنجي سوٽ سامراجن اڳيان جهڪڻ بجاءِ سنڌڙي تي سر ڏنو جنهن کي مان ته ڇا پر سنڌ جو ٻچو ٻچو صدين تائين نٿو وساري سگهي. سندس تڏي تي وينل پٽ ياسر نواز ڪنڊراڻي، سڄاد نواز ڪنڊراڻي جو چوڻ آهي ته بابا جي شهادت ڪانپوءِ اسانجو ڳاٽ فخر منجهان اوچو ٿيو آهي ڇو ته اسين سڄي زندگي سنڌ تي سر ڏيندڙ هڪ شهيد جو اولاد سڏباسين.

نوجوان صحافي نماڻو نوناري احوال اوريندي ٻڌائي ٿو ته هو جڏهن به منهنجي آفيس ايندو هو ته بار بار مون کي چوندو هو ته يار نماڻا اوهان جي قلم ۾ وڏي طاقت آهي ظالم وڏيري جا ڪنڌ اوهين ئي ڪٽي سگهو ٿا. معاشري جون برايون غلط ڪمن جي نشاندهي ڪرڻ اوهان جي ذميواري آهي اهڙي مانجهي ۽ هڏڏوڪي مرد لاءِ مون کي شيخ اياز جون سٽيون ياد اچن ٿيون ته:

آءُ ائين آزاد، جيئن هو پنڇي واءُ ۾، پر تون مون کي داد، مور نه ڏيندين جيئري.

واقعي اڄ نواز جي وڇڙڻ کان پوءِ خبر پئي ته هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. عوامي تحريڪ جي چيئرمين رسول بخش پليجو جو چوڻ آهي ته نواز سنڌ جو انقلابي ۽ سچو سپاهي هو جنهن جي خدمتن کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهجي.

شهيد جي خون جو حساب ضرور وٺبو. تڏي تي وينل ٻين اڳواڻن روشن ڪنڊراڻي عالم شاهه، حڪيم زنگيجو، شاڪر ڪوسو وڪيل جعفري ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته هي انڌن ٻوڙن ۽ گونگن جي جمهوريت آهي هت حق ۽ سچ چوڻ تي پابندي آهي جيڪو سچ ٿو ڳالهائي سو شهادت جو جام ٿو اوتي جيئن حق ۽ سچ جي راهه تي شهيد تاريخ جي بابن ۾ هميشه لاءِ امر تي ويندا آهن. مون جڏهن به هن کي ڏٺو ته پارٽي جي سڏ تي پنهنجا سڀ ڪم ڪار ڇڏي مرڪز ڏانهن هليو ويندو هو. پر

# معصوم ٻارڙن جي اغوا جو ذميوار ڪير آهي.....؟

هر روز اخبارن ۾ مختلف شهرن مان معصوم ٻارڙن جي اغوا ۽ جنسي تشدد جون خبرون وڏي ڪوريج سان ڇپجن ٿيون، سچ پڇ ته تن کي پڙهي هيانءُ ڦارون ڦارون ٿيو پوي، آخر انسان ايڏو بي حس ڇو ٿي ويو آهي؟ ڇا انهن کي پنهنجي اولاد پياري ناهي مان سمجهان ٿو ته انهن ڪاروائين ۾ ملوث ماڻهو نه پر حيوان ئي هوندا. جو ته دنيا جون مهذب قومون پنهنجي ٻارڙن کي زندگي جون هر آسائشون ميسر ڪري ڏينديون آهن پر ان جي نسبت اسان پنهنجن ٻارڙن کي ڇا ڏنو آهي؟ اسان جا ٻار اسان کان نه ته ملڪيت جو حصو پيا گهرن آهي نه ڪار نه بنگلو نه ئي ڪڏهن پاڻ سان ٿيندڙ ڏاڍ ظلم ستم جو ازالو گهريو آهي. اسان ڪين بنيادي حق ڏيڻ ۾ به ناڪام ويا آهيون، اسان پنهنجن ٻارڙن سان جيڪو سلوڪ ڪريون پيا ان کي ياد ڪري اسانجو ڪنڌ شرم کان هيٺ جهڪيو وڃي ان جو واضع ثبوت اخبارن ۾ لکيل خبرون پڙهي ڪري سگهجي ٿو، آخر ڪيستائين ڌرتيءَ کي ٻارڙن جي رت سان رنگي لهولهان ڪيو ويندو؟

پر اسان وٽ ٻارڙن جي اغوا هن وقت معمول بڻيل آهن، صرف ويجهڙائي وارن ڏينهن ۾ 12 ٻارڙا اغوا ٿيا آهن جنهن ۾ خيرپور مان سالار ساجده لاڙڪاڻي مان مهيش پٽ نامون مل ۽ علي مراد سولنگي بشير احمد خالدي، سڪرنڊ مان ارون ڪمار ۽ سليم سولنگي ڪشمور مان 12 سالاپون ڪمار جيڪب آباد مان وشينتا ۽ اوم پرڪاش ڪمار ۽ ٺل مان گلان خاتون 2 بنگلاڻي نوجوان ۽ قربان ڪوسو ۽ ڳڙهي حسن سرڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان معصوم فيصلا سرڪي شامل آهن معصوم ٻارڙن جو ايئن اغوا ٿيڻ انتظاميه جي ناڪامي جو واضع ثبوت آهي، لاڙڪاڻي جي سماجي تنظيم جي رپورٽ موجب گذريل سال لاڙڪاڻي ضلعي ۾ 431 ٻارڙا گم ٿيا جن ۾ 167 نياڻيون 264 ٻارڙا هئا، جيڪي بعد ۾ ته بازياب ٿيا پر اغوا ٿيڻ وارو عمل ختم نه ٿي سگهيو.

ڪيڏي نه افسوس جوڳي ڳالهه آهي جو اسان جي انتظاميه ٻارڙن ڪي تحفظ ڏيڻ واري معاملي ۾ بلڪل لاپرواهه آهي. هن افراتفري ۽ غير يقيني واري ماحول ۾ والدين ٻارڙن ڪي اڪيلو اسڪول ڇڏڻ لاءِ به تيار نه آهن. ٻارڙن جي اغوائن ۽ قتلن جون وارداتون انتظامي سرشتي جي ناڪام هجڻ جي عڪاسي ڪن ٿيون. جيڪڏهن اسان جي انتظاميه نااهل نه آهي ته پوءِ ظاهر ڪري ڏيکاري ته سموري سنڌ ۾ معصوم ابهم ٻارڙن جي قتلن ۽ اغوائن جا ذميوار ڪير آهن؟ پراسرار نموني گم ٿيل ٻارڙن جا پيرا ڪيڏانهن پيا وڃن. اُها ڪهڙي قوت آهي جيڪا اسان جي ٻارڙن ڪي وات ڦاڙيو ڳڙڪائڻ لاءِ تيار بيٺي آهي پر مان ان سڄي ڊانچي جو ذميوار پاڪستان جي سرڪار صوبائي سرڪار ۽ پوليس ڊپارٽمينٽ ڪي چوندس ڇو ته ويجهڙائي ۾ جيڪب آباد مان اوم پرڪاش ۽ ٿل مان فيصلا سرڪي جو اڃا پتو نه لڳائي سگهي آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي جو هيتري ساري انياءُ ٿيڻ باوجود اسان جا اقتدار ڌڻي اهڙن وارداتن ڪي روڪڻ لاءِ ڪو به جوڳو اپاءُ وٺڻ لاءِ تيار نه آهن؟ ڇا اسان ڪڏهن سوچيو آهي ته اسان پنهنجي ٻارڙن ڪي ورثي ۾ ڏاڍ جبر ظلم ستم خوف ۽ هراس ڪان سواءِ ڇا ڏيئي سگهيا آهيون هڪ ڏينهن آءُ اسڪول جي ٿڪاوٽ ۽ سڄي رات مشاعري ۽ جاڳڻ سبب ننڊ جي آغوش ۾ هيس ٻاهران درڪڙ ڪيو ته آءُ سجاڳ ٿيس پنهنجي ننڍڙي پٽ عمران جنهن ڪي صحافي دوست حفيظ سومرو پيار مان علڻ فقير سڏيندو آهي چيو ماس ڏس پٽ ٻاهر ڪير آهي وڏي معصوميت منجهان جواب ڏنائين بابا مان ٻاهر ڪو نه ويندس ڇو ته ڪالهه به هتان ٻن ڇوڪرن ڪي ڪاڪا اغوا ڪري ويا آهن پنهنجي معصوم ننڍڙي جي انهي جواب تي آءُ منجهي پيس ڇو ته اسان جي معاشري ۾ جيڪڏهن اغوا ڪندڙ گروهه ڪي پڪڙيو به وڃي ٿو ته انهن ڪي ڪجهه ڏينهن رمانڊ تي رکي جيل موڪليو وڃي ٿو جتان هڪ ٻن مهينن ۾ نوٽن عيوض آزاد ڪرائي ٻيهر ڪيس اهڙا ڪڌا عمل ڪرڻ لاءِ ڇڙواڳ ڇڏيو وڃي ٿو اهڙا حادثا جيڪي گهرن مان خوشين جا ڏيئا هميشه لاءِ اجهايو ڇڏين ٿا. سي اسان جي انتظاميه لاءِ معمولي حادثي جي حيثيت ڇو ٿا رکن....؟ آخر ڪيستائين ائين ٿيندو رهندو........؟!! اسان وفاقي ۽ حڪومت سنڌ ڪي گذارش ٿا ڪريون ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارڙن سان ٿيندڙ زيادتيون روڪڻ لاءِ ڪي جوڳا اپاءُ ورتا وڃن نہ تہ اسان جو ايندڙ نسل اسان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو جنهن جي ذميوار ملڪي صوبائي ضلعي سرڪار هوندي.

*(هي مضمون 9 اپريل 2007 روزاني پاڪ سنڌ اخبار ۾ ڇپيو)*

# بلوچ عوام کي باهه ۾ نه پڙڪايو

بلوچستان ۾ حالتون ان وقت خراب ٿيون جڏهن ڊاڪٽر شازيه سان ڏاڍائي وارو واقعو بلوچستانجي شهر سوئي مان اپريو هاڻ اها باهه شعلا ڏئي پڙڪن پئي جنهن جا سڄا اثر هاڻ بلوچستان جي سياسي، معاشرتي امن امان ۽ وفاق جي سالميت لاءِ نقصان ڪار ۽ انتهائي نوعيت واري حد تائين پهچي چڪا آهن. انهي حساس مسئلي تي حڪومت کي نهايت سنجيدگي سان غور ويچار ڪرڻ کپي نه ته انتهائي خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا. جو ته ڊاڪٽر شازيه خواجا کي انصاف نه ملڻ سبب حالتون نهايت سنگين موڙ تي وجي بيٺيون آهن جيڪڏهن حڪومت ڊاڪٽر شازيه کي تڪڙو انصاف مهيا ڪري ها ته شايد اڄ اهڙي نوبت نه اچي ها. جڏهن ته بلوچ قومپرست ڌريون اڳ ۾ ئي آپريشن ۽ ڇانوڻين جي مخالفت ۾ سخت موقف رکن ٿيون. ساڳئي وقت گوادر ميگا پراجيڪٽ ۽ ٻين معدني وسيلن توڙي صوبائي حقن لاءِ بلوچستان کي پنهنجي راءِ شماري جو حق نه ڏيڻ وارو عمل به ٻين صوبن کان پنهنجا من پسند ماڻهو پرتي ڪرڻ ۽ ٻي وڏي ڳالهه اها به آهي ته بلوچستان جو 5.2 سيڪڙو ڪوٽا آهي پر هينئر تائين صوبي کي 3.5 سيڪڙو ملي آهي 1937ع جي آئين مطابق بلوچستان کي مليل ڪوٽا تي حڪومت عمل نه پئي ڪري.

حڪمرانن جي اهڙي رويي سبب سنڌ، بلوچستان اندر اهڙين پاليسين خلاف سخت بيچيني موجود آهي. خاص ڪري بلوچستان اندر ڊيرا بگٽي ۽ ڪوهلو ۾ بلوچن خلاف آپريشن سبب سڄي ملڪ ۾ حالتون ڳنڀير بڻيل آهن.

نواب اڪبر بگٽي ۽ پٽ جميل بگٽي، ڏوهٽي براهمداغ بگٽي ۽ نواب بالاچ خان مري ۽ همايون مري خلاف ڪيئي ڪيس درج ڪيا ويا آهن ۽ سوين تعداد ۾ بگٽي جوان گرفتار ڪيا ويا آهن مٿان ورِي اطلاع آهن تہ ڪيئي آرمي جوان بہ اجل جو شڪار ٿيا. هتان ورِي اطلاع آهن تہ آرمي جوانن نواب بگٽي جي آبائي قلعي کي تباهہ ڪيو آهي ۽ اتي پڻ قبضو بہ ڪري ورتو آهي ان علائقي ۾ بجلي، گئيس، پاڻي جون لائينون بند ڪيون ويو آهن ۽ جنهن سبب علائقي واسي لڏ پلاڻ تي مجبور آهن گذريل ڏهاڙي خبر آئي تہ ڊيرا بگٽي مان لڏ پلاڻ دوران سيءَ سبب 7 ٻار فوت ٿي ويا جڏهن تہ ٻيو واقعو ڊيرا مراد جمالي ويجهو لڏي ايندڙن جو ٽريڪٽر ڪلٽي ٿي پيو هڪ ئي خاندان جا 5 ڀاتي فوت ٿي ويا بلوچستان آپريشن دوران اهڙا ڪيئي واقعا پيش آيا آهن ڪيئي مائرن جون جهوليون اجڙي ويون ڪيئي ونيون بيواهہ ٿي ويون ڪيئي ٻارڙا يتيم ٿي ويا ڪي وري جيئري جاڳندي معذوري واري حالت ۾ زندگي ۽ موت سان ڊگهي ويڙهہ وڙهي رهيا آهن پر سڀ ڪجهہ ڏسندي بہ حڪمران اڃان پنهنجي هوڏ تي قائم آهن. جڏهن بلوچستان اڳواڻ پنهنجي بچاءَ لاءِ هر قسم جي مذمت ڪري رهيا آهن. ڪيئي اهم سياسي شخصيتون سرڪار کي بلوچستان آپريشن روڪڻ لاءِ زور ڀري رهيون آهن. پر خدشو آهي تہ مٿان حڪومت 1970ع وارو واقعو دهرائي چو تہ هن وقت ڊيرا بگٽي سوئي ڪوهلو ۾ ڪرفيو جهڙي سنگين صورتحال آهي هر طرف بمباري راڪيٽ وسن پيا. گهر گهر تلاشي جو سلسلو هلندڙ آهي. اڪثر ڊيرا بگٽي ۽ سئي خالي ٿي چڪا آهن. جنهن جي تصديق پڻ ڊي سي او ڊيرا بگٽي اخبارن ذريعي پڻ ڪئي آهي تہ نواب اڪبر بگٽي پنهنجي راڄ سميت اسان جي پهچ کان پري جبلن ۾ لڪيو آهي جيڪڏهن حڪومت بلوچ اڳواڻن سان جنگ بند نہ ڪئي تہ ان جا خراب نتيجا نڪري سگهن ٿا نہ تہ حڪومت کي کپي تہ تڪڙا قدم کڻي تہ اڃان بہ بلوچستان جي صورتحال ۾ ٺاپر اچي سگهي ٿي ۽ بلوچستان جو عوام وري امن ڏانهن موٽي سگهي ٿو.

*(هي مضمون 12 فيبروري 2006 تي هفيتوار غريب نواز اخبار جيڪب آباد ۾ ڇپيو ويو)*

# جرڳا ۽ انسانيت جو تقدس

اسان جي سنڌ سونهاري امن سڪون پنهنجائپ ۽ پيار واري ڌرتي آهي، اڄ ڪلهه سنڌ ۾ جرڳن جي ڪري جيڪا تباهي ۽ بربادي ٿي رهي آهي ۽ انسانيت جي جيڪا تذليل ڪئي پئي وڃي ان جو مثال ڪٿي به نٿو ملي، هر روز ڪو نه ڪو اهڙو خانگي فيصلو ضرور ٿئي ٿو جيڪو انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪائي ڇڏي ٿو. پر وڏيرا ۽ پوتار جو اهي ماڻهو جيڪي جرڳن توڙي خانگي فيصلن کي پنهنجو ڪاروبار بڻائي وينا آهن، انهن کي ڪنهن به قسم جي ڪا پرواهه ناهي ڇو ته هنڌ اهو سڙندو آهي جتي باهه ٻرندي آهي، 26 اپريل جي اداس ڏينهن جڏهن پنهنجي محبت کي زندگيءَ جو سرمايو سمجهندڙ ناري گل بخت بروهي پنهنجي محبوب مڙس کان هميشه لاءِ جدائي جي فتوئ ٻڌي تڏهن آسمان جي دل روئي پئي هئي، آسمان جون اکيون به بادلن سان پرجي برسي پيون هيون.

گل بخت بروهي ته پيار ڪيو هو، هن جو قصور صرف ۽ صرف اهو هو جو هن پنهنجي پسند جو ور ڳولهي لڌو هو هن کي حسين خواب ڏنا ها هڪ ننڍڙو گهرڙو جوڙيو هو، جنهن ۾ اجان هڪ گلن جهڙي نازڪ نفيس نياڻي مس ڪيڏڻ جي سانباها پئي ڪيا ته معاشري جي غيرتي وڏيرن گل بخت ۽ لياقت چانڊيو جي خوابن کي سوب ماڻڻ نه ڏني، انهي شام جڏهن هڪ جرڳي ذريعي گل بخت بروهي ۽ لياقت چانڊيو کي جدا ڪيو ويو ته انهي ويل منهنجي من اندر چڻ ڪنهن وڇون پئي ڏنگ هنيا. پيار جي پلصراط تان گذري 3 سال اڳ هن غربت ۽ مفلسي واري دور ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پريمي لياقت چانديو سان لائون لڏيون هيون پر هن کي ڪهڙي خبر هئي تہ 26 اپريل تي خوابن جو خون ڪيو ويندو ڇا هن معاشري ۾ "آزاد جيئڻ جو حق ڪنهن کي ناهي....؟"

ڇا چوٽيل نمائنده عوام ان ڪري چونديا هئا جو اهي ايوانن تائين پهچي سندن ئي خواهشن جو خون ڪن، مان ان وڏيري کان پڇان ٿو تہ اها انڌ واري ٻينڪ اکين تان لاهي سوچ هڪ عام ماڻهو تي ڇا تو لياقت چانديو ۽ گل بخت بروهي جي اکين ۾ لڙڪ ڪو نہ ڏٺا هئا، هڪ منصف ۽ انسان ٿي ڪري فيصلو ڪرين ها تہ ڇا پئي ٿئي.

انائن خاطر ٻن دلين جي جذبن جو خون ڪري ڇڏيو تو کي ٿورو بہ انسانيت جو احساس ڪو نہ ٿيو. پر تو کي احساس ٿئي بہ ڪيئن تو تہ ڪڏهن پيار ئي ناهي ڪيو تہ پوءِ تو کي ڪهڙي خبر تہ پيار ڇا هي، جدائي ڇا هي تو تہ جوڀن جا ڏينهن دولت جي نشي ۾ گذاريا تو کي ڪهڙي ڪل تہ هاڻ گل بخت بروهي ۽ لياقت چانديو جا پل ڪيئن ٿا گذرن. تو تہ ٻنهي کي نہ ماريو نہ جيئاريو، هو تہ سولي جي صليب تي پيا لٽڪن، ڪاش تون بہ پيار ڪرين ها تہ پتو پوئي ها تہ ٻن دلين کي ٻچڙن کان ڪيئن جدا ڪبو آهي ان ظالم وڏيري کي اهو بہ احساس ڪو نہ ٿيو تہ گل بخت بروهي کي ڏي فضا آهي جڏهن تہ پيو ٻار پيٽ ۾ پلجي رهيو آهي. ان فيصلي ٻڌڻ سان ٻئي پريمي زارو قطار روئندا رهيا. ماءُ کي پنهنجي ڏيڍ ورهيہ نياڻي کان جدا ڪيو ويو. انسانيت جو ڪنڌ جهڪي ويو.

سنڌي سماج ۾ ننڍڙي پيماني تي مسئلا حل ڪرڻ ۾ راجوڻي سطح ٺيڪ آهي. پرمان نوابشاهہ واري جرڳي کي جنهن ۾ گل بخت ۽ لياقت چانديو کي الڳ ڪيو ويو ان کي انسانيت ۽ انساني قدرن تي حملو سمجهان ٿو، سپريم ڪورٽ پڻ ان جو نوٽيس نہ ورتو، ڇو تہ هي ٻن پريمين جي زندگي جو نہ بلڪ ڇئن زندگين جو سوال هو ان ڪري گل بخت بروهي، لياقت چانديو ۽ معصوم فضا سان هر صورت ۾ انصاف ڪيو نہ ويو، جيڪڏهن سنڌ ۾ جرڳن جو اهو جهنم بند نہ ڪرايو ويو تہ ڪيئي زندگيون جلي ڪامي پچري تباهہ ٿي وينديون. اهي جرڳا بند نہ ٿيا تہ اڳتي خبر ئي ناهي تہ ڪيترن دلين جا خواب چڪنا چور ٿيندا ڪيترا پريمي هڪ ٻئي کان جدا ٿيندا رهندا.

*(هي مضمون سنڌو ڊائجيسٽ ۾ 13 مئي 2012 تي ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي مهمان نوازي

انسان جي جن ڳڻن ۽ خوبين کي سدائين ساراهيو ويندو آهي تن ۾ سورهيائي سخاوت ۽ مهمان نوازي به شامل آهي. مهمان نوازي فارسي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن شخص جو خوشيءَ سان آدر ڀاءُ ڪرڻ ۽ ان جي خدمت چاڪري ڪرڻ دنيا ۾ هر انسان کي ڪڏهن نه ڪڏهن ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن جو مهمان ٿيڻو ئي پوندو آهي مهمان هر ڪنهن مهمان جي خواهش هوندي آهي ته ميزبان ڪيس ڪلي ڪيڪاري عزت ۽ محبت ڀريو سلوڪ ڪري! اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسان مان هر ڪو ماڻهو خوشي ۽ دل سان آئي جو آدر ڀاءُ ڪري. ان کي ڀاڻ لاءِ رحمت ۽ بخت سمجهندو هجي. دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ انسان پيغمبر سڳورا آهن ۽ سيئي پيغمبر مهمان نواز هئا. حضرت ابراهيم عليه وسلم لاءِ مشهور آهي ته جيستائين وٽن مهمان نه ايندا هئا ته تيستائين ڀاڻ ماني نه کائيندا هئا، هڪ ڀيري الله تعاليٰ پنهنجن ملائڪن کي انساني صورت ۾ حضرت ابراهيم عليه سلام وٽ موڪليو ته جئين الله جو پيارو نبي ماني کائي، سيئي نبين سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن به تمام گهڻا سخي ۽ مهمان نواز هئا وٽن مسلم توڙي ڪو غير مسلم مهمان ٿي ايندو هو ته ڀاڻ سڳورا ڏاڍا خوش ٿيندا هئا، ڪين پنهنجن مبارڪ هٿن سان ماني کارائيندا هئا، ان جي خدمت ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيندا هئا. مهمان جي عزت ڪريو توڙي امير هجي يا غريب. سنڌ ۾ عام چوڻي آهي ته بختاور سوگهر آهي جنهن ۾ مهمان آيو. جنهن جو مطلب آهي ته اسان وٽ انهي ماڻهو کي ڀاڳ وارو سمجهيو ويندو

آهي جنهن وٽ بہ مهمان آيو اهو گهر ڀاڳ وارو آهي اهڙي مهمان نوازي سنڌ ۾ عام آهي تنهنڪري سنڌ دين ۾ مهمان نوازي جي ڪري دينا ۾ مشهور آهي اڄان بہ ايئن ڪٿي چئجي تہ مهمان نوازي اسان جي ثقافت ۽ تهذيب جو مکيہ اهڃاڻ آهي سنڌ ۾ خاص طور تي ٻهراڙي ۾ جيڪڏهن ڪنهن وٽ مهمان اچي ويو تہ ماڻهو ان کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن سندن هميشہ اهائي خواهش هوندي آهي تہ مهمان وٽن ايندا رهن. جيئن هو وڌ ۾ وڌ سندن خدمت ڪري سگهن. مهمان ڪيڏيءَ مهل بہ اچي تہ گهر ڌڻي خدمت لاءِ هر وقت تيار هوندو آهي. ڳوٺن ۾ آئي وئي مهمان جي خدمت لاءِ اوطاقون ٺهيل آهن، باقي شهرن جا رهواسي مهمان ڏسي وتندا بوٽ لڪائيندا متان مهمان جو ويلو ڳڇي ۾ پئجي وڃي پر جيڪڏهن ٻهراڙي ۾ ڪنهن غريب وٽ اوطاق ناهي تہ هو سڀ کان پهرين مهمان لاءِ کٽ يا تڏو ڪٿي ايندو آهي پوءِ ماني تيار ڪرائي اچي مهمان کي کارائيندو آهي اسان جي سنڌ جا ڳوٺاڻا مهمان سان ڪچهري لاءِ هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندا آهن اونهارو هجي تہ کليل ميدان تي ۽ جيڪڏهن سيارو هجي تہ باهہ جو مچ ٻاري ان جي چوڌاري ويٺ ڳجهارتون مطلب تہ مهمان کي خوش رکڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪندا آهن. ڀچاڙي جو موڪلائڻ وقت ڪيس حال آهر سوڪڙيون پاڪڙيون بہ ڏيندا آهن. مردن سان گڏ ٻهراڙي جون عورتون بہ مٺيادار ۽ مهمان نواز آهن جيڪڏهن مرد جي غير موجودگي ۾ وٽن مهمان اچي ويو تہ ان جي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهنديون آهي ۽ مهمان کي الله طرفان اماڻيل ڀاڳ سمجهندي سندس ادا ادا چئي خدمت ڪنديون آهن

*(هي مضمون 21 مئي 2006 روزاني پاڪ سنڌ اخبار ۾ ڇپيو)*

# جهالت تي ٻڌل رسمون

گذريل ڪافي سالن کان قبيلائي تڪرارن. جرڳن. ڪاروڪاري جي حوالي سان اتر سنڌ جا شڪارپور، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ لاڙڪاڻو، خيرپور ضلعا تمام مشهور آهن، جڏهن اميرن انصاف بجاءِ خوشامند شروع ڪئي ته عام ماڻهن مان به ايمان جي سلامتي هلي وئي. اڳ خونن جا فيصلا به قرآن پاڪ جي ساک تي ٿيندا هئا پر هاڻ عام ماڻهو قرآن پاڪ بجاءِ باهه چرپيلي کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. گذريل ڪجهه ڏينهن اڳ جيڪب آباد پرسان قتل جي شڪ هيٺ آيل ٻن پائرن کي باهه تان گذاري بيڏوهي هجڻ جي ساک ورتي وئي، جيڪا هن وقت تائين سنڌ جي ذهني غلاميءَ جو ايڊائيندڙ مثال پيش ڪيو پيو وڃي. هڪ ڏهه فوٽ ڊگهي ٽي فٽ ويڪري کاهي کوٽي ان ۾ 15 مڻ ڪاٺيو ساڙي الزام هيٺ آيل ماڻهن کي ڳاڙهن ٽانڊن تان گذاريو ويندو آهي. جيڪڏهن پيرن تي فٽ ٿيا ته مجرم ثابت ٿيندو جيڪڏهن بعد ۾ پير نه ڦٽجڻ سبب بيڏوهي قرار ڏنو ويندو. هاءِ ڙي انسان هاڻ قرآن مجيد تان به تنهنجو ايمان باهه تي آهي اها ڳالهه سمجهڻ ڪا گهٽي ڏکي نه آهي ته اسان جا ماڻهو جاهلي جي دور جي هڪ وحشيانه رسم کي به مڃڻ لاءِ چو تيار آهن ۽ هن جديد دور ۾ به پوليس، قانون ۽ عدالتن بجاءِ جرڳن ۽ چر پيلن جهڙي رسمن کي ئي حق ۽ انصاف جي علامت سمجهي رهيا آهن. دراصل اهي سمورا ادارا جن تي سرڪاري هجڻ جو ٺپو لڳل آهي. تن ڪڏهن به ماڻهن جي خدمت ۽ سنڌن ڏکيائين ۾ پوئيواري کي پنهنجو فرض تصور ئي نه ڪيو آهي. وک وک تي پريشانين ۽ مسئلن جو شڪار ماڻهو جڏهن ڏوهي يا بيڏوهي ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وقت پيو گذرندو.......!

جڏهن ڪنهن پنهنجي جو ڏک لڳندو آهي ان ڏکي پوندو آهي ڪنهن شاعر جي انهن چند لفظن ۾ ڪيڏو نہ ڏک ۽ درد سمايل آهي ڏک دل کي ڏجهندا آهن اهي ڏک مختلف قسمن سان ٽيندا آهن جيڪي هر انسان جي قسمت ۾ لکيل هوندا آهن جيئن ڪنهن جوان پٽ جي موت جو ڏک پوڙهي پيءُ جي چيلهہ ڀڃي وجهندو آهي يا ڪنهن ڀاءُ جو وڇوڙو ڀئي ڀاءُ جو جيءُ جهوري وجهندو آهي يا ڪنهن جوان ونيءَ جو ور زندگي جي آڙانگي سفر ۾ پاڻ بي وقتائتي موت جي ور چڙهي ويندو آهي ۽ انهي ونيءَ کي دنيا جي طعنن لاءِ تنها ڇڏي ويندو آهي تہ اها معصوم عورت روز مرندي ۽ روز جيئندي آهي واقعي اهي ڏک تہ انسان جي برداشت کان وڏا هوندا آهن پر چوندا آهن تہ مرڻ واري سان گڏ ڪير بہ مري ناهي ويندو، پر باهہ جي سڙي جا ڦٽ ڇٽي ويندا آهن پر اهي ڦٽ پنهنجا اڻ مٽ نشان ضرور ڇڏي ويندا آهن. زندگي جو ڪارو هنواري ڏکن سکن ۾ پيو هلندو. پر جبلن جيڏا ڏک برداشت ڪري حوصلو رکڻ بہ ڏاڍي اوکي ڳالهہ آهي بقول استاد بخاري جي تہ:

لاڏلي چلولي زندگي جي پيٽان اڻ جهليو اڻ پليو موت پيو وڙڪندو وقت پيو گذرندو.

سو واقعي وقت پيو گذرندو ڪنهن کي ڪٿي ڪيترائي درد ڇو نہ هجن مهراڻ جي موجن جيان ڇلندي لهر لهر ٻڏجي زندگي جون شامون ڪٽنديون ٽيون وڃن. جنم جنم تائين سات نياڻڻ جا واعدا وچن ۽ قسم

ڪٽندڙ ساٿي هڪ هڪ ٿي ائين ساٿ ڇڏيندا ٿا وڃن جيئن ڪنهن يتيم ٻار جو ساٿ خوشيون ۽ ٽهڪ ڇڏي ويندا آهن جيئن ڪنهن شاعر چيو تہ:

ڏور ٿيندا وڃن روز جو ڳيئڙا تون. اڃا پيو جئين هاءِ ڙي جيئڙا

ڏاڍي ڏکن واٽن تي ڇڏي ويندڙ ساهہ ڪان پيارن ساٿين جون سارونيون ۽ بي قياس يادون بہ هر ويل ڪنڌا ۽ ڪوڪا ٻڌجي هيانءُ ۾ چيڀنديون آهن، هزار ڪوششن باوجود بہ اسان جهڙا ابوجهہ ۽ سادا ماڻهو انهن ساٿين جي سارونيڻ ۽ بي رحم يادن ڪان پنهنجو پاند ڇڏائي ناهن سگهندا. اسان جهڙن بي سمجهہ انسانن ڪي تہ اها ڪل بہ ناهي هوندي تہ پيار جي واٽن جا پنڌ ڪي ايترا اوکا هوندا آهن جو انهن پيچرن جي چپي چپي تي ڪنڊا پکڙيل هوندا آهن نہ ڇاڻ انهن راهن تي هلندي هزارين زخم ڪائي پنهنجا پير پٿون ڪرڻا پوندا. الائي تہ ڪڏهن اسان جي ڀاڳ وارين هٿ جي لڪيرن ۾ قرب جو ڪٽو ڪرندو. الائي ڪڏهن اسان ڪي اسان جون محبتون انهن بلندين تائين پهچائينديون. الائي ڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ تان ديوانگي ۽ چريائپ جو لڳل ليبل لاهي سگهنداسين.

الائي تہ ڪڏهن چند ڏوڪڙن عيوض وڪامندڙ زندگيون، وڪامجڻ بند ٿينديون، ڪڏهن هن اڌوهي ڪاڌل سماج مان بداخلاق، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ ڏيکائيندڙ بگهڙ نما انسان جو خاتمو ٿيندو.

الائي تہ ڪڏهن اڄ جو انسان پنهنجو پاڻ ڪي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪري ماضي ڪي وساري مستقبل ڪي سنوارڻ جي ڪوشش ڪندو.

*(هي ڊائري جو ورق 19 جون 2007 تي روزاني خبرون اخبار ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت صحت کاتي ايريگيشن ۾ ٻين کاتن ۾ نوجوانن کان امتحان ۽ رٽن ٽيسٽ پڻ ورتي، اميرن جي پٽن کي آرڊر ملي ويا. غريبن جا ٻار آفيس جا چڪر ڪاٽيندي نظر اچن ٿا. پر اسان جي سنڌ صوبي ۾ نوجوان ڊگريون حاصل ڪرڻ کان پوءِ به نوڪرين جو آسرو رکيون ويٺا آهن ۽ ڪافي نوجوان بيروزگاري ۽ غربت واري زندگي کان تنگ ٿي ڪري خودڪشيون ڪري ڇڏين اهڙي عمل کان پوءِ هنن نوجوانن جي گهر وارن جي حالت ڇا هوندي اها ڪنهن سوچي آهي. جنهن جي ارمان ان جي ماءُ پيءُ ڀاءُ ڀينرن کي سڄي زندگي هنجون هاريندي هڪ سزا يافته زندگي گذارن ٿا اهي پڻ انهي افسوس ۾ رهن ٿا ته يا خدا اسان کي چار ڏوڪڙ ڏين ها جن عيوض پٽ کي نوڪري ملي ها جيئن هيشه لاءِ اسان کان جدا نه ٿئي ها. ان لاءِ حڪومت ۾ ويٺل ماڻهن کي گهرجي ته هو جنهن محڪمي جا انٽريون ۽ زباني ٽيسٽ وٺن ٿا. انهن جا آرڊر جاري ڪيا وڃن. جيئن نوجوان نوڪرين ۾ لڳي وڃن. ۽ ملڪ مان بيروزگاري ۽ غربت کان تنگ ٿي ڪري خودڪشيون نه ڪن ۽ اهي خودڪشي کان بچي سگهن ۽ هنن جا خاندان سڄي زندگي پنهنجن پٽن لاءِ روئندي نه پر دعائون ڏيندي گذارين.

*(هي مضمون 12 جولاءِ 2006 تي روزاني پاڪ سنڌ اخبار ۾ ڪوشش ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورت وڪ تي پيڙا پوڳي ٿي

مان هر روز اخبار پڙهندو آهيان ته مون کي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته اجان اسان ڪلچرل نه ٿيا آهيون. اجان اسان کي بدلجڻ ۾ وقت لڳندو جو ته اسين پنج هزار سال اڳ تباهه ٿياسين ۽ ايندڙ پنج هزار سال سنڌ ۾ لڳندا. ڪاروڪاري رسم اسان جي سماج ۾ زور وٺي وئي آهي. اها رسم صرف ۽ صرف اسان کي برائي ڏانهن وٺي وڃي ٿي هيءَ هڪ قسم جي تمام وڏي ۽ خطرناڪ بيماري آهي. جيڪا صرف ۽ صرف انساني جانين جي ذيان ٿي آهي. نياڻين جي ايڏي وڏي بي عزتي ڪئي وڃي ٿي جو ڳوٺ جي غير مرد سان غيرت جي نالي سان ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو. پلا پنهنجن ئي ننگن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ڪٿان جي شرافت آهي...؟ اسان مردن کي بس ڪوڪلي غيرت ئي عزيز آهي جو ڪنهن نياڻي کي سامائڻ ڪان اڳ ۾ ئي داغ لڳائي ڇڏيون ٿا. ڪاروڪاري جو رجحان ان ڪري ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي ٿو جو ماڻهن ۾ تعليم نه آهي انهن ۾ شعور ۽ بيداري پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ان جهالت جي ڪري ئي اسان موجوده دنيا جي تقاضائن کي پورو نٿا ڪري سگهون. اسان اجوڪي دنيا جي ماڻهن سان قدم قدم سان ملائي نٿا هلي سگهون.

ڳوٺن ۾ ڪاروڪاري جي لعنت شهرن جي پيٽ ۾ گهٽي آهي ڪجهه ڪيس اهڙا ڏنا ويا آهن جن ۾ ڏسي وائسي ڳوٺ جا چڱا مڙس شامل هجن ٿا. پيءُ ۽ ياءُ کي پيسن ۽ ٻئي شادي جي لالچ ڏني وڃي ٿي آخر ڪار هو هڪ نيئن جوان نينگر حاصل ڪرڻ لاءِ ذاتي ننگن کي ۽ تلوارن ڪهاڙين ۽ بندوقن جو ڪاچ بڻائين ٿا. جنهن سان انهن کي دنياوي خوشي ته ملي ٿي پر روحاني راحت ڪو نه ٿي نصيب ٿئي. هو بظاهر ته غيرتي لڳن ٿا پر اندران ٺلها ۽ ڪوڪلا آهن. ڪيڏو نه بيوس ۽ لاچار ڪري ڇڏيو آهي غلط ريتن ۽ رسمن اسان کي.....؟!! اهي جيڪي قوم جا پرجهلا آهن اهي پنهنجن گهرن کي لٽين ٿا ته اهي ٻين جي گهرن جي حفاظت ڇا ڪندا؟ ڏک جي ڳالهه اها آهي ته اسان مردن کي پنهنجي خون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڀروسو نہ آهي اهي غيرت جي نالي ڪوڙ ۽ مڪار جو ساٿ ڏين ٿا. جيڪڏهن اسلامي نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي تہ اهڙي قسم جي ڪا بہ حرڪت ڪرڻ جي اسلام اسان کي اجازت نٿو ڏئي تہ ڪنهن سان زور زبردستي شادي ڪئي وڃي. شاديءَ جي معاملي ۾ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري کي برابر جي بنيا تي حق حاصل آهن پر اسان جي سماج ۾ ڇوڪريءَ کي تہ ڇا پر ڇوڪري جي راءِ کي بہ اهميت نٿي ڏني وڃي. جنهن جي نتيجي ۾ پريمي جوڙا جنم وٺن ٿا.

اڳئين دور ۾ نياڻين کي جيئري پوريندا هئا هاڻ انهن نياڻين کي ڪهاڙين سان ٽُڪيا ٽُڪيا ڪيو وڃي ٿو. جنهن کي ڪاروڪاري جو رنگ ڏنو ٿو وڃي. پر جڏهن نياڻين جي شادي جي ڳالھ ايندي آهي تہ تڏهن انهن کان پڇڻ بہ مناسب ڪو نہ سمجهندا آهيون. ان وقت اسان جا مرد حضرات اهو بہ سوچيندا ناهن تہ زندگي انهن کي گذارڻي آهي. اسان تہ پاڻ سلجهيل ڇورائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهيون پر اسان وٽ نياڻين جي ڪا بہ اهميت ناهي انهن کي رڍ ٻڪري سمجهي وڪيو ٿو وڃي مون کان اڄ بہ ٽل جي اها زاهده ڀهوڙ ناهي وسري جنهن کي پيءُ قرض عيوض 70 سالن جي پوڙهي سان پرڻايو هو پر جڏهن اها ڳالھ ميڊيا تي آئي تہ وري بہ هو پنهنجي پيءُ جي پرم رکندي چوي پئي تہ بابا وارن جي مرضي جنهن سان پرڻائن پر مون کي ڪو اعتراض ناهي مونکان روهڙي جون اهي ٻئي نينگريون بہ ناهن وسريون جن کي ڪارنهن جي ڪوڙي الزام تحت چنّي ۾ ڏنو ويو هو انهن جون دانهون ٻڌي مون تہ ڇا پٿر دل بہ رنا هوندا. پر مونکان اڄ تائين پٽ شاھ جي گونگي ناري عائشہ بہ ناهي وسري جنهن کي هڪ بااثر شخص حوس جو نشانو بڻايو ۽ هن ناجائز ٻار کي جنم ڏنو. ناجائز اولاد هوندي بي زبان گونگي ڪيئن نہ پنهنجي پٽ کي پيار ڪري پئي پر اهي بااثر بي ڌڙڪ ٿي مچون وٺي آزاد گهمي رهيا آهن. پر مون کي انديشو آهي تہ اهي بااثر شخص ڪنهن بہ وقت ڪارنهن جي ڪوڙي الزام تحت ان معصوم گونگيءَ کي قتل ڪرائي ڇڏيندا. جو تہ هن گندي رسم تحت ڪيترين ئي نارين بنا ڏوھ قتل ٿي ويون آهن ، سنڌي رسمن جي ڀرين اهڙي حالت ڪا نہ هئي هاڻي ماڻهن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي، انهن ماڻهن تي...الله پاڪ قهر نازل ڪري جن کي پنهنجي ننگن تي غيرت ڪو نہ ٿي اچي.

الله ڪا ماڻهن کي ساڃاھ ڏي جو اهڙي ڪڏين رسمن خلاف اٿي پون ۽ گندي رسمن مان ڪو ڇوٽڪارو ملي.

*(هي مضمون 13 آگسٽ 2006 روزاني سڪار اخبار ڪراچي ۾ ڇپيو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي حس حڪمران ۽ غريب عوام

اها حقيقت آهي تہ غربت سيني براين جي ماءُ سمجهي وڃي ٿي. جيڪي ملڪ غربت کان پاڪ آهن اتي ورلي ڪو ڏوهہ ٿئي ٿو جتي گهڻي غربت هجي ٿي اتي ڏوهہ بہ جام ٿين ٿا ۽ ٻيون بہ ڪوڙ ساريون برايون ٿين ٿيون بدقسمتي سان اسان جي حڪمرانن جي ان طرف توجع ئي ڪونهي. جنهن سبب اهڙائي واقعا ٿيندا رهن ٿا. جيئن گذريل ڏينهن اخبارن ۾ رپورٽ پڙهي تہ حيدرآباد جي غريب آباد واري علائقي ۾ پيءُ پنهنجي ڇئن نياڻين کي پڄاري واهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ پاڻ بہ غربت کان تنگ ٿي پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائڻ پئي چاهيو، پر پاڻ سورن لاءِ بچي ويو، ساڳي اخبار ۾ ساڳئي ڏينهن تي سکر ۾ غريب خاندان غربت کان تنگ ٿي ٽن ٻارڙن کي ايڌي سينٽر حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ڄاڻايو ويو تہ غربت ۽ مهانگائي سبب اولاد کي پالڻ، بيماري جا خرچ وس کان ٻاهر آهن. جڏهن اسان جي سماج ۾ ٻار پالڻ جي نہ سگهہ رکندڙ فرد بہ آهن تہ پوءِ اهڙا ڪوڙ اندروني داستان بہ آهن. جيڪي ميڊيا تي رپورٽ نہ ٿا ٿين. ان جو ڪاٿو لڳائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. هڪ اهڙو خطو جيڪو پنهنجي خوشحاليءَ سببان سدائين ڌارين جي ڪاهن هيٺ رهيو آهي. جتي جون ٻنيون ڪنهن وقت سون اپائينديون هيون. اڄ ان ڌرتي جا والدين پنهنجي اولاد جو پيٽ نہ ڀري سگهڻ ڪري انهن کي جيئري ئي موت جي منهن ۾ اڇلائين ٿا. ان کان وڌيڪ ڀلا ڪهڙي بيحسي ٿي سگهي ٿي...؟ جيتوڻيڪ اهڙن والدين کان ضرور پڇاڻو ٿيڻ گهرجي. پر ڇا ان ڏوهہ جا فقط اهي والدين ئي ذميوار آهن...؟ ڇا حڪومت جو ان سلسلي ۾ ڪو بہ فرض نہ ٿو بڻجي...؟ جيڪڏهن ڪو سڌريل ملڪ هجي ها تہ اهڙين واقعن جو نوٽيس وٺندي. ان وقت جي سرڪار کي ضرور ڏوهي قرار ڏي ها. پر

# ڪي ڪي ماڻهو ڏاڍا پيارا

هن دنيا جا به عجيب رنگ آهن ڪٿي پير پيغمبر ته دارا سڪندر ۽ ڪٿي مرد مجاهد ته ڪٿي، فقير لوڪ انسان ته ڪٿي غريب ڪڪاون گهرن ۾ مختلف وقتن تي جنم وٺن ٿا، هن زندگي جي سمنڊ ۾ ڪيئي موتي ۽ لعل لڪل آهن هر هڪ جو ملهه پنهنجو پنهنجو آهي جيئن ڪنهن شاعر چيو ته

هر ڪو ماڻهو پنهنجي اگهه اگهاڻو
جيڪو ماڻهو ناهي وڪاڻو سوئي موتي داڻو

سنڌ جي مردم ۾ خيز زمين اهڙا ته ماڻڪ وقت بوقت پيدا ڪندي رهي آهي جيڪي اڳتي هلي تاريخ جا ستارا بڻجي ويا هڪڙو اهڙو سرواڻي جو ڪردار ادا ڪندڙ قوم جي حقن لاءِ سجاڳي جا سڏ ٿو ڏئي امن جو سفير بڻجي ساري سنڌ واسين کي جاڳائي امن جو درس ڏيئي ٿو اهڙو گلاب جو گل شڪارپور ضلعي جي تعلقه ڳڙهي ياسين پر سان درگاهه اورنگ آباد جيلاني ۾ سيد عبدالنبي شاهه جيلاني پٽ سيد اورنگ شاهه جيلاني جي نالي سان پهرين جنوري 1968ع ۾ اکيون کوليون.

جنهن شروعاتي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي شڪارپور مان ميٽرڪ پاس ڪري سکر مان انٽر پاس ڪيائين ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان ايل ايل بي ڪيائين سندس خواهش هئي ته وڪالت ڪري غريبن ۽ پٽ تي پيل ڏتڙيل ماروئڙن جي خدمت ڪريان پر وڪالت شايد نصيب ۾ نه هئي هو پاسڪو ۾ پراجيڪٽ آفيسر مقرر ٿيو پر تنهن هوندي به جذبو جوان رهيو حقيقت اها آهي جو مان ڪمزور ذهن هڪ اهل علم اهل شعور هڪ عظيم شخصيت مطلق لکڻ جي قابل ناهيان پر اندر جي اڌمن ۽ جذبن تي قابو نه پائيندي پنهنجي ننڍڙي ذهن مطابق ڪجهه سٽون لکي رهيو آهيان چو ته سائين کي مون هميشه اها نصيحت هر ڪنهن کي ڪندي ڏٺو آهي ته ”انسان ڪيترو به وڏو ڇو نه ٿئي پر ان کي پنهنجي اوقات ياد رکڻ گهرجي“

سنڌ جو هي جيلاني خاندان سياسي توڙي سماجي طور ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي، چوٽي آهي ته ”سلو انگوران پلو“ اهڙي ريت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين سيد اورنگ علي شاهه جيلاني جهڙي مدبر شخصيت جي گهر پيدا ٿيڻ سندس پرورش حاصل ڪرڻ سبب بهادري، انسانيت ۽ شعوري سگهه ورثي ۾ مليل آهن شاهه صاحب محفلن جو مور ڪچهرين جو ڪوڏيو آهي سندن هر ڏکئي موڙ تي به سندس منهن تي مرڪ هوندي آهي. هميشہ غريبن ۽ مسڪينن جي لاءِ ئي سوچيندو آهي.

سيد عبدالنبي شاهه جيلاني سچ گو،سيبتو سچاڻ، ڪرو ۽ اڻ ترهر ڳالهه ۾ وڏو انسان آهي ۽ جنهن به محفل ۾ هوندو آهي تہ سچو وايو منڊل سندس شخصيت جي چوڌاري پيو چڪر ڪاٽيندو آهي اڻ سجاتل ماڻهو هڪ ڀيرو سندن پيار ۽ پاڀوهه ڀريا ٻول ٻڌا تہ سڄي عمر لاءِ دوستيءَ جي دام ۾ جڪڙ جي ويندو پيار جو پيوند اهڙو تہ مضبوط ٿي ويندس جو ڪوشش جي باوجود بہ ٽٽي نہ سگهندو شاهه صاحب گفتگو تہ اهڙي عالماڻي ۽ نصيحت ڀري انداز ۾ ڪندو آهي جو محفل ۾ ماڻهو پنڊپاهڻ ٿي رڳو سندس منهن ڏانهن تڪيندي دنگ رهجي ويندا آهن .

مهمان نوازي ۽ سخاوت تہ هن سيد ڪان ڪو سکي هٿ ۾ جيڪي ڪجهہ هوندس ڪنهن ضرورت مند، ۽ مريدن مٿان هڪڙي ڏينهن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو آهي ٻئي ڏينهن وري نئين سئين، شاهه صاحب دولت سان ڪڏهن پريت نہ لڳائي ۽ سندس چوڻ آهي تہ پيسو بدن جو مر آهي جيترو جلدي ڌوئي صاف ڪجي تہ بهتر آهي ان حوالي سان شيخ سعدي فرمائي ٿو تہ.

سخي پنهنجي مال جو ميوو کائيندا آهن جڏهن تہ بخيل ۽ ڪنجوس هميشہ سون ۽ چاندي گڏ ڪرڻ جي غم ۾ غلطان، هوندا آهن اهڙي طرح ڏاهن جو اهو چوڻ بلڪل سچ آهي تہ سخي ۽ شوم جو ٻارهين مهيني ليکو برابر بيهندو آهي. اهڙي ريت مون هميشہ هن کي غريبن مسڪينن جا مسئلا بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي حل ڪندي ڏٺو آهي سندس چوڻ آهي تہ غريبن جا مسئلا خدا ڪارڻ حل ڪرڻ سان روحاني تسڪين ملندي آهي واقعي مون بہ سندن ويجهڙائي ۾ رهي ڪري محسوس ڪيو تہ سائين جن جي دل ۾ احساس ۽ جذبن جو قدر آهي پاڻ وري نندن ۽ وڏن سان ايڏي تہ شفقت واري انداز ۾ ملندو آهي جنهن جي ڇا ڳالهه ڪجي، سندس شخصيت تي ٺهڪندي ڪنهن شاعر جون سٽون آهي تہ.

ڪي ڪي ماڻهو ڏاڍا پيارا
ڪي ڪي ماڻهو محبت وارا
ڪي ڪي ماڻهو موتي داڻا

ڪي ڪي ماڻهو مکڻ چاڻا
ڪي ڪي ماڻهو امرت ڌارا
ڪي ڪي ماڻهو ڏاڍا پيارا

سيد عبدالنبي شاهه جيلاني به هن وقت ٺل شهر ۾ رهائش پزير آهي سندس ٻه فرزند سيد شاهزيب شاهه جيلاني ۽ سيد شهباز علي شاهه جيلاني آهن. پاڻ ٺل شهر جي انهن اهم ماڻهن مان آهي جن نوجوانن ۾ هميشه اتساهه جي سگهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هن جا نصيحت ڀريل گفتا ۽ انقلابي ڳالهيون وطن ۽ قوم جي بقا لاءِ ڪيل ڪوششون قلم کڻڻ تي مجبور ڪن ٿيون ڇو ته سائين جن جي ذهني سطح تمام وسيع آهي ۽ دنيا جي وڏن ڏاهن جيان ڪتابن جي مطالعي جي صورت ۾ ڪچهريون ڪندو رهندو آهي. هن بيروزگاري بدحالي بدامني ۽ مهانگائي جهڙي خوفناڪ دور ۾ پر اميد ۽ آدرشي انسان رهيو آهي جنهن جو واضع ثبوت مهمان نوازي آهي هر هال ۾ خوش گذارڻ به سندن سجاڻپ آهي سندن چوڻ آهي ته هي حياتي گهڙي پل جو کيل آهي سياڻي جي سڌ ناهي ته ڪير مري ڪير بچي ان ڪري انسان اهو ڪو وکر پوکي جو سياڻي ايندڙ نسل به اهو وکر جو قل ڪائيندو اچي.

سيد عبدالنبي شاهه جيلاني تمام گهڻ پاسائين شخصيت آهي منجهس بي پناهه صلاحيتون موجود آهن سندس نالو ٺل ته ڇا پر سنڌ جي پڙهيل لکيل شعور وندن ۾ شمار ٿئي ٿو. وڏي ڳالهه اها پاڻ فقيري طبيعت جا مالڪ آهن منجهيس اجائي معتبري ۽ پاڻ پڏائڻ ڪو نه اٿس سندس شفقت ۽ محبت جي ڪري هڪڙي ئي سڏ تي سوين ماڻهو درگاهه تي پهچي وڃن ٿا. پاڻ فيصلن جي حوالي سان انصاف جي ڪري مشهور آهن هر آچر تي درگاهه شريف ٺل ۾ فيصلا ٿيندا رهن ٿا. پاڻ اڪثر ڪري سياست کان پري رهندو آهي پر جنهن سان همدردي طور زبان ڪندو آهي ته ان سان واعدو وفا ضرور ڪندو آهي اهڙي مانجهي مرد لاءِ مون کي ڪنهن شاعر جون سٽون آهن ته

هي جنم هو جنم نان تنهنجي ڪيان
قرب جو هر قدم نان تنهنجي ڪيان
سر ته ڇا گهر ٻار سڀ مان
سنڌ جو آ قسم نان تنهنجي ڪيان

منهنجي دعا آهي ته الله سائين اهڙي منڙي مرشد جي عمر دراز ڪري ۽ ائين ئي غريبن جا مسئلا حل ڪندو رهي.

*(نوٽ: هي مرشد پير سيد عبدالنبي شاهه جيلاني جي سالگرهه تي لکيل مقالو)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن جون يادون ۽ اسان ............

هو مونکان عمر ۾ ته الاهي ننڍو هو پر هن جو اٿڻ ويهڻ قرب اخلاق بلڪل پنهنجي وانگر هو. جنهن جو نالو غلام مرتضيٰ عرف ثاقب علي ٻرڙو هو 14 نومبر 1992 ۾ ڪامريڊ جمال جوش ٻرڙو جي گهر ۾ جنم ورتو هو.

ثاقب جي ننڍي لاءِ اهڙي پرورش ٿي جو هو پڪتڙا پير ڪٽندي ئي پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي جيئي سنڌ محاذ جو ننڍي ۾ ننڍو ڪارڪن بڻيو اڳتا هلي هن جيئن ئي جواني تي قدم رکيو ته

محترم بشير خان قريشي هن ننڍڙي نوجوان ۾ ولولو جوش ۽ جذبو ڏسي، ماروئڙن سان پيار ۽ ڌرتي سان عشق ڏسي جساف ضلعي جيڪب آباد جو صدر مقرر ڪيو، هو پنهنجي تعليم سان گڏوگڏ شاگرد سياست کي به هٿي وٺرائيندو رهيو، هو گَن شپ ماحول، ڀتاخوري، وڏيرڪي ڪلچر، ڪاروڪاري رسم، مطلب ته ننڍي لاءِ ڪان وٺي غلط رسمن جي خلاف هو.

پر ٿيو به ائين جيئن هو هن معاشري مان ڪاروڪاري جهڙي غليظ رسم کي ڌوئڻ جي ڪوشش ۾ هو ته خود ان غليظ رسم جي ور چڙهي ويو، هن معاشري جي بهبود ۽ ڀلائي جي ويرين هن معصوم ٻالڪ سائين جي اير سيد جي پتڪڙي سپاهي کي هن ڪڏي رسم تحت قوم جواني ۾ ئي شهيد ڪيو ويو.

مار پوي موت تون ته اٺمنداٿتو آهي
ڪارونجهر جي قد جهڙا ڳهايئي اهڙا گهوٽ
تنهنجي هر ڪا چوٽ ماتم تي ميڙي اچي

اسان جي بدنصيبي اها آهي جو اسان جي معاشري ۾ ڪو نوجوان اڃان مس سامائجي ٿو، پنهنجي ۽ پرائي کي سمجهي حق ۽ سچ جو آواز بلند ٿو ڪري ته هي معاشرو ان گل کي پاڙون ئي پٽي ڇڏي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هي وحشي درندا ان کي پاڙون ئي پٽي ڇڏيندا آهن پوءِ آخر هن معاشري ۾ ڪڏهن سڌارو ايندو....! ڪڏهن اسان ۾ بري ۽ ڀلي جي سڃاڻ ايندي....! ڪڏهن اسين سڃاڻ شهري ٿينداسين....؟
ڪڏهن اسان مان خوشامند ختم ٿيندي...........!

خوشامند جو ڪو اهڙو واءُ گهليو آهي جو بہ هن جديد دور ۾ بہ اسان جي ذهنن تي غلط رسمن جو زنگ چڙهيل آهي دنيا تبديل ٿي وڃي چنڊ تي پهتي آسان اڃان رسمن جي چار ۾ قاتل آهيون انهن غلط رسمن تہ ڪيئي ويڙها برباد ڪري ڇڏيا آهن شهيد ثاقب بہ ان ئي غلط رسم جي ور چڙهي ويو. شهيد ثاقب جون ساروڻيون سارينديں اڄ بہ تنظيمي دوست اختر جعفري ٻڌائي ٿو تہ شهيد ثاقب ٻرڙو سائين جي ايم سيد جو هڪ ننڍڙو سچو دلير ڪارڪن هو. هن ۾ ننڍ وڏائي ادب احترام ايترو تہ هو جو لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

هڪ يادگار واقعو ٻڌائيندي هن جي اکين مان گوڙها ڳڙي تا پون ٻڌائي ٿو تہ هڪ ڏينهن جيئي سنڌ قومي محاذ جي مرڪزي هڙتال جو سڏ هو ان ڏينهن ٿل ۾ منهنجي ۽ شهيد ثاقب جي اڳواڻي ۾ هڙتال ٿي، بلوچ ڪالوني پرسان ايم ڪيو ايم جي چاڙتن سان سنڌن جيهڙو ٿي پيو جو شهيد ثاقب گولين جي هلندڙ گونج ۾ بہ موت جي پرواهہ نہ ڪندي دليري ڪارڪن جو ساٿ ڏئي پنهنجي ڪارڪن کي هر طرح جي نقصان کان بچائي ٻاهر رش مان ڪڍي آيو. اڄ بہ هن جون يادون اسان جي دلين ۾ چٽيل آهن جو جسماني طرح تہ اسان کان وڇڙي ويو آهي ليڪن روحاني طرح هو اڄ بہ اسان جي دلين زنده آهي زنده رهندو دعا آهي تہ رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي."آمين"

وڏن جي رسمن تحت ٻارن جي ننڍي عمر ۾ مڱڻو ڪري کين پابند بڻايو ويندو آهي پر زندگي جي هڪ اهم ذميوارن، شادي جي صورت ۾ سونپي وجي ٿي. ننڍي عمر جي شادي هڪ اهڙو مٺو زهر آهي جنهن جي اڳرن نتيجن کان اهي ٻار اڻواقف هجن ٿا اهي ٻار اڻڄاڻائي جي عالم ۾ ان عمل کي قبوُل ڪري وٺن ٿا ۽ ان شادي کي به راند جو هڪ حصو سمجهڻ لڳن ٿا جيڪڏهن ڪو به ٻار شادي کان انڪار ڪندو آهي ته ان کي مڃائڻ خاطر ٻين ٻارن جا مثال ڏنا ويندا آهن ته فلاڻو ٻار تو کان به ننڍو آهي ان به شادي ڪئي آهي ۽ تون نٿو ڪري...؟ يا ڪن ڇوڪرن جو مڱڻو پاڻ کان ڪيترائي سال وڏن عورتن سان ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ ڇوڪري جا مائٽ تڙ تڪڙ ڪرڻ لڳندا آهن ته وارو ڪري پنهنجي امانت وٺي وڃو اسان جي ڇوڪريءَ جو مٿو اڇو پيو ٿئي. وڏن جي غلط مٽي مائٽي سبب ڪڏهن گهوٽ ننڍو ته ڪنور وڏي هجي ڪڏهن گهوٽ وڏو ته ڪنوار ننڍڙيون ٿين ٿيون پر اڪثر ڪري ٻهراڙي ۾ گهوٽ ۽ ڪنور ٻئي ننڍا هجن ٿا ته سندن شادي ڪرائي وجي ٿي ٻهراڙي ۾ تعليم جي گهٽتائي هڪ اڌوري زندگي جي تصوير ۾ پيش ڪري ٿي. ان اڌوري زندگي ۾ وڏن جي طرفان مڙهيل شاديون ڪرڻ وارن جوڙن جا ٽهڪ به سندن نڙي ۾ اٽڪي اڌورا رهجي وڃن ٿا. اهي ٻارڙا اڃان تائين ننڍن ٻارن واريون حرڪتون ۽ عادتون به ترڪ نٿا ڪري سگهن ته مٿن شادي جي سنجيده زندگي مڙهي وڃي ٿي، جيڪا هڪ مستقبل بي چيني جو سبب بڻجي پئي ٿي، پر اهي وڏڙا چوندا وري ائين اسان پنهنجو فرض پورو ڪيوسين ۽ ٻچڙن جون شاديون ۽ خوشيون اکين سان ڏٺيوسين هاڻي الله آباد ڪندن جيڪو نصيب هوندن سوئي ملندن پر ٻچن جي خوسين کي ڏسندڙ انهن بزرگن کي ٻچن ڏانهن ايندڙ ڏک نظر نٿا اچن....؟ اها پٽري حقيقت وڏڙا تسليم نٿا ڪن ته گهر آباد ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا نٿي گهرجي. ڪمائڻ جا وسيلا گهٽ هجڻ ڪري ڊپريشن ۾ مبتلا نوجوان مرد ۽ عورتون عذاب جي زندگي مان بور ٿي ٿا پون پوءِ واسطا خراب ٿيڻ لڳن ٿا. جن جا سڌا سنوان اثر انهن جي ٻارن تي پون ٿا ۽ انهن جو مستقبل خطري ۾ پئجي وڃي ٿو. اهڙيون شاديون نه رڳو هڪ نسل سان زيادتي آهي بلڪ انهن جي اولاد سان به زيادتي آهي اهڙي هر رسم جيڪا ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن اسان کي انهن خلاف هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي مهم هلائڻ گهرجي ۽ نئين نسل کي اها ڳالهه سمجهائڻ گهرجي ته صرف شادي ئي زندگي جو مقصد ناهي دنيا چنڊ تي پهچي چڪي آهي ۽ اسين اهي ئي چند تي ويٺا آهيون ان لاءِ وڏن کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جي باري ۾ صحيح منصوبا جوڙين ۽ صرف پنهنجن خواهشن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ ٻچڙن جون زندگيون نہ اجاڙين جيئن هو پنهنجي خوبصورت زندگي ۾ فيصلو پاڻ سوچي سمجهي ڪري سگهن ڇو تہ سڄي زندگي انهن کي گذارڻو آهي. ان لاءِ اسان کي ننڍي عمر جون شاديون ۽ چٽي عيوض ڏنل سڱن خلاف آواز اٿارڻ جي ضرورت آهي نہ تہ انهي ڪريل رسمن تحت ڪيئي معصوم ناريون عذاب جي زندگي گذارڻ تي مجبور هوندا. ان لاءِ اسان تي لازم ٿئي ٿو تہ اسين اهڙن گندن رسمن خلاف آواز اٿاريون ۽ هڪ نئين ولولو پيدا ڪريون جيئن نئين نسل ۾ سجاڳي پيدا ٿئي.

*نوٽ: هي مضمون روزاني خبرون اخبار ۾ ڇپيو ويو.*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد الله بخش سومري جي ملڻ جهلڻ ماناٽي طبيعت هن کي پوري هند ۽ سنڌ ۾ هڪ الڳ ۽ قدآور حيثيت ڏياري ڇڏي، سنڌي سماج ۾ هميشہ کان وٺي اهڙن دلير ۽ بهادر ماڻهن سان محبت ڪئي آهي. شهيد الله بخش سومرو دليلن ۾ الجهڻ بدران وطن سان محبت جي عملي اظهار ۾ يقين رکندڙ ماڻهو هيو. اڄ اسين هڪ سو پندرهن سالگرهہ جي موقعي تي سون ٻي تعداد ۾ باشعور اهل علم انتهائي پيار ۽ ادب منجهان گڏ ٿي ڪري عقيدت جا گل نڇاور ٿا ڪريون ۽ دعا ٿا ڪريون تہ رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا ڪري ۽ اسان کي ڇڏيل مشن تي پاياءِ تڪميل پهچائڻ جي سگهہ عطا ڪري ۽ سندن خوابن کي ساپيان ڏيون تہ جيئن سندس روح کي تسڪين ملي سگهي.

(نوٽ: هي مقالو ٿل هسٽاريڪل سٽ ٿل پاران ملهايل 115 سالگرهہ جي موقعي تي پڙهيو ويو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سنڌ ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو سنڌي آهن پلي اهي ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندڙ ڇو نه هجن، هن صورتحال ۾ سنڌي، اردو، بلوچي، پشتو ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ امن پسند ماڻهن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ هنن سازشين جي سازشن کي ناڪام بڻائڻ گهرجن، حالتن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳئي ا ڙاهه ۾ ڌڪڻ کان بچائڻ لاءِ اڇو ته سڀ سنڌ دوست گڏجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪريون ۽ پنهنجي ڌرتي جا محافظ بڻجي سازشين جي مقصدن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون اهڙن شر پسند ماڻهن کان ڌرتيءَ آزاد ڪيون.

(نوٽ: هي مضمون روزاني پاڪ سنڌ اخبار ۾ 07-06-2012 ۾ ڇپيو ويو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق نہ پڇي ذات

سج نئون پئي اڀريو سج جا ڪرڻا اڪيون مهانيندي ڌرتيءَ جي سونهن سان ياڪرين پئي مليا. گهر جي آڳڻ ۾ اڃا هلڪڙو انڌيرو هو. چئو طرف، خاموش ئي خاموشي هئي. يوسف جو رت ۾ وهنتل لاش اڱڻ ۾ رکيل هو. جنهن جي هٿن ۽ پيرن کي سندس ماءُ سهرا ڳائيندي ميندي لڳائي رهي هئي. نوجوان پٽ جو اکين آڏو لاش پيل ڏسي امڙ هوش ئي وڃائي ويٺي هئي. ڳلو جهڙوڪ خشڪ ٿي ويو هجيس ڪا ٻڙڪ واتان ڪو نہ پئي ٻولي سندس اکيون صحرا جو ڏيک ڏئي رهيون هيون.

ڪجهہ ئي دير ۾ يوسف جي لاش جي ڀئي پاسي ويٺل عورتن خاموشي ٽوڙيندي چوڻ لڳيون تہ ادي يوسف تہ ڀلو ڇوڪرو هيو. هر هڪ ڳوٺ جي نياڻي هن لاءِ ماءُ ۽ ڀيڻ جهڙي هئي. پوءِ هن اهڙو ڪلهو ڪم ڪيئن ڪيو نہ نہ ايئن نہ هوندو. ضرور وڏيري ڪو چڪر ڪيڏيو آهي.

آءُ هارايل جوئاري جيان هجوم ڪان پري يوسف جي اهڙي اٿمندائتي موت تي سوچي ۽ ڳوڙها ڳاڙي رهيو هوس آخر سوچيندي سوچيندي آءُ ماضي ڏانهن موٽي ويس. جتي واهہ جي ڪپ تي ويهي يوسف ۽ آءُ دير دير تائين ڪچهري ڪندا هياسين. مون کي ياد آهي هڪ ڏينهن ٿڌو ساهہ کڻي يوسف مون کي چوڻ لڳو تہ يار حاڪم ٻڌ تہ:

• ...ن ڪيس وراڻيو ڇئو يوسف ڇا ٿو چوڻ چاهين تہ ايتري ۾ يوسف چوڻ لڳو تہ حاڪم تو ڪڏهن ڪنهن سان عشق ڪيو آهي.

مون کيس مزاق ۾ وراڻيو "عشق" ڇا ٿيندو آهي

واقعي تو کي ”عشق“ جي خبر ناهي حاڪر
ها خبر ناهي
عشق تہ ان هستيءَ جو نالو آهي. جنهن جي ڪري هيءَ پوري ڪائنات خدا خلقي آهي تو کي مون کي خلقيو آهي.
مون ڪيس وراڻيو ڇڏ يار يوسف اهڙي ڳالهين کي جيڪي سمجھ کان ئي ٻاهر هجن منهنجي ان لفظن تي يوسف صفا ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ چوڻ لڳو.
حاڪر خدا ڪري تو کي بہ مون وانگر ڪا سسيءَ جيڏي چوٽ لڳي ۽ پوءِ تو کي خبر پوي تہ عشق ڇا ٿيندو آهي. وري چوڻ لڳو تہ يار تو کي تہ سڀ خبر آهي. مون توکان ڪڏهن بہ ڳالهہ ناهي لڪائي. توکي تہ اها بہ خبر آهي تہ آءُ ننڍپڻ کان وٺي پري کي پسند ڪندو آهيان. پر اڄ هڪ عجيب ڪشمڪش ۾ آهيان.
خير تہ آهي نہ وري ڇا ٿيو آهي
ماسي صفوران کي سڃاڻين نہ. جيڪا وڏيري جي نوڪرياڻي آهي.
ها! چڱيءَ طرح ڇا ٿيو آهي ماسي صفوران کي
ماسي صفوران کي تہ ڪجھ نہ ٿيو آهي پر اڄ مون وٽ آئي هئي ۽ چئي وئي آهي تہ نندي سائنڻ يعنيٰ پري مون کي رات حويليءَ ۾ پوئين دروازي وٽ گهرايو آهي ۽ اهو بہ چئي وئي آهي تہ سائنڻ چيو آهي تہ اڇجانءَ ضرور ان ڪري آءُ پريشان آهيان ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان.
مون کي تہ ڪجھ بہ سمجھ ۾ نٿو اچي آءُ تارازي جي ٻن پڙن خوشيءَ ۽ ڊپ ۾ اٽڪيو پيو آهيان.
ڪيس چيم. يوسف جي منهنجي مڃين تہ اصل ان اڙانگي عشق کان ڪوهين ڏور پڇي وڃ. عشق سان پنهنجو ڇا وڃي. پاڻ مسڪين ڳوٺاڻا آهيون. اڃايو ان چڪر ۾ ئي نہ پئو عشق ڪرڻ پينهنجي لاءِ سڀ کان وڏو گناھ آهي.
ڇو عشق ڪرڻ اسان لاءِ گناھ آهي ڇا اسين انسان ناهيون ڇا الله پاڪ اسان کي سيني ۾ دل ناهي ڏني. ڇا اسان جانورن جيان احساسن ۽ جذبن کان خالي آهيون. ڇا تون مون لاءِ وري پيو ملان شاھ بخش ٿئين ڇا پنهنجون حديثون پنهنجون شريعتون ۽ پنهنجون فتوائون اٿئي ڪاوڙ مان چوندي چوندي اٿي هليو ويو.

پريءَ جو آواز ٻڌندي ئي ڏانهن ساڻن قدمن سان وڌندو ويس. وڌندو وڃي ساڻس سيني سان لڳس ۽ هن به پنهنجون ٻانهون ڪٽي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙيو ۽ منهنجو چهرو چمندي رهي. ان وقت منهنجي خوشيءَ جي انتها هئي. ايتري ۾ ٻانهن جي ڀڪوڙ ڍلي ڪندي چوڻ لڳي. يوسف مون جيڪي ننڊپڻ ۾ خواب ڏٺا ها. ۽ خوابن جنهن شهزادي کي مون هميشه ڏٺو هو سو تون ئي آهين ۽ تون ئي منهنجو گهوٽ ٿيندين تو کان پري منهنجو جيئڻ ڪهڙي ڪم جو آهي يوسف هاڻي هڪڙو ڪم ڪر.

ڪيس وراڻيم وري ڪهڙو......!

هاڻي مون کي هن قيد مان آزاد ڪر. مون کي پاڻ سان وٺي هل. نئين ڪا پاڻ هلي ٿا دنيا وسايون هن حويليءَ جي ڊگهين ۽ اوچين ديوارن جي اندر منهنجو ساهه ٿو ٻوساٽجي.

پري ڏس پاڻ کي ڪو به اهڙو تڪڙو قدم کڻڻ نه کپي جنهن ۾ پاڻ ٻنهيءَ جو نقصان ٿئي. ايتري ۾ ماسي صفوران جو آواز ڪنن تائين پهتو. ماسي صفوران چئي پئي ته:

بس اڄ ڪوڙ ٿي. ڪجهه ڳالهيون سڀاڻي لاءِ به بچايو. ڏسو وقت جو گهوڙو ڪيڏو تيز پيو ڊوڙي. صبح جو ٻاڪاٽو ڦٽڻ تي آهي ايئن نه ٿئي جو سڄ پنهنجي آب تاب سان اڀري اچي ۽ حويليءَ جون هي ڊگهيون ۽ اوچيون ديوارون به دلاور خان جي ڪاوڙ کان اوهان کي پناهه نه ڏئي سگهن.

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا، هو هميشه هيراڪ
لڳن لنئون لطيف چئي. فنا ڪيا فراق
توڻي چڪنن چاڪ، ته به آهه نه سلن عام سين

مان به توهان جي عشق جي باهه ۾ آءُ به نه سڙي وڃان. ايتري ۾ پريءَ ماسي صفوران کان سوال ڪيو ته ماسي الله پاڪ پنهنجي محبوب سان ملڻ وقت 18 هزار سالن جي هڪڙي رات ڪئي هئي. ڇا الله پاڪ اڄ هيءَ رات ٻن راتين جي نٿو ڪري ته مان به پنهنجي محبوب يوسف سا ن کوڙ ساريون ڳالهيون ڪري وٺان. پريءَ جي ان سوال تي ماسي صفوران صفا چپ ٿي وئي ڪو به جواب ڪو نه ڏئي سگهي ۽ چوڻ لڳي.

ڏيءُ بس هاڻي جڏ موڪلن ڏي يوسف ڪي تہ گهر وڃي اجهو ڳوٺ جا ماڻهو سجاڳ ٿيا. ڪنهي کي مسئلو نہ ڪرُ ڪٽي.

دل تہ پريءُ ڪان پري ٿيڻ لاءِ منهنجي بہ راضي ڪو نہ هئي. پر مون پريءُ کي بہ وڃائڻ نہ پئي چاهيو تنهنڪري نہ چاهيندي بہ احساسن ۽ جذبن جا ڳلا گهٽيندي وري ملڻ جو چئي پريءُ ڪان موڪلائي آيس.

يار يوسف مون کي ڏاڍو ڌڪ پيو ٿئي. ڪنهي کي نقصان نہ ٿي پوي. يوسف منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو تہ. يار حاڪم مون اهڙو ڪو ڪنو ڪم ناهي ڪيو ۽ نہ ئي وري ڪندس جو سياڻي مون کي يا منهنجي گهر وارن کي پڇتائڻو پوي. منهنجو عشق اڄ بہ پاڪ آهي ۽ سياڻي بہ پاڪ ئي رهندو.

پريءُ ۽ يوسف جو ملڻ روز جي معمول ۾ شامل هو. جيترو هي پريءُ لاءِ پريشان هوندو هو. سمجهان ٿو تہ پري بہ هن لاءِ اوترو ئي پريشان هوندي هئي. هڪ ڏينهن آئون شام جو پنهنجي گهر ۾ فوڪ ميوزڪ ٻڌي رهيو هوس تہ اوچتو يوسف جو فون آيو. آواز ۾ ڏاڍو ڏڪ پيو لڳي. هلڪي آواز ۾ چيائين. حاڪم ڪٿي آهين. ڪيس وراڻيم تہ گهر آهيان چو خير تہ آهي آڄ تون ڏاڍو مايوس ۽ پريشان پيو لڳين.

بس يار حاڪم فون تي توکي ڪجهہ بہ نٿو ٻڌائي سگهان سياڻي ڪٿي هوندين ۽ مون سان ضرور ملجان ۽ ها پر ڪٿي ملندين.

اتي ئي ڳوٺ واري واهہ تي جتي پاڻ روز ملندا آهيون. جيڪو پنهنجي ملڻ جو ٿاڪ آهي.

ٻئي ڏينهن جڏهن اسين ملياسين تہ اڄ مون کي يوسف ساڳيو ڪلهو ٺهڪنڊو ملڻو يوسف نہ لڳو. ڏاڍو مايوس هو. ۽ ويٺي ويٺي خيالن ۾ پئي گم ٿي ويو. وري وري سندس ٻانهن کي لوڏو ڏيئي پئي واپس پاڻ ڏانهن موٽايو پر هي ڪا بہ ڳالهہ مون کي نہ پئي ٻڌائي سگهيو چپن تي ڳالهہ آڻي وري چپ ٿي ٿئي ويو هن جي اندر ۾ وڏي ڪا ڪشمڪش هئي جيڪا هن کي بي آرام پئي ڪري ڇڏي، آخر آئون بہ چپ نہ رهي سگهيس ڪيس چيم چا ڳالهہ بہ جيڪا مون کي تون ٻڌائيندي ٻڌائيندي رهجي ٿو وڃين.

چوڻ لڳو حاڪم آءُ هڪ غريب گهراڻي جو چوڪرو ۽ رٽائرڊ ماستر جو پٽ آهيان. توکي ان ڪري هت گهرايو اٿم تہ پري جو سڱ وڏيري ڪان

ڪيئن گهرجي چو ته آئون پريءَ کان سواءِ نٿو رهي سگهان. پريءَ کان سواءِ جياپي جو ڪوئي مقصد ئي ڪونهي پري ئي منهنجي حياتي جو اصل مقصد آهي.

ڪيس دلداري ڏيندي چيم. يار ايئن ڪونهي حياتي الله پاڪ طرفان مليل هڪ خوبصورت تحفو آهي. اها ان جي ئي امانت آهي ۽ ان جي راهه ۾ ئي خرچ ڪجي. ڪو به ڪنهن جي لاءِ ناهي مرندو. سياڻو ٿي دلاور خان هڪ گندي ذهن جو مالڪ آهي. اهو ڪڏهن به ايئن ڪو نه چاهيندو. تنهنڪري بهتر ايئن آهي ته تون پريءَ جو ذهن مان خيال ئي ڪڍي ڇڏ ۽ پريءَ کي به چئي ڇڏ ته اها به ايئن نه سوچي يوسف ڌرتي ۽ آسمان کي پاڻ ڪڏهن ملندي ڏٺو اٿئي اوهان ٻنهي ۾ به ايترو مفاصلو آهي. ايتري ئي هيٺ مٿاهين آهي اهو ممڪن ئي ڪونهي جو وڏيرو دلاور پريءَ جو سڱ توکي ڏي. مون هن کي ڏاڍو سمجهايو پر هي ڪو نه مڙيو. ۽ مون کان موڪلائي سج لهڻ کان پوءِ معمول مطابق پريءَ ڏانهن روانو ٿي ويو ساڳيو ئي حويليءَ جو پٺ وارو دروازو ۽ ساڳئي ماسي صفوران پريءَ جي چوڻ تي هن کي وٺي وڃڻ لاءِ انتظار ۾ بيٺي هئي. يوسف جي موڪلائڻ کان پوءِ آئون به گهر هليو آيس. ماني کائي وڃي بستري تي سست پر ننڊ اکين کان ڪوهين ڏور هلي وئي هئي. ذهني سڪون روپوش ٿي ويو هو. گهڙيءَ گهڙيءَ سوچن ۾ گم ٿي پئي ويس، ته آخر يوسف جو ڇا ٿيندو، يوسف ماءُ پيءُ جو هڪڙو پٽ آهي جيڪڏهن ان کي ڪجهه ٿي پيو ته پوءِ ماسي قابل ۽ چاچي عرس جو ڇا ٿيندو.ا نهن جو سهارو ڪير بڻجندو هي ته ٻئي غريب جيئري ئي مري ويندا. يا الله منهنجي يار يوسف ڏي خير ڪجان ۽ پنهنجي امان ۽ حفظ ۾ رکجان ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ يوسف جو پئي خيال آيو جاڳندي جاڳندي اڌ رات گذري چڪي هئي ته اوچتو پر سڪون فضا ۾ ڳوناٽن جو آواز گونجيو چور چور آيوڙي آيو اجهو ڀڄاسين.

ڪڏي ئي ٽي چار بندوق جا فائر ٿيا. آءُ به ڇرڪ ڀري گهر کان ٻاهر نڪري آيس. سڀ ڳوناٽا وڏيري جي حويليءَ ڏانهن ڊوڙندا پئي ويا. تنهن وقت مون کان بي ساختا دانهن نڪري وئي ۽ سوچيم ته اڄ يار يوسف مون کان موڪلائي ويو. آئون به ڊڙندو وڃي حويليءَ جي وڏي دروٽ پهتس. ڳوناٽن پئي چيو ته اڙي هي ته بيغرت ماستر عرس جو پٽ

يوسف آهي چڱو ٿيس پرايون پتيون اورانگهندو نه مرندو نه. پٽ به وري وڏيري جي اچي اورانگهي اٿائين. هن کي ته ٽڪر ٽڪر ڪرڻ ڪپندو هو. منهنجو مٿو چڪرائجي رهيو هو. ڪجهه سمجهه ۾ ئي ڪو نه پئي آيو. ماڻهن جي ڪلهن تي هٿ رکندو اڳتي وڌي ويس. ڏٺم ته يوسف سڄو سارو رت ۾ لال لڳو پيو هو مٿس ٽي بندوق جا فائر ٺيل هئا. فائر مان ايئن پيو لڳي ته جهڙوڪ ڪنهن هٿ ڪان جهلي فائر ڪيا هجن. وڏيرو ايترو ئي ظالم آهي ايئن ٿي به سگهي پيو. ايتري ۾ رئيس وڏي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جنهن چيو پئي ته ڪٽو بيغرت جو لاش مالڪن جي وڃي منهن ۾ هڻو.

ڳوٺاڻا يوسف جو لاش کڻليندا اچي چاچي عرس جي گهر ۾ اڇلايو ۽ سڀ پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. يوسف ماسي ڦاپل ۽ چاچي عرس کي اکين ۾ ڳوڙها ڏئي هميشه لاءِ موڪلائي ويو. ٻڌڻ ۾ آيو ته پريءَ به ٻئي ڏينهن زهر پيئي پنهنجي حياتي جو انت آڻي ڇڏيو

*(نوٽ: هي ڪهاڻي روزاني خبرون ۾ ڇپيو ويو)*

# شڪارپور جو شرميلو شاعر حاڪم گل مهر

ڪائنات ۾ انهن انسانن جو جنم سجايو ٿي ويندو آهي جيڪي پنهنجي جيون کي سڦل ڪرڻ خاطر حياتي جون سموريون صلاحيتون خدا جي خلق لاءِ وقف ڪندا آهن.

تاريخ ۾ ڪنهن بہ فرد جو پورهيو ۽ ڪردار لڪل نٿو رهي بلڪل ائين ئي شڪارپور ضلعي مالهي ڳوٺ جي نوجوان شاعر سماجي ورڪر حاڪم گل مهر جو بہ ڪردار ڪنهن کان ڳجهو نہ آهي.

اڄ پنهنجي دنيا داري جي ڪمن ۾ مصروف ئي هوس تہ اوچتو موبائل جي گهنٽي لڳي آواز آيو تہ حاڪم پاڻ حاڪم ٿو عرض ڪريان وراڻيم حاڪم تہ حڪم ڪندا آهن اوهان ڪهڙا حاڪم آهيو. چيائين تہ اڄ ملڪي حاڪم نہ پر حاڪم گل مهر آهيان جي منهنجا نالي پائي پيارا حاڪم ڪهڙا حال آهن چيائين تہ هن گرمي ۾ ڪهڙا حال بس ساڳيائي حال آهن پر 22 مئي منهنجي ڪتاب خواب مهڪي پيا جي مهورت تقريب آهي اوهان کي اچڻو آهي واهہ واهہ تمام سٺي ڳالهہ آهي ڪتاب جون مبارڪون چيم حاڪم سائين اوهان جو حڪم اکين تي اچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪبي.

سوچيم تہ ساٿي سنگتي ساهيڙيون مقالا پڙهندا شعر پڙهندا اڄ هٿين خالي ڪئين وڃان، هڪ سماجي ورڪر شاندار شاعر يارن جي يار جو ڪتاب جي مهورت پروگرام تي ڇا کڻي وڃان، جتي فقط تاڙيون نہ وڄنديون ڪيڪ نہ ڪاٽبو مگر سٺي رهاڻ رچندي حاڪم گل جي ڪاوشن تي مقالا پڙهبا اتي مون کي بہ ان محبتي مهندار دوست کي لفظن جي پيٽا ڏيڻي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم گل مهر جي نيٽن جيُ اوطاقن ۾ سنڌ جا ڪيئي دک ۽ درد مهمان بڻيل آهن هو پنهنجي شاعري جو ڏيئو تڏهن ٿو ٻاري جڏهن سنڌ جا گلن جهڙا ٻارڙا مستقبل جا معمار پنهنجي پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ گهر گهر گهٽي گهٽي ۾ پنندي ڏسي ٿو جڏهن ٻاٽي پرڻ لاءِ ڪامڻيون اڄ بہ ڏورانهين پنڌ تي رمندي ڏسي ٿو. جڏهن پيار جا پرٿا ڪندي ڏيهہ جون نينگريون ڪاريون ڪري ماريون وڃن ٿيون ۽ سندس مائرن جون درد پريون ڪيهون سندس ڪنهن ۾ پون ٿيون. جڏهن روزگار نوجوان وقت جي جابر حاڪمن جي روش جي ڪري جياپي جي جنگ لاءِ ڌاڙيلن ۽ ڦورن ۽ غلامي وارو رستو اختيار ڪن ٿا تڏهن حاڪم گل مهر جو قلم لرزش ۾ اچي ٿو لکي ٿو تہ

او زمانا تنهنجي رسمن جي ڪري
خواب ڪنهن لوڙهي چڏياهن پيار جا

حاڪم گل مهر هڪ حساس ۽ دل لپائيندڙ شاعري جو سرجيندر آهي ۽ جلدي پڙهندڙن جي دلين ۾ لهي احساسن جا ڏيئا ٻاري ٿو لکي ٿو تہ:

اسين آهيون ڪليل ڪتابن جئيان
اوهان چو رهو ٿا حسابن جئيان
اچي جهٽ سواءِ هليا ٿا وڃو
سدائين وڇوڙن جي خوابن جئيان
تنهنجي شهر جي پيچرن مان پرين
اچي پئي ٿي خوشبو گلابن جئيان

حاڪم گل مهر نئين ٽهي جي شاعرن ۾ سگهاري سوچ رکندڙ شاعر آهي جنهن جو هي پهريون گلدستو خواب مهڪي پيا.

دلين جي گلدان ۾ اهڙي خوشبو جا اثر ڇڏيندو جو مدتون پنهنجون معيار رکي ادبي دنيا ۾ مڃتا ضرور ماڻيندو.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

*(نوٽ: حاڪم گل مهر ڪتاب خواب مهڪي پيا جي مهورت تقريب ۾ پڙهيل مقالو)*

واڪا ڪري مون وس

حاڪم علي ڪٽوهر

سهڻارا پبليڪيشن حيدرآباد

61



هي جهان نئي جستجو جو آهي، زندگيءَ جو اصول آهي ته جن جستجو ڪئي سي نئي دنيا ۾ جيتي ويا، بي همتو تي لَڏو لاهي ويهي رهڻ، اهو ڪانئرن ڪم، ان کي جيئڻ ڪونه ڇئبو.

احساس بنا ماڻهو، اخبار پراڻي آ.

اياز گل جو مٿيون خيال ڪيڏو نه پختو ۽ معنيٰ خيز آهي جنهن وٽ احساس هجن ٿا، اُهي ئي ماڻهو هلڻ، هڪلڻ ۽ سارڻ جو ڪم ڪري ڄاڻن ۽ اهي ئي ماڻهو تاريخ جا ڪردار ٿين ٿا.

تاريخ جيڪا ڪڏهن به مرندي ناهي، پنهنجي محبوب ڪردارن کي سيني ۾ سانڍي جيئدي رهندي آهي، اسان جو يار حاڪم به ساڳئي ڪرت سان جٽيل آهي، جنهن ڪڏهن ڪهاڻي ته ڪڏهن مضمون، ڪڏهن شاعريءَ ته ڪڏهن ڊائريءَ جي صورت ۾ سماج جي براين جي پيو نشاندهي ڪري ۽ ان جي حل لاءِ رستا به پيو جوڙي ۽ ڳولي.

حاڪم علي ڪٽوهر جي ڪهاڻين، مضمونن توڙي ڊائري جي ورقن ۾ ڀرپور ۽ جاندار احساس پويل آهن.

حاڪم جي ڪهاڻين، مضمونن ۽ ڊائريءَ جي ورقن ۾ فني ۽ بيهڪ جي حوالي سان يا ڪردارن جي ورچ جي حوالي سان يا مقالمن جي حوالي سان ڪوڙ ڪچايون ڦڪايون آهن. پر پلاٽنگ لائيننگ، سماجي جڪ جوڙ، ننڍي وڏائي واري ويڙهه ۽ ماحولياتي گدلاڻ جا منجهن چٽا عڪس چٽيل آهن. حاڪم جي ڪهاڻين، مضمونن ۽ ڊائري جي ورقن جا ٿيم ۽ ڪلائيمڪس ڏاڍا لاجواب آهن. منهنجي دعا آهي ته حاڪم سدائين ڌرتيءَ ۽ سرتي تي لکڻ واري ڪرت سان نڀائيندو اچي. (آمين)

**وفا پرڙو/ٽل**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪانئُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چار ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ڦهلائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اجڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٿيندڙ نوجوان نسل ۾ جيڪا تڪڙي ۾ پاڻ ڪي پڙهڻ ۽ ٻين کي پاڻ کان دور رهڻ جي سوچ مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان ڳڌ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book